هائير ايجوڪيشن ڪميشن کان منظور ٿيل

ڇهه ماهي

# سنڌي ٻولي

[تحقيقي جرنل]

جلد چوڏهون ـ شمارو ٻيو
ڊسمبر 2021ع

ISSN: 2519-9765



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

[ هائيَر ايجوڪيشن ڪميشن ڪان منظور ٿيل ]

چهه ماهي

# سنڌي ٻولي

تحقيقي جرنل

جلد چوڏهون- شمارو ٻيو

ڊسمبر - 2021ع

**ISSN: 2519-9765**

ايڊيٽر

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

**سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو**

**حيدرآباد، سنڌ**

## ايڊيٽوريل/صلاحڪار بورڊ (ڏيهي)
## Editorial/Advisory Board (National)

**پروفيسر ڊاڪٽر نواز علي شوق**
اڳوڻو چيئرمئن
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

**پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين**
اڳوڻي چيئرپرسن،
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

**ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري**
محقق ۽ ماهر آثار قديمه

**پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو**
اڳوڻو چيئرمئن، سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

**پروفيسر ڊاڪٽر اسحاق سميجو**
چيئرمئن، سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

**پروفيسر ڊاڪٽر ادل سومرو**
اڳوڻو چيئرمين، سنڌي شعبو
شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپورميرس

**ڊاڪٽر حاڪم علي ٻرڙو**
اسسٽنٽ پروفيسر
علامه اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد

**ڊاڪٽر منظور علي ويسريو**
اسسٽنٽ پروفيسر (NIPS)
قائداعظم يونيورسٽي، اسلام آباد

## ايڊيٽوريل /صلاحڪار بورڊ (پرڏيهي)
## Editorial /Advisory Board (International)

**ڊاڪٽر چينو لالواڻي**

اسڪالر / اڳوڻو ڊائريڪٽر

نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگئيج (ڀارت)

**پروفيسر ڊاڪٽر ٻلديو متلاڻي**

اڳوڻو چيئرمئن، سنڌي شعبو

ممبئي يونيورسٽي، (ڀارت)

**ڊاڪٽر روشن گولاڻي**

چيئرمئن بورڊ آف اسٽڊيز،

گجرات يونيورسٽي، احمد آباد، (ڀارت)

**ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي**

پريزيڊنٽ (وومين ونگ)

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا (ڀارت)

**ڊاڪٽر هاسو دادلاڻي**

هيڊ، سنڌي شعبو

SPC گورنمينٽ (P.G) ڪاليج، اجمير شريف (ڀارت)

**ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي**

سربراهه، سنڌي شعبو

چاندي ٻائي ڪاليج، الهاس نگر (ڀارت)

**ڊاڪٽر سريش بابلاڻي**

ريسرچ اسڪالر

اجمير شريف (ڀارت)

فهرست

## ( ٻولي )


- ايڊيٽوريل — ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

1. قومن جي ترقيءَ ۾ مادري زبانن جو ڪردار 09-17
 — ڊاڪٽر نسيم اختر
2. مادري ٻولين جي تعليمي اهميت: هڪ مختصر جائزو 18-26
 — ادريس جتوئي
3. سنڌي ٻوليءَ جي هِجي ۽ صورتخطيءَ جي هڪجهڙائيءَ جو مسئلو — امين لغاري 27_39
4. اردو_سنڌي لغتن جو تنقيدي ۽ تجزياتي جائزو 40-69
 — ڊاڪٽر رياضت ٻرڙو
5. عِلم ڪُتب خانا سان لاڳاپيل لفظن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ ۽ مفهوم — محمد يوسف جويو 70_83


## ( ادب )


6. جديديت پڄاڻان جو سنڌي ڪهاڻيڪار هيرو شيوڪاڻي: هڪ اڀياس — ڊاڪٽر نواب ڪاڪا 84_92
7. ادب ۾ علم الحڪايات/علم البيان Narratology جو فن 93-101
 — ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري
8. جديد سنڌي شاعريءَ جو چمڪندڙ تارو: حسن درس 102-119
 — ڊاڪٽر ساجده پروين
9. جديد سنڌي ادب جو روشن تارو: ’لالچند امرڏنو مل‘ 120-140
 — نياز مسرور’ناز سرور‘ بدوي
10. سنڌي ڪلاسيڪل ’وائي‘ ۽ ميون شاهه عنات رضوي 141-150
 — عبداللطيف دائيداڻو
11. فقير قادر بخش بيدل جي سنڌي شاعري: هڪ اڀياس 151-160
 — سميع سجاد ميراڻي

## ليکڪن لاءِ رهنمائي ۽ پاليسي

## Policy & guidelines for Authors

- ’سنڌي ٻولي‘ تحقيقي جرنل ۾ ڇپجندڙ مقالا جيئن تہ تحقيق تي ٻڌل هوندا آهن, تنهنڪري مقالا نگار جي متن سان اداري جو متفق هئڻ ضروري نہ آهي.
- مقالا نگارن کي گذارش آهي تہ مقالو تحقيق جي مُروج اصولن هيٺ لکي موڪلين.
- حوالي طور ورتل مواد لاءِ ببليوگرافيءَ ۾ اصل ماخذ ضرور ڄاڻايو وڃي.
- مقالي جي شروع ۾ انگريزيءَ ۾ تَتُ (Abstract) ضرور شامل ڪيو وڃي.
- مقالو لکڻ وقت حوالي طور ورتل مواد لاءِ A.P.A يا M.L.A طريقو اختيار ڪيو وڃي.
- لکيل يا ڪمپوز ٿيل مقالا ٽپال ذريعي موڪليا وڃن, ساڳئي وقت مقالا اداري ڏانهن اي-ميل بہ ڪيا وڃن.
- ڪمپوزنگ لاءِ 13 پوائنٽ سائيز ۾ MB Bhittai Sattar فانٽ استعمال ڪيو وڃي.
- مقالي جي آخر ۾ مقالا نگار جو مڪمل پتو, فون نمبر ۽ اي ميل ڄاڻايل هجي.

# ايڊيٽوريل

خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ هلندڙ سال ’سنڌي ٻولي‘ تحقيقي جرنل کي هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي HJRS سسٽم ۾ شامل ڪندي، واءِ (Y) درجي بندي ڏني ويئي آهي، جنهن سان هن جرنل جي تعليمي (Academic) حيثيت ۾ بہ واڌارو ٿيو آهي. اها نہ رڳو اداري جي ڪاميابي آهي، پر گڏوگڏ سمورن پڙهندڙن ۽ هن جرنل جي مقالا نگارن لاءِ بہ فخر جي ڳالهہ آهي. ’سنڌي ٻولي‘ جرنل کي بهتر کان بهتر ڪرڻ ۾ مون سان گڏ جوائنٽ ايڊيٽر ۽ سب ايڊيٽر جو گهڻو ساٿ شامل آهي.

ايندڙ سال مهين جي دڙي جي کوٽائيءَ کي هڪ سؤ سال پورا ٿي رهيا آهن. هن قديم دڙي جا آثار 1922ع ۾ رکيل داس بينرجي اڇي ڳولي لڌا. آثارن جي اهميت کي سمجهندي اهو ڪم قديم آثارن جي ڊائريڪٽر سر جان مارشل اڇي سنڀاليو ۽ 1922ع کان 1927ع تائين کوٽائيءَ جو ڪم جاري رکيو. ان کانپوءِ اي.ايڇ ميڪي جي نگرانيءَ ۾ 1931ع تائين کوٽائي ٿيندي رهي. اهڙيءَ ريت هن شاندار تهذيب جا اهڃاڻ نروار ٿيا ۽ قديم سنڌو تهذيب کي عالمي مڃتا ملي.

مهين جي دڙي مان مليل آثارن ۾ پڪل سرن جا بہ ماڙ گهر، ويڪرا رستا، پڪيون ۽ ڍڪيل نيڪال ناليون، عوام لاءِ شاندار وهنجڻ جا هنڌ وغيره هڪ سڌريل، منظم ۽ اعليٰ تهذيب جي ثابتي آهن. هتان جا رهاڪو مالوند، پوکي راهي ڪندڙ ۽ جانور پاليندڙ هئا، اهي ماڻهو بهترين ڪپڙو اُڻڻ بہ ڄاڻندا هئا ۽ چَڪ تي سهڻا ٿانوَ بہ ناهيندا هئا. هتان زيورن جا نمونا، راندين جو سامان ۽ ٻيون انيڪ اهڙيون شيون مليون آهن، جن مان چڱيءَ ريت پتو پئي ٿو تہ هتي جا ماڻهو بنهہ سکيا، ستابا ۽ گهڻو مهذب هئا. هتان ان زماني جي سنڌو لکت جون ڪيتريون ئي مهرون بہ مليون آهن، جنهن مان چٽيءَ ريت معلوم ٿئي ٿو تہ ايتري آڳاٽي زماني ۾ بہ هتي ماڻهو لکڻ، پڙهڻ ڄاڻندا هئا. هزارين سال اڳ بہ سنڌ جي ماڻهن وٽ پنهنجي لکت موجود هئي.

گذريل هڪ صديءَ کان سنڌو لکت جي لپيءَ کي سمجهڻ جون گهڻيون ڪوششون ٿي رهيون آهن. انهيءَ سلسلي ۾ ڏيهي توڙي پرڏيهي ماهر/محقق لڳاتار ڪوششون ڪندا رهيا آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌو لکت بابت ايندڙ سڄو سال مختلف تعليمي ادارن ۾ ليڪچر جا پروگرام رٿيا ويا آهن.

محققن/مقالا نگارن کي گذارش آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌو لکت بابت پنهنجا مقالا موڪلين تہ جيئن ايندڙ سال جي شمارن ۾ انهن کي شامل ڪري سگهجي.

**ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**

چيئرمئن/ايڊيٽر

ڊاڪٽر نسيم اختر

# قومن جي ترقيءَ ۾ مادري ٻولين جو ڪردار

## The role of mother languages in the development of nations

***Abstract:***

*A nation is a group of people, whose costumes, traits, common peculiarities of life, etiquettes, rituals and ethics are part of culture. These are collective identification and the most important aspect is having language. Means there should be a common language for communication. Because culture and language have a close relation with each other. Language is not merely a source of expression, but it is a social life identification for a nation, country and then people of a specific area's culture and etiquettes. A language is a biological gift for any child, he gets that from his/ her parents. That becomes a part of his/her consciousness and unconsciousness. If a child gets an education in his/her mother tongue he will accept it so soon. The standards of understanding of the different aspects of knowledge and things would be quite clear. The child will get the milestone of his study through continuous education. But his/ her medium of instruction should be mother tongue. The culmination of his thought is related to his surrounding culture and atmosphere that provides him a collective wisdom. Learning in your mother language plays a major role in the development of a nation.*

*The research paper highlights the educational importance of mother tongue in the development of nations.*

لفظ ’قوم‘ جي لغوي معنيٰ ’فرهنگ آصفيہ (لغت)‘ ۾ هن ريت آهي:

”ماڻهن جو گروهہ، فرقو، خاندان، ڪل (ڪڙم)، خيل، خانواده، جاتي، نسل، نزاد، ذات وغيره.“ جڏهن تہ ’قوم‘ جي صفت ’قومي‘ ٿيندي، جنهن جي معنيٰ آهي: ’هڪ مذهب يا ملت يا ملڪ يا سلطنت جا ماڻهو.‘ ٻين لفظن ۾ وطني، ڏيهي[1]. ’قومي‘ (صفت) مان لفظ ’قوميت‘ نڪتو آهي، جڏهن تہ عربي زبان ۾ لفظ ’قوم‘ ئي ’قوميت‘ جي معنيٰ ۾ ڪتب اچي ٿو.

’اردو دائره معارف اسلاميہ‘ ۾ ڄاڻايل آهي تہ:

”لفظ ’قوم‘ اهڙيءَ معنيٰ ۾ ڪتب آيو آهي، جنهن جو مفهوم ’لوڪ‘ (اردو: لوگ) جي هاڻوڪي تصور جي ويجهو ويجهو پُڄي ٿو ۽ لفظ ’قوم‘، عام ماڻهن لاءِ هن معنيٰ ۾ ڪم اچي ٿو جنهن معنيٰ ۾ انگريزي زبان جو

لفظ 'People'، فرينچ ٻوليءَ جو لفظ 'Gens' ۽ جرمن جو 'Leute' ڪتب ايندو آهي. ٻئي طرف لفظ 'قوميہ' (عربي) يا 'قومپرستي'، اصل ۾ قبائلي اصليت جي ڄاڻ ڏئي ٿو ۽ انهن ماڻهن جي هڪ گروهہ لاءِ استعمال ٿئي ٿو جيڪي هڪ ئي نسل (جد) هئڻ جا دعويدار هجن. هيءُ اصطلاح هڪ قبيلي لاءِ بہ ڪم ايندو آهي، جن جا فرد هڪ ئي ابي ڏاڏي جا هجن. هڪ ماڻهوءَ جي قوم اُن جا پائيبند (برادريءَ) وارا هوندا آهن."[2]

هڪ اصطلاحي، پر ترقي يافتہ 'قوم' جي حوالي سان وصف هن ريت آهي:

"A large arrogate of people united by common decent history, culture or language, inhabiting a particular country or territory."[3]

جڏهن تہ هڪ ٻيءَ وصف ۾ هن ريت وضاحت ڪئي وئي آهي:

"A nation is large group or collection of people with common characteristics attributed to them including language, traditions, mores (customs) habitus (habits) and ethnicity."[4]

جڻ تہ هڪ قوم مان مراد ماڻهن جو هڪ اهڙو گروهہ آهي، جنهن جي ثقافت، عادتون، جنهن جي زندگيءَ جون عام خصوصيتون، آداب، روايتون ۽ اخلاقيات، جيڪي سندن ثقافت جو حصو آهن، اهي سندن گڏيل سڃاڻپ هجن ۽ سڀ کان اهم نُڪتو تہ سندن زبان هڪ هجي. يعني زندگيءَ ۾ رابطي جو وسيلو هڪجهڙو، هڪ زبان هجي، ڇو تہ ثقافت ۽ زبان جو تمام گهرو ناتو آهي، هتي مختصر طور رڳو ڪُليي (قاعدي) طور بيان ڪجي ٿو:

Culture + Language = Behaviour + Language Behaviour

هاڻي ان الڳ زبان ۽ الڳ قوم جي نُڪتي کي قرآن پاڪ مان مطالعو ڪجي ٿو:

وَمِنْ آيَاتِهِ خَلْقُ السَّمَاوَاتِ وَالأَرْضِ وَاخْتِلافُ أَلْسِنَتِكُمْ وَأَلْوَانِكُمْ إِنَّ فِي ذَلِكَ لآيَاتٍ لِّلْعَالِمِينَ

(سورة الروم 30 ,22)

ترجمو: "۽ انهن (قدرت جي) نشانين مان آسمانن ۽ زمينن کي پيدا ڪرڻ ۽ توهان زبانن ۽ رنگتن جو ڌار ڌار هئڻ آهي. عقل وارن لاءِ انهن (ڳالهين) ۾ (کوڙ ساريون) نشانيون آهن."[5]

دين اسلام جو ’دستورِ حيات‘ بہ الڳ زبان ۽ الڳ قوم جو تصور پيش ڪري ٿو. تسليم ڪري ٿو ۽ عقل وارن لاءِ ان ۾ فهم ۽ فراست جي ڳالهہ ڪري ٿو.

هاڻي ’ڏار زبان‘ جي مفهوم کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي تہ زبان صرف اظهار جو وسيلو ئي نہ آهي، پر اُها خاص ماڻهن (قوم) جي، خاص علائقي (وطن) جي ۽ پوءِ اُن علائقي ۽ ماڻهن جي روايتن، ادب ۽ سماجي زندگيءَ جي سڃاڻپ آهي. ان ڳالهہ کي وارث سرهنديءَ هيئن بيان ڪري ٿو:

”زبان، اظهار جو ذريعو هئڻ سان گڏ ڪنهن قوم جي روايتن، اخلاقي قدرن ۽ تهذيب، ثقافت جي آئينہ دار بہ هوندي آهي، ان ڪري ڪنهن ’قومي زبان‘ لاءِ ضروري آهي تہ اها قوم جي سمورن طبقن جي گڏيل اظهار جو وسيلو هئڻ ڪانسواءِ قوم جي روايت ۽ ثقافت جي امانت دار بہ هجي، جيڪڏهن ڪا زبان انهن بنهي خاصيتن جي حامل نہ آهي تہ اها ڪنهن بہ ريت ’قومي زبان‘ جو درجو حاصل ڪرڻ جي اهل نہ ٿي ٿي سگهي.“(6)

هاڻي، اها ’قومي زبان‘، مادري زبان کان بهتر ڪا ٿي ئي نہ ٿي سگهي، ڇو تہ ٻار، جيڪا زبان ٻُڌڻ کان، يعني خاص ڪري ماءُ جي هنج ۾ ٻُڌي ٿو ۽ پوءِ اها ڳالهائي ٿو ان کان پوءِ هو ڪيترين بہ زبانون ڇو نہ سکي وٺي، سندس ’بنيادي زبان‘، لاشعور ۾ مرڻ وقت بہ اُها ئي رهندي.

جڏهن تہ نوم چومسڪي چوي ٿو تہ: ”Language is Biological“ تہ اُن جو مطلب ٿيو تہ هو ماءُ جي يا پيءُ جي زبان جي ڳالهہ ڪري ٿو.

هاڻي اها ڇنڊ ڇاڻ ڪڏهن سائنسي (Scientific) ٿيندي آهي ۽ ڪڏهن سماجي ٿيندي آهي، جيڪڏهن اُن جي وضاحت ڪئي وڃي تہ هڪ هنڌ اُن جي تشريح هن ريت ملي ٿي:

“A Language from which another language is descended; parent language also called mother language.”(7)

آڪسفرڊ ڊڪشنريءَ ۾ مادري زبان جي وضاحت ڪجهہ ريت ملي ٿي:

Mother Language:

1. “The language which a person has grown up speaking from early childhood.

2. Mother Tongue: The first language that you learn when you are a baby rather than a language learned at school or as an adult."[8]

هاڻي جيڪا زبان ڪنهن ٻار کي حياتياتي طور (Biological) ملي ٿي، سا مائٽن کان ملي ٿي، اها اُن جي شعور ۽ لاشعور جو حصو آهي، جيڪڏهن انهيءَ زبان ۾ بنيادي تعليم ڏني ويندي تہ ٻار اُن کي هڪدم قبول ڪندو. سندس شين ۽ علمن کي سمجهڻ جو معيار يعني سمجهڻ جي سطح understanding level بلند ٿيندي. اهو ٻار لاڳيتو پڙهڻ (خواندگيءَ) سان علميت جو سفر طئي ڪري ويندو. جڏهن خواندگي (پڙهائي) ۽ علميت سندس بنيادي زبان ۾ هوندي، سندس سوچ جي بلندي، سندس آسپاس جي ثقافت، جتان سندس زبان وڏي ويجهي هوندي، ۾ لڪل آهي. اها ئي ٻار کي مجموعي سوچ عطا ڪندي، جيڪا عملي صورت ۾ ڪنهن بہ قوم جي ترقيءَ جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿي. مادري زبان جي اهميت کي اُجاگر ڪرڻ ۽ اهميت کي ڄاڻڻ لاءِ 'منهنجو داغستان' هڪ اهم ڪتاب آهي.

رسول حمزاتوف پنهنجي ڪتاب 'منهنجو داغستان' ۾ 'زبان' جي سري هيٺ تمام سٺيون ڳالهيون بيان ڪيون آهن. هُن موجب تہ:

"هُو هڪ ڳوٺ مان گذريو پئي، تہ ڏٺائين تہ جابلو علائقي جون رهاڪو بہ قبائلي عورتون پاڻ ۾ وڙهيون پئي، اُن جهيڙي دوران هڪ عورت، ٻيءَ کي بد دعا ڏني تہ: "الله! تنهنجي ٻارن کي اُن انسان کان محروم ڪري، جيڪو کين پنهنجي زبان سيکاريندڙ آهي." ان کان پوءِ ٻي مائيءَ بہ ساڳي ريت اُها بد دعا ٻئي نموني ورجائي ۽ چيو تہ: الله ڪري توهان وٽ هڪ بہ اهڙو ماڻهو نہ بچي، جيڪو تنهنجي ٻارن کي زبان سيکاري سگهي!"[9]

پنهنجي زبان ۽ تهذيب سان محبت ۽ اهميت جي هيءَ اها علامت آهي، جنهن جي جهلڪ قومن جي پنهنجن جهيڙن ۽ تڪرارن ۾ بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اسان پلي هن واقعي کي جابلوءَ قبائلي علائقن جي پراڻن وقتن جي تهذيب چئي نظر انداز ڪري ڇڏيون، پر حقيقت هيءَ آهي تہ ٻين قومن جي زبان ۽ تهذيب اختياري ڪري هڪ قوم، اصل قوم جي غلام يا اُن جو مڪمل حصو تہ بڻجي سگهي ٿي، پر پنهنجي ظاهري سڃاڻپ سان گڏ اُن ترقي يافتہ قوم جو درجو ڪڏهن بہ حاصل ڪري نہ ٿي سگهي.

پاڪستان ۾ وسندڙ عوام اڪثر ستن ڏهاڪن کان ان مفروضي ۾ قيد آهي تہ ان جي ترقي ۽ ڪاميابي الهندي/ مغربي تهذيب ۽ اُن جي زبان اختيار ڪرڻ ۾ آهي. اسان کي اهو بہ احساس نہ رهيو تہ اولهہ جي جنهن غير فطري ترقي ۽ ڪاميابيءَ

جي دور ۾ اسان سندن زبان ۽ تهذيب اپنائي آهي، ان جو اثر اسان جي پنهنجي نسل جي سوچ ۽ فڪر تي ڪهڙو پيو آهي؟ نئون نسل اهو سوال پيو اٿاري تہ جڏهن ڪيس سيڪجهہ مغرب ڪان عطا ٿي رهيو آهي تہ پوءِ تاريخ اسلام جو ڇا مطلب! ۽ ان ڳالهہ جو تذڪرو ڪرڻ مان ڪهڙو مطلب. جڏهن تہ هن خطي ۾ ڪڏهن سندن پنهنجي سياسي، معاشي ۽ سماجي سجاڳ رهي آهي، پر جن ڪي ياد آهي، سي پنهنجن بزرگن جي هن قومي ۽ تهذيبي اثاثي ڪي ان اميد سان هڪ بوجهہ طور ڍوئي رهيا آهن. تہ شايد هن واٽ تان ڪو قافلو گذري ۽ کوهہ ۾ تڙپندڙ يوسف ڪي بادشاهہ جي محل تائين پهچائي ڇڏي.

مادري زبان بابت امجد اسلام امجد لکي ٿو:

> ”سچيءَ دنيا جا تعليمي ماهر ۽ نفسيات دان ان ڳالهہ تي سهمت آهن تہ اٽڪل اٺن ورهين تائين انساني ٻار جو ذهن شين، انهن جي ماهيت، خاصيتن ۽ بنيادي حسي تجربن کي جنهن بهتر ۽ ڀرپور انداز ۾ پنهنجي ماءُ ٻوليءَ ۾ سکندو آهي ۽ سمجهندو آهي، اهو ڪنهن ٻئي طريقي سان ممڪن نہ آهي. ماءُ ٻوليءَ جي شگفتہ وضاحت هيئن بہ ڪبي آهي تہ ماڻهو ڪٽي ڪٿي بہ رهي، ’سَت زبانيو‘ يا عالم فاضل ٿي وڃي، اهو گار ۽ خواب هميشہ ماءُ ٻوليءَ ۾ ڏيندو ۽ ڏسندو آهي.“(10)

اولهہ وارن لاءِ وري بہ سندن پنهنجي تهذيب ان لاءِ بہ وقتي طور تي ڪارائتي ٿي سگهي ٿي، ڇو تہ سندن سوچ ۽ زبان ۾ هڪجهڙائي ۽ هم آهنگي ڏٺي وڃي ٿي، جڏهن تہ خود اولهہ جي پنهنجي ماده پرست تهذيب بہ ختم ٿي رهي آهي. شايد اُهي پنهنجو رستو ڳولي بہ وٺن. جهڙوڪ سموري دهشتگرديءَ جي منفي پروپگينڊا جي باوجود اولهہ ۾ اسلام تيزيءَ سان مقبول ٿي رهيو آهي، پر جنهن فڪر ۽ سوچ سان اسان سندن زبان ڪي اختيار ڪيو آهي، ان ۾ هڪڙو نقص آهي ۽ اُن نقص يا عيب جي ڪري اسان مادي ۽ ذهني طرح سندن غلاميءَ جا اهل تہ ٿي سگهون ٿا، پر سندن اڳواٽي ڪڏهن نہ ٿا ڪري سگهون. جيڪڏهن اسان روءِ زمين تي ڪجهہ ترقي يافتہ ملڪن جي ترقيءَ ۽ ڪاميابيءَ جي پيٽ ڪنداسون تہ اهو ڏسون ٿا تہ برصغير هندو پاڪ (يعني هندستان) جو خطو جيڪڏهن ڪڏهن عروج تي پهتو بہ تہ اهو مسلمانن جو دور هو ۽ مسلم حڪمران پنهنجي اسلامي تاريخ جا پابند رهيا آهن.

جن قومن جي پنهنجي تاريخ هوندي آهي، اُهي پنهنجي ان تاريخ کي ياد رکندا آهن. انهن جي پنهنجي زبان هوندي آهي، سندن پنهنجو نصب العين هوندو آهي

۾ پوءِ اهو نصب العين ٿي قومن جي عروج جو ڪارڻ بڻبو آهي. پر پنهنجي تهذيب ۾ زبان کي وساريندڙ پنهنجي تاريخ ۾ نصب العين کان بہ محروم ٿي ويندا آهن.

هاڻي آزاديءَ کان پوءِ هڪ ڀيرو وري اسان وڌيڪ زوال طرف مائل آهيون تہ ان جو ڪارڻ ان ڪانسواءِ ٻيو ڇا ٿي سگهي ٿو تہ مسلم ۾ انگريزي دور حڪومت کان پوءِ اسان ماڻهن جي ڪا نج قومي ۾ تهذيبي سڃاڻپ نہ رهي آهي، جيڪا اسان کي پنهنجي نصب العين طرف مائل ڪري. شايد اهو ئي سبب آهي جو هاڻي هتي هر شخص پنهنجي ذاتي مفاد کي عزيز رکندي، مغرب جي مادي فتني جو غلام بڻجي چڪو آهي. ان جي ابتڙ آمريڪا، جيڪو تقريباً پندرهين صديءَ ۾ ملاحن جي تلاش جي ڪري وجود ۾ آيو ۽ صرف ٽن سؤ سالن ۾ تاريخ جي بلند مقام تي پهتو تہ اُن جي ترقي بہ يورپ جي انهن پناهگير قومن جي ڪري ٿي سگهي، جيڪي هڪ قديم تاريخ ۾ تهذيب جون پابند رهيون آهن. انهن سالن تائين پوئتي پيل مقامي ڪاري چمڙيءَ وارن ماڻهن جي تقدير بدلائي ڇڏي. اهڙيءَ ريت اسرائيل 1947ع ۾ قائم ٿيو آهي، جنهن جي قائم ڪرڻ ۾ برطانيا اهم ڪردار ادا ڪيو هو. اهو چاهي تہ عالمي طاقتن برطانيا ۽ آمريڪا کي خوش ڪرڻ لاءِ اهڙيءَ طرح انگريزيءَ کي اسرائيلي رياست جي زبان قرار ڏئي سگهي ٿو جهڙيءَ ريت برطانيا کان آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ پاڪستان ۾ ٿيو (جنهن جو نتيجو اڄا تائين اسان ڀوڳي رهيا آهيون). پر يهودين پنهنجي قومي ۽ تهذيبي خودداريءَ کي برقرار رکندي هڪ نصب العين هيٺ پنهنجي بہ هزار سال پراڻي زبان عبرانيءَ کي ئي رائج ڪيو ۽ يورپ جي سر سبز ۽ شاداب علائقن مان لڏ پلاڻ ڪري، فلسطين ۾ وڃي وسيا آهن. رڳو اسرائيلي قوم ئي چو چين جو مثال بہ ملاحظي لاءِ ڏئي سگهجي ٿو.

ڳالهہ رڳو آمريڪا ۽ اسرائيل جي ناهي، پر اها هڪ عالمي حقيقت آهي تہ دنيا جي هر قوم ۽ ملڪ، جن جو ٻين ملڪن تي قبضو رهيو آهي، جهڙوڪ روم، فارس، يونان ۽ عرب کان پوءِ هڪ ڀيرو وري روس، فرانس، برطانيا، چين وغيره پنهنجي عروج جو مرحلو طئي ڪيو تہ اُن ۾ انهن قومن جي پنهنجي زبان ۽ تاريخ جو اهم ڪردار رهيو آهي، جنهن ۾ ماءُ ۽ مادري زبان اهميت جي حامل آهي.

’منهنجو داغستان‘ (ڪتاب) مان ورتل اقتباس مان زبان سان گڏوگڏ هڪ سبق ٻيو بہ ملي ٿو تہ قومن جي ترقيءَ ۾ نسلن جي تربيت بہ ڏاڍي اهم ٿيندي آهي ۽ ان تربيت ۾ ٻار جي ماءُ ۽ ان جي سوچ جو جيڪو ڪردار هوندو آهي، ان جو اثر سڄيءَ قوم تي پوندو آهي. اقبال، جيڪو شروعاتي حالتن ۾ مغرب کان گهڻو مرعوب هو، جڏهن هن مغرب کي بنهہ ويجهڙائيءَ کان ڏٺو تہ کيس اهو احساس ٿيو تہ مغربي ماءُ

پنهنجي جنهن زبان ۽ تهذيب جي ڪري مغرب کي عروج جي واٽ ڏيکاري آهي، پوئين نسلن پنهنجي انهن ڏيئرن کي، جيڪي سياڻي پنهنجي ٻارن جون مائرون بنجي سگهيون ٿي، کين بازار جي زينت بنائڻ شروع ڪيو آهي. ان تي اقبال چيو:

تمہاری تہذیب خود اپنے خنجر سے خود کشی کرے گی

جو شاخ نازک پہ آشیانہ بنے گا، نہ پائدار ہوگا۔

9 سيپٽمبر 2001ع واري واقعي کان پوءِ هيءَ ڳالهه مغربي مفڪرن به لکڻ ۽ سمجهڻ شروع ڪئي آهي ته:

Why the west is loosing war against terrorism?

يعني 'مغرب دهشتگرديءَ خلاف جنگ ڇو پيو هارائي؟'

ان جو هڪ ڪارڻ زبان آهي ۽ ٻين لفظن ۾ مغربي ماءُ جي پنهنجي ڪُک جو غير محفوظ رهڻ آهي، جيڪو سندن مستقبل جي خانداني ورثي کي تباهه ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نه ٿو سگهي. خاندان جي تباهي، قومن جي تباهي آهي. قومن جي تباهي، تهذيبن جي تباهي آهي، تهذيبون تباهه ٿينديون آهن ته ان قوم جي تاريخ ڪڏهن به محفوظ نه ٿي رهي سگهي ۽ پوءِ اهڙين قومن جي جدوجهد جو نصب العين ان ڪانسواءِ ڪجهه به نه ٿو رهي ته اهي مادي ضرورتن جي پورائي لاءِ زمين تي فساد برپا ڪن. جو اڄڪلهه آسپاس نظر اچي ٿو. مغرب هن وقت اُن مادي ۽ تهذيبي بحران مان گذري رهيو آهي ۽ مغربي ماءُ کي پنهنجي ٻارن کي ٻُڌائڻ لاءِ ان جو ڪو به پڪو پختو جواب نه آهي ته عرب دنيا کين برو ڀلو ڇو ٿي سمجهي؟ جڏهن ته عربن جي نئين نسل کي سمجهائڻ لاءِ سندن ماءُ وٽ افغانستان کان وٺي ايران، عراق، لبيا، صوماليا، فلسطين ۽ هاڻي شام جهڙا سوين داستان آهن. سچ ته اهو آهي ته جڏهن ڪنهن قوم جون ڏيئرون سجاڳ ۽ سندن عصمتون محفوظ ٿين ٿيون ته اهڙي ماءُ جي ڪُک مان صلاح الدين ايوبيءَ جهڙا جانباز پيدا ٿين ٿا. چون ٿا ته صلاح الدين ايوبيءَ جي پيءُ نجم الدين ايوبيءَ جڏهن پنهنجي شاديءَ ۾ دير ڪئي ته سندس استاد کيس چيو ته جيڪڏهن تون چاهين ته آءٌ اميه سلطنت جي ڌيءَ سان تنهنجي نڪاح جي ڳالهه ڪريان، پر نجم الدين وراڻيو ته اها منهنجي لائق نه آهي. آءٌ هڪ اهڙي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ گهران ٿو جنهن جي ڪُک مان هڪ سپهه سالار پيدا ٿئي ۽ اهو بيت المقدس کي آزاد ڪرائي. ان دوران استاد جي گهر جي در تي ڪنهن دستڪ ڏنو ۽ اُها هڪ نوجوان دوشيزه هئي. ان ڪجهه چيو ته اُستاد وراڻيو ته مون تو لاءِ هڪ رشتو موڪليو هو، تو اُن کي ڇو ٺڪرايو؟ ڇوڪريءَ چيو ته هو منهنجي لائق نه هو. مون کي ته هڪ اهڙو نوجوان گهرجي، جنهن جي اولاد کي مان تربيت ڏيان ۽ اهو وڏو ٿي 'بيت

المقدس' آزاد ڪرائي. نجم الدين دروازي جي اوٽ ۾ اها ڳالهه ٻڌي ورتي جڏهن اها ڇوڪري رواني ٿي وئي ته نجم الدين استاد کي چيو ته مون کي اها ڇوڪري پسند آهي. اُستاد چيو ته اها ڇوڪري صفا غريب آهي، نجم الدين چيو ته پر هن ڇوڪريءَ ۾ منهنجي زال بنجڻ جون سموريون خوبيون موجود آهن.
رسول حمزاتوف پنهنجي ڪتاب ۾ هڪ واقعو بيان ڪيو آهي ته:

"پئرس جي سفر ۾ هو هڪ هم وطن مصور سان مليو جنهن بابت سندس خاندان کي يقين هو ته هو مري چڪو آهي. واپسيءَ تي هن جڏهن مصور جي مائٽن جي ڳولا ڪئي ۽ ان جي ماءُ سان مليو ته ڪيس حيرت ٿي سندس پٽ جيئرو آهي، مصور جا مائٽ ڏکويل ڇهرن سان ڳوٺ جي هڪ گهر ۾ هن جي چوڌاري اچي، پنهنجي اُن سپوت جي ڪهاڻي ٻڌڻ لاءِ گڏ ٿيا. جنهن هميشه لاءِ پنهنجي وطن کي خيرباد ڪيو هو. مصور جي مائٽن، سندس وطن ڇڏڻ جو ڏوهه ته معاف ڪري ڇڏيو هو پر ڪين اهو ڄاڻي خوشي ٿي هئي ته سندس پٽ جيئرو آهي. اوچتو مصور جي ماءُ حمزاتوف کان سوال ڪيو ته: هن تو سان ڳالهه ٻولهه ته پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪئي هوندي نه؟" حمزاتوف چيو ته: "اسان ترجمان ذريعي ڳالهه ٻولهه ڪئي، مون روسيءَ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ تنهنجي پٽ فرينچ ٻوليءَ ۾ ڳالهايو!" ماءُ اهو ٻڌي، هڪدم پنهنجي مُنهن تي حجاب ڍڪي ڇڏيو جهڙيءَ ريت پهاڙي علائقن ۾ مائرون پنهنجي پٽن جي موت جي خبر ٻڌي، پنهنجا ڇهرا ڍڪي ڇڏينديون آهن! هڪ ڊگهي خاموشيءَ کان پوءِ ماءُ چيو ته: "حمزاتوف! تون غلط آهين منهنجي پٽ کي مُئي ته مدت ٿي وئي آهي. جنهن سان تون مليو هئين اهو منهنجو پٽ نه رهيو هوندو، ڇو ته منهنجو پٽ ان زبان کي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهي، جيڪا مون کيس سيکاري هئي!"[11]

ان بابت حمزاتوف وڌيڪ لکيو ته هڪ ماءُ لاءِ پنهنجي پٽ جي زنده هئڻ جي خبر خوشخبريءَ جو ڪارڻ ته هئي، پر جڏهن هُن اهو ٻڌو ته سندس پٽ پنهنجي مادري زبان وساري ڇڏي آهي، اها خبر ان ماءُ لاءِ حادثي جي خبر بڻجي وئي!
سوال اهو آهي ته جيڪڏهن اهو ئي واقعو پاڪستان ۾ رهندڙ هڪ ماءُ سان پيش اچي ته ڇا ان جو ردعمل به اهڙو ئي هجي ها؟ شايد هوءَ خوش ٿي دعا ڪري ها ته 'اي الله تون وڏو مهربان ۽ ڪرم نواز آهين، جو تو منهنجي دعا قبول ڪري ورتي ۽

منهنجو پٽ آمريڪي انگريزي ڳالهائڻ لڳو آهي...! اها هڪ تلخ حقيقت آهي ۽ اهو ئي اڄڪلهه اسان جي مائرن ۽ ڏيئرن جون ترجيحات آهن ۽ ڪاميابيءَ جو تصور بنجي چڪو آهي، جن کي اهاب جاڻ نه آهي ته هو ڪير آهن. سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت جي ڪيتري اهميت آهي ۽ سندن نصب العين ڪهڙو آهي يا ڪين پنهنجي اولاد کي ڇا بڻائڻو آهي، جيڪو هن ملڪ جي ترقيءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿو!

## حوالا:


1. احمد دهلوي، سيد، مولوي (مرتب) 'فرهنگ آصفيه'، جلد 3 ۽ 4، لاهور، سنگ ميل پبليڪيشنز، 2002ع، ص 402-403.
2. 'ارو دائرة المعارف الاسلاميه'، جلد 16/2، لاهور، شعبه اردو پنجاب يونيورسٽي، مارچ 2004ع، ص 448.
3. https://medium.com/complexity-liberalism/the-anti-nation-deee81762306
4. https://en.wikipedia.org
5. القرآن، سورة الروم، 22:30.
6. 'اردو هندي زبان و بيان': (لساني مقالات)، اسلام آباد، مقتدره قومي زبان، جون 1989ع، ص 4.
7. www.dictionary.com
8. http://en.oxforddictionary.com
9. حمزاتوف، رسول، 'ميرا داغستان'، مترجم: اجمل اجملی، فکشن ہائوس، لاہور، 2005ع، ص62.
10. http://www.express.pk/story/640208
11. حمزاتوف، رسول، 'ميرا داغستان'، مترجم: اجمل اجملی، فکشن ہائوس، لاہور، 2005ع، ص62.

ادريس جتوئي

# مادري ٻولين جي تعليمي اهميت: هڪ مختصر جائزو
## Educational importance of mother languages: A short analysis

***Abstract:***

*Education and language are as interrelated as body for soul. Pakistan is a multicultural and multilingual country. Almost 74 languages are being spoken. Sindh is the only province in Pakistan, where Sindhi is the medium of instruction as a mother tongue from primary to graduation. Along with Urdu, the mother language is also a medium of instruction.*

*Like all other human rights, there is a right to get education in mother tongue and that should be availed by every human. In our country teaching in the mother language is not a priority but it is a secondary option, and foreign languages are being given more importance. It has been proved by research that those children; who have good listening, talking, reading and writing skills, can learn foreign languages easily, they do not feel any difficulty while understanding the different aspects. Therefore teaching in the mother language should be enhanced bit by bit. In this paper a brief analysis about the educational importance of mother language and recommendations are given.*

**مادري زبانن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي يونيسڪو سال 2021ع ۾ جيڪو موضوع ڏنو، ان جو عنوان آهي: ’تعليم ۽ سماج ۾ گهڻ ٻوليائي سرشتي جي شرڪت کي وڌائڻ يا همٿائڻ.‘**

“Fostering multilingualism for inclusion in Education and Society.”(1)

پاڪستان هڪ گهڻ ثقافتي ۽ گهڻ ٻوليائي ملڪ آهي. اتي لڳ ڀڳ 74 زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون. اُردو پاڪستان جي قومي زبان ۽ انگريزي، سرڪاري زبان جو درجو رکي ٿي. اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته گهڻيون ٻوليون سکڻ سان علم جا دروازا وڌيڪ کُلن ٿا. پر هڪ گهڻ ٻوليائي ملڪ ۾ تعليم جي ميدان ۾ ڪهڙيون زبانون اڳ ۾ سکجن ۽ ڪهڙيون پوءِ، ان سوال تي غور ۽ ويچار جي ضرورت آهي، ان تي دنيا جي تعليمي ۽ ٻوليءَ جي ماهرن جا فيصلا ڏنل آهن. ٻولي ۽ تعليم جو تعلق ائين آهي، جيئن جسم جو ساهه سان. سائين محمد ابراهيم جويي ٻوليءَ ۽ تعليم جي تعلق کي هن ريت بيان ڪيو آهي ته:

”اڄ جڏهن تعليم سؤ فيصدي عام ڪرڻ قومن جي زندگيءَ جو هڪ لازمي ۽ بنيادي اصول بنجي چڪو آهي، جيڪڏهن انهن حالتن ۾ اسان کي پنهنجي مادري ٻوليءَ کي نه فقط محفوظ رکڻو آهي بلڪ اُن کي علمي ۽ ادبي حيثيت ۾ اڳتي وڌائڻو آهي ته پوءِ اسان کي پنهنجي تعليمي سرشتي جي مدد سان ئي اهو عظيم مقصد حاصل ڪرڻو پوندو.“[2]

ٻولين تي تحقيق اهو ثابت ڪيو آهي ته اهي ٻار، جن جون مادري ٻوليءَ جون مهارتون: ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ، بهتر ۽ پُختيون آهن ته انهن ٻارن کي ٻين ٻولين جي سکڻ ۾ به آساني ٿئي ٿي ۽ اُهي مختلف تصورن کي سمجهڻ ۾ به ڏُکيائي محسوس نٿا ڪن.

انهيءَ ڪري گهڻ ٻوليائي ملڪن ۾ تعليمي معيار کي وڌائڻ لاءِ نهايت ضروري آهي ته مادري ٻوليءَ جي سکيا جي بنياد تي ٻين ٻولين جي تعليم کي مرحليوار وڌايو وڃي. مادري ٻولين کي ڇڏڻ سان ثانوي، قومي ۽ عالمي ٻولين جي سکيا به غير مؤثر بڻجي ويندي.

ٻين انساني حقن جيان ’مادري زبان ۾ تعليم جو حق‘ اهم انساني حق آهي، جيڪو هر انسان کي ملڻ گُهرجي. پر اسان جي ملڪ ۾ مادري زبانن جي تعليم کي اوليت ڏيڻ بدران ثانوي ۽ ٻاهر جي زبانن جي تعليم کي وڌيڪ اهميت جوڳو سمجهيو ويو آهي. حيرت جي ڳالهه آهي ته سينيٽ، عربي زبان کي ته پرائمري سطح تي لازمي پڙهائڻ جو ٻِل (Compulsory Teaching of Arabic Language Bill 2020) اتفاق راءِ سان منظور ڪري ٿي، پر پنهنجي ئي ڌرتيءَ جي اصلوڪين زبانن سنڌي، بلوچي، پنجابي، پشتو ۽ سرائيڪي زبانن کي سينيٽ جي قانون ۽ انصاف واري اسٽئنڊنگ ڪميٽي اڪثريت راءِ سان رد ڪري ڇڏي ٿي.

2007ع ۾ وفاقي وزارت تعليم پاران جاويد حسن جي رهنمائيءَ ۾ قومي تعليمي پاليسيءَ لاءِ هڪ ’اڇو ڇپو‘ (White Paper) تيار ڪيو ويو ملڪ جي تعليمي ۽ لسانيات جي ماهرن ۽ ٻين اسٽئڪ هولڊرن جي راءِ جي روشنيءَ ۾ مادري زبانن جي تعليم ۽ ’ذريعه تعليم‘ بابت ’وائيٽ پيپر‘ ۾ سفارشون ڏنيون ويون، جن کي به مڪمل ريت قبول نه ڪيو ويو.

تازو ’هڪجهڙو قومي نصاب‘ (Single National Curriculum) تيار ڪرڻ وقت پهرئين ڊرافٽ ۾ انگريزي زبان کي شروعاتي درجن کان وٺي ’ذريعه تعليم‘ قرار ڏيندي، مادري زبانن ۾ تعليم ڏيڻ جي حق کان انڪار ڪيو ويو. مختلف شراڪت

دارن (Stakeholders) پاران انهيءَ فيصلي تي اعتراض اُٿاريا ويا. انهن راين جي روشنيءَ ۾ اها چڱي ۽ مثبت ڳالهه ٿي آهي تہ:

”نيشنل ڪريڪيولم ڪائونسل، اسلام آباد هڪ مهينو اڳ وزارت تعليم جي صلاحڪار جاويد جبار جي سربراهيءَ ۾ پنهنجي فيصلي کي تبديل ڪيو آهي ۽ نئين نصاب ۾ صوبن کي اهو اختيار ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي وئي آهي تہ جيڪڏهن صوبا چاهين تہ اُهي پنهنجن اسڪولن جي تعليم ۾ مادري زبان کي استعمال ڪري سگهن ٿا.“[3]

حقيقت ۾ جيستائين وفاقي حڪومت مادري زبانن کي پنهنجي ’اسڪيم آف اسٽڊيز‘ ۾ شامل نٿي ڪري، تيستائين اهي عملي طرح لاڳو نہ ٿي سگهنديون.

2009ع جي قومي تعليمي پاليسيءَ ۾ پڻ مختلف ٻولين جي مضمون طور تعليم ۽ ’ذريعہ تعليم‘ بابت هيٺينءَ ريت لکيو ويو آهي:

- ”نصاب ۾ پهرئين درجي کان وٺي انگريزي مضمون طور ان سان گڏ اردو ۽ هڪ علائقائي زبان پڙهائي ويجي.
- صوبن ۽ ٻين علائقن جي تعليم کاتن کي اها Choice آهي تہ اهي ’ذريعہ تعليم‘ جي پنجين درجي تائين چونڊ ڪن.
- رياضيءَ ۽ سائنس جي مضمونن ۾ ’تعليم جو ذريعو‘ چوٿين کانپوءِ انگريزي هوندي.“[4]

آخر ۾ وري 2009ع جي قومي تعليمي پاليسيءَ جي نُڪتي 9 ۾ واضح لکيو ويو آهي تہ:

”اسڪول جي ٻولين بابت صوبن، جي حڪومتن ۽ ٻين شراڪت دارن (Stakeholders) سان گڏجي جامع ٻولين جي پاليسي ناهڻ گهرجي.“[5]

اها اسڪول جي ٻولين بابت (School Language Policy) جامع پاليسي اجا تائين نہ جُڙي سگهي آهي.

هن وقت تائين ڪيترين ئي قومي تعليمي پاليسيون آيون آهن، پر ٻولين کي مضمون طور پڙهڻ ۽ ’ذريعہ تعليم‘ جي سلسلي ۾ ڪا بہ واضح ۽ مڪمل چٽي پاليسي اجا تائين نہ آئي آهي. ان سلسلي ۾ ٻولين جي رٿا بنديءَ (Language Planning) تي وفاق، صوبن، ادارن، اڪيڊمين ۽ اٿارٽين کي ڪم ڪرڻ گهرجي.

ٻولين جي رٿابنديءَ جي اهميت ۽ ضرورت تي زور ڏيندي سنڌي ٻوليءَ جي هاڪاري عالم ۽ لسانيات جي ماهر پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي هڪ مضمون ۾ هن ريت لکيو آهي تہ:

”ڪنهن بہ ٻولي يا ڪن بہ ٻولين کي تعليمي، تدريسي يا قومي ۽ سرڪاري يعني دفتري ٻولي مقرر ڪرڻ کان اڳ اُن ٻوليءَ جي رٿابندي ڪرڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ تہ دنيا جي هر ملڪ ۾ تعليم جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ ’ٻولين جي رٿابندي‘ (Language Planning) اهم سمجهي ويندي آهي، اهوئي سبب آهي، جو دنيا جي مختلف مُلڪن ۾ رٿابنديءَ واري عمل سان ئي ’ذريعہ تعليم‘ ۽ دفتري يا سرڪاري ٻوليءَ وارو مسئلو هميشہ لاءِ حل ڪيو ويو آهي. هر ملڪ ۾ ٻوليءَ جي رٿابندي، سياسي، سماجي، تعليمي ۽ تدريسي ميدانن ۾ تمام گھڻي مدد ڪندي آهي، پاڪستان ۾ بہ انهيءَ مسئلي کي ڄاڻي واڻي حل نہ ڪيو ويو آهي.“[6]

ان رٿابنديءَ لاءِ ’لئنگئيج ڪميشن‘ جوڙي ويندي آهي، پر اُن تي بدقسمتيءَ سان اسان جي ملڪ ۾ عمل نہ ڪيو ويو آهي.

ارڙهين آئيني ترميم کانپوءِ تعليم کي بنيادي حق قرار ڏنو ويو آهي ۽ انهيءَ جا اختيار صوبن حوالي ڪيا ويا آهن. صوبن اندر ٻولين بابت ڪهڙي رٿابندي، قانون سازي ۽ ٻولين جي تعليم بابت عمل ٿيا آهن، انهن کي بہ ضرور ڏسڻ گُهرجي. جيئن تہ اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي 1973ع واري آئين جي قلم 251 شق (3) هيٺ واضح ڄاڻايل آهي تہ:

”قومي ٻوليءَ جي حيثيت کي قائم رکندي، ڪابہ صوبائي اسيمبلي، قومي ٻوليءَ سان گڏ صوبائي ٻوليءَ جي سکيا، ترقي ۽ استعمال لاءِ قانوني اُپاءَ وٺي سگھي ٿي.“[7]

تنهنڪري آئين جي ان قلم کي آڌو رکندي سنڌ اسيمبلي اهڙو گُهربل قانون سنڌ ائڪٽ 1972ع ’سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، ترقي ۽ استعمال‘ جي صورت ۾ منظور ڪري چُڪي آهي، جنهن جي روشنيءَ ۾ سنڌ ۾ سنڌي ٻولي مادري زبان طور ۽ غيرمادري زبان طور پڙهائي پئي وڃي.

”ارڙهين ترميم کانپوءِ خيبرپختونخوا اسيمبلي، عوامي نيشنل پارٽيءَ جي حڪومت دوران ٻولين جو بل ‘The Khyber Pakhtunkhwa

منظور ڪيو جنهن Promotion of Regional Languages Act 2014'
ائڪٽ ۾ پشتو هندڪو سرائڪي، خووار ۽ ڪوهستاني زبانن جي
مضمونن جي تعليم لازمي قرار ڏني وئي.“[8]

’ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم اينڊ ٽيچر ايجوڪيشن‘ ايبٽ آباد جي نصاب ۾ مادري زبانن جي تعليم کي شامل ڪيو ويو ۽ خيبر پختونخوا ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڪتاب بہ ڇپيا. پر هاڻوڪي حڪومت مادري زبانن کان وڌيڪ انگريزي لاڳو ڪرڻ ۾ متحرڪ رهي آهي، ان سلسلي ۾ ائڪٽ جي روشنيءَ ۾ جيڪا (Language Promotion Authority) فعال ٿيڻي هُئي اُها نہ ٿي سگهي آهي.

”ارڙهين ترميم ڪانپوءِ بلوچستان اسيمبليءَ پڻ جنوري 2014ع ۾
‘The Baluchistan, Introduction of Mother Languages as Compulsory Additional Subject at Primary Level Act 2014’
منظور ڪري چُڪي آهي. جنهن ۾ پڻ بلوچي، پشتو براهوي، سنڌي، فارسي، پنجابي ۽ ٻين ٻولين جي مضمونن کي نصاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.“[9]

بلوچستان ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ پاران سنڌيءَ سميت ٻين ٻولين جي مضمونن جا ڪتاب بہ تيار ڪيا ويا آهن، پر موجوده حڪومت وري ان ائڪٽ کي لاڳو ڪرڻ ۾ نهايت سُست رفتاريءَ کان ڪم وٺي رهي آهي.

ضرورت انهيءَ ڳالهہ جي آهي تہ بلوچستان اسيمبليءَ پاران ان ائڪٽ کي مڪمل طور لاڳو ڪرڻ ڪانپوءِ ان ۾ نوان واڌارا ڪري مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئٽ تائين شاگردن کي مادري زبان جي مضمونن جي تعليم ڏني وڃي جيڪا هن وقت فقط پرائمري سطح تائين آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ سلسلي ۾ 1990ع ۾ بہ ڪوشش ٿي، پر اها ڪامياب نہ ٿي سگهي. حقيقت ۾ 1970ع ڪانپوءِ اينڊڙ ’نعپ‘ جي حڪومت جيڪڏهن انهيءَ وقت سُجاڳيءَ کان ڪم وٺي ها تہ اڄ بلوچستان ۾ مادري ٻولين جي تعليم وڌيڪ سگهاري هجي ها.

ارڙهين ترميم اچڻ ڪانپوءِ پنجاب ۾ اڃا بہ وارث شاهہ بُلي شاهہ شاهہ حسين ۽ ميان محمد بخش جي زبان کي اها تعليمي حيثيت نہ ملي سگهي آهي. تازو پنجاب سرڪار پاران:

”شروعاتي پري پرائمري ۾ (Early Childhood Education Policy Punjab 2017)
مقامي زبانن جي استعمال بابت لکيو ويو آهي.“[10]

”پر اجا تائين پنجابي ۽ سرائڪي زبانون تعليمي نصاب جو حصو نہ بڻجي سگهيون آهن. پنجاب 2011ع ۾ مڪمل انگريزيءَ ۾ تعليم ڏيڻ واري پاليسيءَ تان برٽش ڪائونسل جي رپورٽ (Hywel Coleman and Tony Chapstick language in Education in Pakistan Recommendation for Policy and Practice Islamabad, British Council 2012) پڌري ٿيڻ کان پوءِ هاڻي موٽ کاڌي آهي ۽ هڪ ڀيرو وري اردوءَ کي ’ذريعہ تعليم‘ بڻايو ويو آهي.“[11]

پر پنجابي ۽ سرائڪي زبانن کي مادري زبانن طور اُها گهربل اهميت نہ ملي سگهي آهي. اِها هڪ خوش آئنده ڳالهہ آهي تہ پنجاب يونيورسٽيءَ جي پنجابي شعبي، پنجاب انسٽيٽيوٽ آف لئنگئيجز ۽ گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽيءَ جي نوجوان شاگردن ۾ پنجابي زبان سان محبت جي لهر اُٿي آهي، جيڪا بيشڪ پاڻيءَ ۾ اڇلايل پٿر جيان ضرور تحرڪ پيدا ڪندي. پر اجا تائين اسڪول سطح تي مادري زبانن جي ترقيءَ لاءِ پنجاب ۾ ڪو ائڪٽ، نصاب ۽ درسي ڪتاب نہ اچي سگهيا آهن.

پاڪستان ۾ سنڌ واحد صوبو آهي، جتي سنڌيءَ کي پرائمري کان گريجوئيشن تائين، مادري زبان طور پڙهايو وڃي ٿو ۽ اردوءَ سان گڏ، مادري زبان کي ’ذريعہ تعليم‘ بہ بڻايو ويو آهي.

رِفارم سپورٽ يونٽ، سنڌ 2019ع جي رپورٽ موجب هن وقت بہ سنڌ ۾ ميڊيم وائيز اسڪول هن ريت آهن:

- **”پرائمري اسڪول:** ڪُل اسڪول 44296 انهن مان 39970 سنڌي ميڊيم اسڪول يعني 93% سيڪڙو جڏهن تہ 4176 اسڪول اُردو ميڊيم اسڪول لڳ ڀڳ 7%، 14 اسڪول انگريزي ميڊيم ۽ 136 اسڪول گڏيل Mixed جن ۾ سنڌي ۽ اردو بہ ٻئي زبانون ميڊيم آف انسٽرڪشن ’ذريعہ تعليم‘ آهن.

- **مڊل اسڪول:** 1748 سنڌي ميڊيم يعني 92%، 122 اردو ميڊيم 6%، انگريزي 4 ۽ گڏيل 21، اردو ۽ سنڌي ميڊيم آهن.

- **ايليمينٽري اسڪول:** 777 سنڌي ميڊيم يعني 95%، 34 اردو يعني 4%، باقي هڪ انگريزي ۽ 5 گڏيل سنڌي ۽ اردو ميڊيم آهن.

- **سيڪنڊري ثانوي سطح:** 1574 سنڌي ميڊيم يعني 89%، 82 اردو ميڊيم يعني 5%، انگريزي چار ۽ 117 يعني 7% گڏيل سنڌي ۽ اردو ميڊيم اسڪول آهن.
- **هائر سيڪينڊري اسڪول:** 205 سنڌي ميڊيم يعني 64%، اردو ميڊيم 24 يعني 8%، انگريزي ميڊيم 1، گڏيل سنڌي ۽ اردو ميڊيم 88 يعني 28% آهن.“[12]

جڏهن تہ ٻولين موجب شاگردن جو تعداد سنڌ جي اسڪولن ۾ پهرئين درجي کان ٻارهين درجي، يعني هائر سيڪنڊري تائين (ڪاليج الڳ آهن) هن ريت آهن:

| | | |
|---|---|---|
| ”سنڌي ميڊيم ٻارن جو تعداد | 41,78,188 | 92% |
| اردو ميڊيم ٻارن جو تعداد | 1,27,790 | 3% |
| گڏيل سنڌي ۽ اردو ميڊيم ٻارن جو تعداد | 2,50,016 | 5% |
| انگريزي ميڊيم ٻارن جو تعداد | 5,146 “[13] | |

سنڌ اندر سنڌي ۽ اردو ٻولين جي تعليم ڪي سرڪاري توڙي خانگي اسڪولن ۾ معياري ٻڌائڻ جي سخت ضرورت آهي ASER 2019 Assessment جي رپورٽ ۾ زبانن جي تعليم بابت ڏاڍيون ڇرڪائيندڙ ڳالهيون شامل آهن.

**انهيءَ رپورٽ موجب:**

1. ”45% پنجين ڪلاس جا ٻارڙا ٻئي درجي جي سطح جي آکاڻي سنڌي، اردو ۽ پشتو زبانن ۾ پڙهي ۽ لکي نٿا سگهن.
2. 51% پنجين ڪلاس جا ٻارڙا ٻئي درجي جي انگريزيءَ جا جملا پڙهي ۽ لکي نٿا سگهن.
3. 50% ڪلاس پنجين جا ٻارڙا ٻن عددن وارا حساب حل نٿا ڪري سگهن. “[14]

سنڌ اندر خانگي اسڪولن لاءِ بہ ”سنڌ پرائيوٽ ايجوڪيشنل انسٽيٽيوشنل (ريگيوليشن اينڊ ڪنٽرول) آرڊيننس 2001ع منظور ٿيل آهي. جنهن ۾ پڻ ٻولي ائڪٽ 1972ع جيان سمورن خانگي تعليمي ادارن کي سنڌي ٻوليءَ جي مادري زبان طور ۽ غيرمادري زبان طور لازمي تدريس ڪرڻي آهي.“[15]

سنڌ اسيمبليءَ ڪيترائي ڀيرا ٺهرائن ذريعي پڻ خانگي اسڪولن کي سنڌي ٻولي، لازمي طور پڙهائڻ لاءِ چئي چڪي آهي. پر افسوس اهو آهي تہ قانون سازيءَ جي

هوندي بہ وڏن شهرن ۽ وڏن خانگي اسڪولن مان ڪافي اسڪول سنڌي ٻولي پڙهائڻ کان لنوائي، نتائي بلڪ انڪار بہ ڪري رهيا آهن. جنهن لاءِ سنڌ حڪومت، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، سگا، سنڌي ادبي سنگت ۽ ٻين ادارن ۽ تنظيمن جي سجاڳ ساجاهہ وندن ۽ سماج جي ذميوار ڌرين کي گڏجي اهڙن خانگي ادارن جي نگراني ڪرڻ گهرجي. ادارن ۽ والدين کي سنڌي ٻولي پڙهائڻ لاءِ آماده ڪرڻ گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ سنڌي ٻولي نہ پڙهائيندڙ انهن ادارن جي رجسٽريشن رد ڪرائي وڃي. سنڌ اندر سرڪاري توڙي خانگي اسڪولن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تعليم کي مڪمل طرح لاڳو ڪيو وڃي ۽ بهتر بنايو وڃي.

**نتيجو ۽ سفارشون:**

- مٿئين پسمنظر ۾ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ: سنڌيءَ سميت پاڪستان جي اهم ٻولين سنڌي، بلوچي، پنجابي، پشتو، سرائيڪيءَ براهوي کي قومي ٻولين جو درجو ڏيئي انهن جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ جوڳا اُپاءَ ورتا وڃن.
- خانگي اسڪولن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لازمي تدريس کي يقيني بڻايو وڃي. خانگي اسڪولن جي رجسٽريشن کي تعليم کاتي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سفارشن سان مشروط ڪيو وڃي.
- ٽہ ٻولياتي تعليمي سرشتو لاڳو ڪيو وڃي، جنهن ۾ مادري زبان، قومي ۽ عالمي زبان پڙهائي وڃي.
- سنڌي ٻوليءَ جي ’ذريعہ تعليم‘ واري حيثيت پهرئين ڪلاس کان بحال رکي وڃي.
- ٻولين جي رٿابنديءَ لاءِ ’لئنگئيج ڪميشن‘ جوڙي وڃي، جيڪا هڪ جامع لئنگويج پاليسي جوڙي.

(هي مقالو ’مادري ٻولين جي اهميت ۽ حيثيت‘ جي عنوان سان 21 فيبروري 2021ع تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ممتاز مرزا آڊيٽوريم سنڌ ميوزيم، حيدرآباد ۾ منعقد ڪرايل ڪانفرنس جي موقعي تي پڙهيو ويو)

## حوالا:


1. www.unesco.org
2. جويو محمد ابراهيم، ’اسان جي ٻولي اسان جي تعليم‘، سنڌ فرينڊس سرڪل، حيدرآباد، 1985ع، صفحو نمبر: 35.

3. Daily ‘Dawn’, Karachi, Dated 21-01-2020.
4. National Education Policy 2009, Ministry of Education, Government of Pakistan, Page No.28
5. National Education Policy 2009, Ministry of Education, Government of Pakistan, Page No.28
6. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، مضمون: ’ٻولي، معاشرو ۽ ثقافت‘، ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا‘ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 2006ع.
7. ’اداري جا مقصد ۽ جوڙجڪ‘، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، صفحو نمبر: 3.
8. The Khyber Pakhtunkhwa, Promotion of Regional Languages Act, 2014.
9. ‘The Baluchistan, Introduction of Mother Languages as Compulsory Additional Subject at Primary Level Act 2014’
10. Early Childhood Education Policy 2017, School Education Department, Government of Pakistan.
11. ‘Language in Education in Pakistan’, Hywel Coleman and Tony Capstick, British Council, Islamabad, 2012.
12. PGS 2019: Report Reform Support Unit, School Education & Literacy Department, Government of Sindh, Profile: 2019, Page No.27 and 46.
13. PGS 2019: Report Reform Support Unit, School Education & Literacy Department, Government of Sindh 2019 Page No.52.
14. Annual Status of Education Report-ASER-Pakistan, 2019, Page No. 10.
15. The Sindh Private Educational Institutions (Regulation and Control) Ordinance, 2001, Page No. 4.

امين لغاري

# سنڌي ٻوليءَ جي هِجي ۽ صورتخطيءَ جي هڪجهڙائيءَ جو مسئلو

# Problem of spellings and uniformities in orthography of Sindhi language

***Abstract:***

*Sindhi Language is a unique Language in its group. It is the mother language of her adjacent languages, its phonetic system and structural formation in sense of grammar, proved its supremacy over other neighboring Languages. Historically as recorded by different scholars and foreign travalogers, Sindhi was in use more or less near to present spoken form, from Valikas (356-415 A.D) to Brahmans (641-711 A.D) throughout ancient geographical borders of Sindh, and though was different in written system means in its orthography, so many scripts were in used for one spoken Language. During the Arabs period (712-1011 A.D) Sindhi and Arabic Languages parrarally declared official Languages of Sindh, with the same script and after the Arabs, influence of Persian Language on Sindhi had been seen, as the rulers Argoons and Tarkhans inherited Persian background. In the British era (1843-1947 A.D) initially at least 17 different scripts of Sindhi were in use in Sindh. Finally in 1853 Sindhi Language was declared an official Language, Parallel to English and officially a newly organized alphabet with some missing phonemes were coined with additional dots included. An official vernacular committee consisting experts of Sindhi Language have finalized the Alphabet, but the orthography of so many words and terms had remained the same, as written before the declared Sindhi alphabet. Consciously, problems of orthography are raised and contrast in sense of old and new forms of spelling. The Education Department, Government of Sindh had notified a committee for standard orthography of Sindhi Language, but problems were not solved and even up to date. Sindhi Language faces the same problems. Sindhi words and terms and barowords are being written in different spellings and there is no uniformity in orthography of some compound and complex words.*

*This research paper is a brief discussion on the different issues of orthography of Sindhi Language, these issues are continuously being in use since 1853. Paper has concluded with few suggestions.*

## پس منظر:

سنڌي ٻوليءَ جي هن وقت واري شڪل يعني صورتخطيءَ کي جديد ترتيب ڏيندي لڳ ڀڳ پوڻيون ٻه صديون گذري چڪيون آهن. صورتخطيءَ ۾ ڪجهه ترميمن کان پوءِ جڏهن انگريز سرڪار طرفان 1853ع ۾ مروج الفابيٽ کي آخري شڪل ڏني وئي، ان وقت ٻه ڪن عالمن خاص ڪري جرمن مشنري اسڪالر ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽُرمپ ان ترميمي ترتيب جي مخالفت ڪئي هئي. ڊاڪٽر ٽرمپ، ديوناگري لکت جو حامي هو ۽ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ٻه خداوادي لپيءَ کي نج سنڌي لکت مڃيندي، اُن کي اڳتي وڌائڻ جي ڳالهه ڪندو هو ۽ هن لاءِ اُن وٽ ڪافي دليل ٻه هئا. بهرحال انهن سڀني خيالن ۽ راين کان پوءِ انگريزن جي جوڙيل الفابيٽ واري ڪميٽيءَ جي سفارش تي سنڌيءَ جو موجوده عربي خط سنڌ ۾ سرڪاري طور رائج ٿي ويو. ان وقت پڙهيل عالمن ڪانسواءِ نج سنڌي ٻوليءَ جي سنڌي عالمن جو ڪو ايڏو وڏو تعداد ڪو نه هو. جيڪي سنڌيءَ جي وياڪرڻ، صوتيات ۽ صورتخطيءَ جي مختلف بناوتن تي دسترس رکندا هجن. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌي ٻوليءَ جي نفاذ کان پوءِ ٻه ان تي عربي ۽ فارسيءَ جي صورتخطيءَ جي ڇاپ هلندي آئي. مختلف وقتن تي سنڌي صورتخطيءَ ۾ اهڙن سڌارن لاءِ ڪميٽيون جوڙي ڪوششون ٻه ٿيون. پر ڪا خاص ڪاميابي ان ڪري نه ٿي، جو اهي فيصلا سنڌيءَ جي درسي ڪتابن ۽ لغت ۾ جيئن جو تيئن داخل ٿي نه سگهيا ۽ گهڻو ڪري متضاد ٿي رهيا ۽ اڄ تائين متضاد آهن.

## سنڌي الفابيٽ جا مسئلا:

سنڌي ٻوليءَ جا بنيادي اچار 42 ئي آهن. جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي الفابيٽ ۾ موجود آهن. پر عربي خط اختيار ڪري، ڪي واڌو اکر ٻه سنڌي الفابيٽ ۾ آندا ويا. جن جا اچار هر سنڌي ماڻهو نه ڪري سگهندو آهي. جن ۾: ث، س ۽ ص، غ ۽ گ، ز، ذ، ظ، ض ۽ خ، ک جو سنڌيءَ ۾ صوتياتي فرق نه آهي. ڇو جو اهي سنڌي ٻوليءَ جا فطري اچار نه آهن. اهي اچار خاص سکڻ سان ئي ايندا آهن. پر پوءِ ٻه گهرج مطابق سنڌي ٻوليءَ جي 52 اکري الفابيٽ هڪ جامع ۽ عملي (Functional) الفابيٽ آهي. هنن 52 اکرن جي استعمال ۾ نه ته ڪو مسئلو آهي نه ئي ڪا رڪاوٽ. صرف ٽيڪنيڪي بنيادن تي شين کي سَنئين دڳ لڳائڻو آهي ۽ اهو ڪم درسي ڪتابن ۽ عام لکڻين کان شروع ٿيڻ گهرجي. ڇو جو سنڌيءَ جي 52 اکرن کانسواءِ سنڌي ٻوليءَ جو ڪو ٻه ٻيو اضافي اکر مقرر نه ڪيو ويو آهي ۽ نه ئي انهن جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. البت ڪي آزاد وسرڳ 'ڙهه، مهه، نهه، لهه' وغيره لکڻ لاءِ، پاڻمرادو ڪي اصول گهڙيا

ويا، جيڪي پڻ سائنسي بنيادن تي ٻوليءَ جي تحقيق لاءِ ڪي دليل نہ هئا ۽ نہ ئي آهن. مثلاً سنڌي الفابيٽ جي ’جھ‘ ۽ ’گھ‘ جي جيڪا شڪل مقرر ڪئي وئي ۽ طئي ڪيو ويو تہ سنڌيءَ ۾ اهي اکر انهيءَ لکت سان ڪم آندا ويندا. پر ڪن فردن انهن ٻن اکرن کي مُرڪب اکر سمجهي، انهن کي مثال بڻائيندي، سنڌيءَ جي آزاد وسرڳن لھ، نھ، ٽھ، ڙھ ۽ مھ وغيره کي جھ ۽ گھ واري شڪل ۾ لکڻ شروع ڪيو ۽ انهي شڪل کي درست سمجهي، اهي آزاد وسرڳ لکڻين ۾ ان بنياد تي استعمال ڪرڻ لڳا. مٿان هڪ ٻي غلطي اها بہ ڪئي وئي تہ انهي ’گھ‘ ۽ ’جھ‘ جي ’ھ‘ کي وسرڳي ’ھ‘ جو نالو ڏيئي، جڻ تہ سنڌي الفابيٽ ۾ 53 هين اکر طور اڻ ڏٺو واڌارو ڪري وڌو. جڏهن تہ سنڌي الفابيٽ ۾ اهڙي ڪنهن بہ ھ جو ڪو وجود ئي ڪونهي. هن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي صوتيات کي سمجهندڙ ماهرن واضح لکيو آهي تہ اها ’ھ‘ الفابيٽ جو اکري عدد نہ آهي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، مشهور هندستاني لسانياتي ماهر پروفيسر سنيتي ڪمار چٽرجيءَ جي حوالي سان پنهنجي ڪتاب ’سنڌي صوتيات‘ ۾ لکيو آهي تہ:

”نتيجي طور چئي سگهجي ٿو تہ جھ ۽ گھ يا ڀ، ٿ، ڌ، ٺ، ڍ، ڇ ۽ ک مرڪب آوازن جون لکت ۾ صورتون نہ آهن، پر اهي بہ مفرد اکر آهن، انهن ۾ ’ھ‘ حرف ڪنهن ڌار آواز جي نمائندگي نٿو ڪري.“[1]

يعني ڪو صوتيو پنهنجو شڪلي وجود تڏهن رکندو جڏهن ان صوتئي جي واضح موجودگي هجي. سنڌيءَ جي اها ’ھ‘ وسرڳائيءَ جي موجودگيءَ جو صرف اهڃاڻ ڏئي ٿي، اسان جا ڪن ’ھ‘ جو مڪمل اچار نٿا ٻڌن، پر انهن ڳرن اکرن ۾ ’ھ‘ جو اڌ اچار ڪن جهٽين ٿا، جنهن سان ’ھ‘ جي اڻ لکي گاڏڙ اچار کي محسوس ڪري سگهجي ٿو. اهڙيءَ طرح ’گ‘ جي هلڪي اچار کي ڳرو ڪيو ويو آهي، جو ’ھ‘ جو اُچار ’گ‘ ۾ گُهلِي هڪ نئين اچار ’گھ‘ کي جنم ڏئي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي آزاد وسرڳن کي جڏهن ’جھ‘ ۽ ’گھ‘ جي شڪل جو پابند بڻائبو تہ ’ڙھ‘ جي عجيب صورتخطي سامهون ايندي، ڇو جو ’ڙ‘ سان ڪو ٻيو اکر گڏائي لکي نٿو سگهجي ۽ ’ڙھ‘ جي اها صورت ٻوليءَ جي لکت ۾ ڪو بہ عملي ڪارج نٿي رکي.

سنڌي ٻوليءَ جي الفابيٽ جي حوالي سان هن وقت ڪي اهڙا بحث بہ هلي رهيا آهن تہ الفابيٽ ۾ هم آواز اکرن مان ڪنهن هڪ اکر جي شڪل کي برقرار رکي، باقي ٻين هم آواز اکرن کي خارج ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي الفابيٽ کي مختصر ڪيو وڃي. انهن صاحبن جو خيال آهي تہ ائين سنڌيءَ جي صورتخطي وڌيڪ آسان

ٿي پوندي ۽ گھٽڻ اکرن جي لکڻ جي جنجهٽ کان بہ بچي پئبو. اهڙيءَ طرح اهي صاحب اکر ’ز, ذ, ظ, ض‘ مان ڪنهن هڪ اکر کي رکڻ جي ڳالهہ ڪن ٿا, ساڳيءَ طرح ’گ ۽ غ‘ يا ’ث, س ۽ ص‘ مان ڪو هڪ اکر, ڪ ۽ ق مان هڪ اکر, ’الف, ع, ئ‘ مان ڪو هڪ اکر رکڻ ۽ ٻيا هم آواز اکر خارج ڪرڻ جي حمايت ڪن ٿا. اصل ۾ اهي صاحب سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ جي نفِي ڪن ٿا, انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي تہ سنڌي ماڻهو صوتياتي لحاظ کان انهن اکرن جو ترتيب سان هڪ ئي مخرج رکي ٿو اکثر عام سنڌي ’خ ۽ ک‘ بہ ساڳي مخرج سان اهڙي طريقي اچارين ٿا جو خ ۽ ک ۾ فرق نٿو رهي, پر تنهن هوندي بہ انهن اکرن کي سنڌيءَ جي الفابيٽ مان ڪڍڻ بلڪل غلط هوندو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي موجود صورتخطي انهيءَ ڳالهہ جي هرگز اجازت نٿي ڏئي تہ اهي هم آواز اکر خارج ڪري, انهن مان ڪو هڪ اکر, انهيءَ هڪ آواز لاءِ متبادل طور قائم رکجي. سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي, عربي صورتخطيءَ تي آڌاريل آهي, ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جي لفظي ساخت بہ اها ئي رهندي, سواءِ انهن عربي فارسي اکرن جي جيڪي سنڌي ٻولي پاڻ ورتا ئي نہ آهن, صرف اهي لفظ بامعنا هوندا, جيڪي سنڌيءَ جي الفابيٽ سان ٺهڪي ايندا, مثال: جيڪڏهن ز, ذ, ظ ۽ ض مان فرض ڪريو تہ ’ز‘ اکر رکجي ۽ ٻيا اکر الفابيٽ مان خارج ڪجن ۽ ’ت‘ بہ ختم ڪري صرف ’ط‘ رکجي, ان لاءِ اول تہ اهو فيصلو ڪير ڪندو تہ انهن هم آواز اکرن مان ڪهڙو هڪ اکر رهڻ ڏجي ۽ ٻيا خارج ڪجن؟ پر سمجهو تہ ’ز‘ اکر رکيو ويو ٻيا خارج ڪيا ويا تہ هاڻ ’ظلم‘ بجاءِ ’زلم‘ لکبو ’ظفر‘ ’زفر‘ ڪري لکبو ان بنياد تي ضرورتمند کي ’زرورطمند‘ ڪري لکبو ۽ ساڳي نموني ث, س ۽ ص مان هڪ اکر ’ص‘ رکجي تہ ’سنڌ‘ کي ’صنڌ‘ ڪري لکبو ’ثمر‘ کي صمر ۽ ’سڳيون‘ کي صڳيون, ڇا اهو قابل قبول هوندو؟ ٻيو تہ ائين ڪرڻ سان سنڌي صورتخطيءَ جي حوالي سان اهڙا سوين انوکا لفظ جڙي پوندا, جن جي نہ صرف سنڌي لغت ۾ پر دنيا جي ڪنهن بہ لغت ۾ ڪا بہ معنا نہ هوندي, مثال ’آفتاب‘ جي معنا’سج‘ آهي, پر صورتخطي ڦيرائي لکڻ سان ’ععفتعب‘ لکڻو پوندو, جيڪڏهن رڳو ’ع‘ رکجي, هي صورتخطيءَ جو عجيب ڦيرو هوندو, جنهن لفظ جي نہ معنيٰ هوندي نہ ڪا مستند شڪل.

انهيءَ ڪري اهي صاحب جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي الفابيٽ کي ڪتري لُنڊو ڪرڻ جي ڳالهہ ڪن ٿا, دراصل اهي پنهنجي بي علميءَ کي ٻين تي ٿاڦڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪرڻ کان قاصر آهن. ٻوليءَ جي صورتخطي (Orthography) ۽ علم صوتيات (Phonology) تي مڪمل دسترس رکندڙ ئي اهي ڳالهيون سمجهي سگهي ٿو.

ٻوليءَ جي ارتقا صدين تائين هلندي رهندي آهي ۽ هلندي رهندي. هن جديد دور ۾ هر علم کي پر لڳي ويا آهن. ڊجيٽلائيز دنيا سيني علمن سان گڏ ٻولين کي بہ تمام تکڙو ارتقائي مرحلن مان گذاري رهي آهي. اڄ جا اصطلاح ۽ لفظ ٻئي ڏينهن جڻ تہ اوپرا ٿي ٿا پون. اڳي اهي مرحلا صديون وٺندا هئا. پر انفرميشن ٽيڪنالاجي، اقتصادي حالتن ۽ ٻولين جي هڪٻئي سان ڪئونس، ٻولين جي ساخت تي وڏا اثر ڇڏيا آهن. جن ٻولين ۾ فطري تبديليءَ جي رفتار بہ تيز ڪري ڇڏي آهي. گذريل پنجاهہ سالن ۾ سنڌي ٻولي پنهنجي ساخت ۾ ڪافي تبديليون آنديون آهن. پر انهيءَ جو هرگز اهو مطلب نہ آهي تہ ٻوليءَ جي صورتخطيءَ کي ويهي ڦيرائجي ۽ ان جي روايتن ۽ بزرگن جي محنتن تي پاڻي ڦيرجي.

سوشل ميڊيا تي سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ڪيترائي گروپ ۽ پيج ٺهي ويا آهن. جن تي بحث ٿيڻ سني ڳالهہ آهي، پر پنهنجي نوجوان نسل کي اهو ٻڌائڻ تہ سنڌي الفابيٽ ناقص آهي. سنڌي ٻوليءَ جي الفابيٽ ۾ ساڳي اچار وارا واڌُو اکر وڌا ويا آهن. اِها ڏاري ٻوليءَ جي الفابيٽ آهي، وغيره جهڙا ويچار سنڌي ٻوليءَ سان خير خواهي نہ آهي.

سنڌي ٻولي بنيادي طرح سهل ٻولي آهي. سنڌي ماڻهن جي زبان، ڪنهن گهٽي خفي جي عادي نہ آهي. سنڌي ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ جي هر انهي لفظ جي صوتئي کي ڪيرائي ڇڏيندا آهن. جيڪو اچارڻ ۾ اٽڪي. سنڌي ٻوليءَ پنهنجي فطرت ۾ ڊيگهہ کي پسند نٿي ڪري. ايتري تائين جو نالن ۾ بہ تخفيف ڪري ويندي آهي. ٻهراڙين ۾ عام نالا بہ اڌ اچاريا ويندا آهن. اِهو سنڌي ٻوليءَ جو پنهنجو صوتياتي نظام آهي. جن اکرن جي اچارڻ جي گهٽي عادت نہ هوندي آهي، سنڌي ماڻهو اهو نٿو اچاري. ساڳئي طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻو پوءِ داخل ٿيل صوتيا بہ ائين اصل وانگر اچاري نہ سگهبا آهن. جيئن پنهنجي بنيادي ٻوليءَ ۾ اهي اچارجن ٿا. انهيءَ ڪري سنڌي الفابيٽ جي ڪنهن بہ اکر جي ڪتر اُچار جي بنياد تي نٿي ڪري سگهجي. ٻيءَ صورت ۾ سنڌيءَ جي موجود صورتخطي پنهنجو جمال ۽ ڪارج وڃائي ويهندي.

**صورتخطيءَ جا مسئلا:**

سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ جي شروعاتي مرحلن ۾ ٻوليءَ جي لکت جي نموني تي ڪو باقاعدي ڪم نہ ٿيو عربي ۽ فارسي پس منظر کان هڪدم نڪري سنڌي ٻوليءَ کي اختيار ڪرڻ ۽ سرڪاري سطح تي درسي ڪتابن ۽ حڪومتي دفتري نظام ۾ ان کي رائج ڪرڻ وقت، اهو فطري امر هو تہ عربي ۽ فارسيءَ جا اُهي لفظ

۽ اصطلاح جيئن اڳي سنڌ جي مڪتبن ۽ وهنوار ۾ استعمال ٿيندا هئا، انهن جي سنڌي صورتخطيءَ بہ اها ئي بحال رهي، سنڌي الف- بي جي 52 اکرن جي سرڪاري طور تسليميءَ کي هن معاملي ۾ نظر انداز ڪيو ويو ۽ ڪيترن عربي توڙي فارسي لفظن جي صورتخطيءَ کي جيئن جو تيئن اختيار ڪيو ويو ۽ اهي اکر جيڪي سنڌي الفابيٽ جو حصو ئي نہ هئا، ائين انهن کي رهڻ ڏنو ويو. اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي، عربي ۽ فارسيءَ جي انهن لفظن ۽ اصطلاحن کي اڄ بہ سنڌيءَ جي 52 اکريءَ جي دائري ۾ لکڻ جي ڪوشش کي صورتخطيءَ جي ڇڪ ڇيو وڃي ٿو جنهن جي معنيٰ اها ٿي تہ سنڌي ٻولي ڪنهن بہ ٻي ٻوليءَ جي لفظ يا اصطلاح کي پنهنجي مقرر الفابيٽ ۾ نٿي لکي سگهي يا هن ۾ اهڙي سگهہ نہ آهي، جڏهن تہ دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ خاص ڪري اهي لفظ ۽ اصطلاح جيڪي ان ٻوليءَ ڪنهن ٻي ٻوليءَ مان اختيار ڪري ورتا آهن ۽ هاڻ ان ٻوليءَ جي لغت ۾ شامل ٿي چڪا آهن، اهي ان ٻوليءَ جي الفابيٽ ۾ لکجڻ جا پابند آهن، ٻوليءَ جي انهن لفظن لاءِ سنڌي عالمن ’اُڌارا‘ لفظ استعمال ڪيو آهي، جيڪو انگريزيءَ جي ’Borrow words‘ جو ترجمو آهي، انگريزي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ اهو اصطلاح ڪيئن ۽ ڇو استعمال ٿيو اهو هڪ الڳ موضوع آهي، پر سنڌيءَ ۾ لفظ ’اُڌارو‘ ان معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي، جيڪو بعد ۾ واپس ڪيو وڃي، اڌاري شيءِ پنهنجي نہ هوندي آهي،تنهنڪري انهن کي ’ورتل‘ يا ’اختيار ڪيل‘ چوڻ بهتر ٿيندو.

ڏنو وڃي تہ سنڌي ٻولي عربي ۽ فارسيءَ جي لفظن جي مقابلي ۾ انگريزيءَ جا جيڪي لفظ پنهنجا ڪيا، شروع ۾ انهن جون هجيئون بہ سنڌيءَ جي مزاج مطابق بدلايون ويون هيون، جن کي بعد ۾ ’جٽڪا لفظ‘ چئي عام استعمال کان پاسو ڪيو ويو. اسٽيشن کي ’ٽيشڻ‘ چوڻ واري کي ڳوناٽو ڄٽ ۽ اٽپڙهيل جو لقب ڏنو ويو، ائين سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي مزاج مطابق ٻين ٻولين جا لفظ اختيار ڪرڻ واري انهيءَ فطري خاصيت کان جهڻ تہ روڪيو ويو.

انگريزن جي اچڻ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي انگريزيءَ جا لفظ ۽ اصطلاح ان ڪري بہ ڪجهہ سولا لڳا، جو انگريزي ڪنهن نہ ڪنهن سطح ۽ حد تائين سنڌ ۾ متوازي ٻوليءَ جو درجو حاصل ڪري ورتو هو ۽ اڃا تائين متوازي ٻولي رهندي اچي، پر ان جي مقابلي ۾ سنڌي ٻولي عربي ۽ فارسيءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن کي هاڻ هوبهو اختيار ڪرڻ کان نابري واري آهي، جو اهي ٻيئي ٻوليون سنڌيءَ جون متوازي ٻوليون نہ رهيون آهن، جيئن انگريزن کان اڳي هو. ويجهي ماضيءَ ۾ اردوءَ کان متاثر ٿيندي عربي ۽ فارسيءَ وارا سائنسي ۽ سماجي اصطلاح سنڌيءَ ۾ رائج ڪرڻ جي ڪوشش

ڪئي وئي، پر سنڌي ماڻهن جي مخرجي نظام (Cavity System) انهن کي قبول نہ ڪيو. انهيءَ سڄي پس منظر جي روشنيءَ ۾ هاڻ وقت جي ضرورت آهي تہ سنڌي صورتخطيءَ جي مختلف لفظن ۽ اصطلاحن کي معياري ۽ مستند بنائي سنڌي ٻوليءَ جي لغت ۾ شامل ڪيو وڃي ۽ پوءِ تحقيق ۽ لکت لاءِ 'لغت' ئي سنڌي ٻوليءَ جو وڏو دليل هوندي تہ 'اهو لفظ يا اصطلاح' لغت ۾ جيئن لکيل آهي، ائين ئي لکبو ان جي صورتخطي اِها ئي هوندي. ائين انگريزي، عربي ۽ فارسي يا اسپينيءَ وانگر پرائمري سطح کان يونيورسٽيءَ سطح تائين سنڌي ٻوليءَ جون درجيوار لغتون تيار ٿين، پوءِ وڃي اشاعتي ادارن ۽ سنڌيءَ جي پرنٽ ميڊيا ۾، اهي لفظ ۽ اصطلاح هڪ مقرر صورتخطيءَ ۾ لکڻ جو رواج پوندو. ڪن صاحبن جي هن وقت بہ اها سوچ آهي تہ عربي ۽ فارسي لفظن جي صورتخطي سنڌي ٻوليءَ جي 52 اکري الفابيٽ جي پابنديءَ کان آجي هئڻ گهرجي، انهن صاحبن کي سمجهڻ گهرجي تہ 'سنڌي ٻولي' پنهنجي الفابيٽ ۾ برابر عربي، فارسي ۽ سنسڪرتي اکر سمويا آهن. پر سنڌي ماڻهن اهي ٻوليون اختيار نہ ڪيون آهن ۽ نہ ئي سنڌي ٻولي عربي، فارسي ۽ سنسڪرتي صورتخطي يا وياڪرڻي اصول جي پابند آهي، سنڌي ٻولي هڪ الڳ، جامع، وسيع ۽ تاريخي بنياد رکندڙ ٻولي آهي.

جڏهن سنڌي ٻوليءَ جو ڪو شاگرد انهن عربي ۽ فارسي لفظن ۽ اصطلاحن جي صورتخطيءَ بابت پڇي ٿو ۽ چوي ٿو تہ اهي لفظ ائين ڇو ٿا لکجن ؟ تہ ان لاءِ استاد لاجواب ٿي وڃن ٿا، سواءِ اهو چوڻ جي تہ 'شروع کان ائين ئي لکجن ٿا'. ڪن صاحبن سنڌي صورتخطيءَ ۾ بہ 'ھ' جون اضافي چار صورتون ڇاٽايون آهن. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر الطاف جوکيو لکي ٿو تہ "دراصل، سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'ھ' جا مختلف پنج 'اکر' ڪم آندا ويا آهن، جيڪي گهڻي وقت کان وٺي رائج آهن". پر انهن پنجن 'ھ' اکرن کي، هو نج عربي اصطلاحن سان لکي پاڻ ثابت ڪري ٿو تہ انهن اکرن جو سنڌي ٻوليءَ جي الفابيٽ سان ڪو بہ واسطو ڪونهي. هو صاحب لکي ٿو تہ:

> "'ھ' وينجن/ملفوظي/مخروطي(2). 'ھ' وسرڳي/دوچشمي/مخلوطي(3) 'ہ' مختفي (منفصل اکر سان) (3) 'ـہ' مختفي (متصل اکرن سان) ۽ (5) ـہ مختفي (متصل اکر سان." [2]

سنڌي ٻوليءَ جا گهڻگهرا، ٻوليءَ جو علم ۽ فهم رکندڙ پاڻ فيصلو ڪن تہ انهن پنجن اکرن جا اصطلاح سنڌي آهن؟ اهي پنج 'ھ' جن کي ڊاڪٽر جوکيو پنج 'اکر' ٿو چوي، سنڌي ٻوليءَ جي مقرر الفابيٽ جو حصو آهن؟ اُهي صورتون تہ عربي ۽

فارسيءَ جي صورتخطيءَ جون آهن ۽ انهن ٻولين ۾ هر هڪ ۾ هر هڪ ’ھ‘ جو الڳ الڳ ڪارج بہ آهي. جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ صرف هڪ ’ھ‘ آهي.جيئن شروع ۾ ذڪر ڪيو ويو. اڳي مدرسن ۽ مڪتبن جي پس منظر وارن استادن’ھ‘جي انهن اضافي صورتن جا، سنڌي نالا بہ مقرر ڪيا هئا ۽ اجا تائين انهن کي دوچشمي، پيٽ واري يا گول ’ھ‘ وغيره ڪري لکيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو پر افسوس جو سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي درسي ڪتابن ۾ بہ اها غلطي مسلسل هلندي اچي. حقيقت اِها آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ نہ اضافي ’ھ‘ آهي نہ وري ’الف‘ جون سنڌيءَ ۾ ٻہ صورتون آهن. عربي ۽ فارسيءَ ۾ برابر هڪ ’الف‘ ممدوده ۽ ٻيو ’الف‘ مقصوره آهي، پر سنڌيءَ ۾ اهڙي ڪنهن بہ اضافي الف جو ڪو وجود ڪونهي.

صورتخطيءَ ۾ لفظن کي گڏائي يا الڳ الڳ لکڻ جو مسئلو بہ هلندو اچي، ان ۾ اڳياڙين ۽ پڇاڙين کي گڏائي لکڻ يا الڳ لکڻ جو بہ مسئلو آهي تہ اڳياڙيون سڀ هڪ اصول موجب بنيادي لفظ سان گڏائي لکجن يا الڳ؟ هتي صرف ٽن اڳياڙين جو نموني طور ذڪر ڪجي ٿو هڪ ’اڻ‘، ٻي ’بي‘ ۽ ٽين ’اپ‘. هن وقت هنن اڳياڙين سان لکجندڙ لفظ ڪي گڏيل صورت ۾ ٿا لکجن تہ ڪي وري ڌار صورت ۾ لکيل ملن ٿا. سنڌيءَ جي لغت ۾ بہ ائين ئي انهن اڳياڙين وارا لفظ مختلف صورتن ۾ لکيل آهن. مثال اڻ+پور جي صورتخطي ’اڻپور‘ لکجي ٿي، جڏهن تہ لغت ۾ اڻ+لڀ لفظ ڌار صورتخطي ۾ لکيل ملي ٿو. ڪي ليکڪ اڻلڀ گڏيل صورت ۾ لکن ٿا ۽ ان کي درست مڃين ٿا، پر اصول بيان ٿيل نہ آهي. ائين ’بي‘ اڳياڙي جي لفظ بي+پاڙي کي گڏي لکجي ٿو ۽ بي سبب کي ڌار صورت ۾ لکجي ٿو. ’اُپ‘ اڳياڙي ۾ اُپ+ٻيٽ کي گڏائي لکجي ٿو پر اُپ+ياشا جو لفظ الڳ صورت ۾ لکجي ٿو. هن لاءِ بہ ڪو هڪ اصول مقرر ڪري، سنڌيءَ جي لغت ۾ ان صورت کي قائم ڪرڻ گهرجي.

ٻيو مسئلو مرڪب لفظن جي صورتخطيءَ جي اصولن جو آهي تہ ڪهڙا مرڪب لفظ گڏائي لکجن ۽ ڪهڙا ڌار صورت ۾ لکجن. انهن مرڪب لفظن ۾ ٻہ ڪيترائي قسم آهن، ڪن لفظن سان لفظي پڇاڙيون ملن ٿيون، ڪي پرجهلا مرڪب لفظ آهن، ڪي بامعنيٰ ٻہ ٽا ۽ هڪٻئي کي سگهہ ڏيندڙ مرڪب لفظ آهن. انهن لفظن جي صورتخطيءَ تي بہ اڪثر عالمن پنهنجي طور ڪي شڪليون چونديون آهن ۽ ڪافي بحث ڪيا آهن، ڪن انهن مرڪب لفظن کي وياڪرڻ جي حساب سان ڏٺو آهي، پر پوءِ بہ ڪٿي نہ ڪٿي وري کوٽ اچيو وڃي.

هنن مسئلن تي وڏي تفصيل سان مقالا ۽ ڪتاب بہ لکيل آهن. ماهرن انهن تي وڏابحث ڪيا آهن ۽ انهن جو حل بہ ڏنو آهي، پر لفظن جي صورتخطيءَ جي

حوالي سان عالمن وچ ۾ وري بہ اختلاف ٿي سامهون آيا آهن. گرامري اصول کان هٽي ڪري ڏسجي تہ ڪي لفظ اهڙا آهن، جن جي وچ ۾ هڪ ٻيو لفظ سمائجي سگهي ٿو تہ اهي الڳ لکڻ ٿي بهتر ٿيندو. مثال ڪان پوءِ کي ان ڪري الڳ لکجي تہ انهيءَ مرڪب لفظ جي وچ ۾ ٽيون لفظ بہ اچي سگهي ٿو. مثال 'ڪان گهڻو پوءِ'. پر ڪانسواءِ ان ڪري گڏائي لکجي تہ انهيءَ مرڪب لفظ کي ٽوڙي وچ ۾ ڪو ٻيو لفظ نٿو آڻي سگهجي. هي بنهہ سادو اصول آهي، پر هڪ دليل ضرور آهي. هي دليل اهڙي قسم جي سڀني مرڪب لفظن تي نهڪي نٿو اچي، خاص ڪري 'جي' حرف جر وارا مرڪب لفظ هن سادي اصول ۾ بہ نٿا اچن.

اڳي جيڪا 'ليڪ' مرڪب لفظن جي وچ ۾ آندي ويندي هئي، سا هاڻ گهٽي واهپي سبب گهٽي ڀاڳي متروڪ ٿي چڪي آهي. سنڌيءَ جو نئون ڇپجندڙ مواد هاڻ اهڙي ليڪي مرڪب لفظن کان پاڪ آهي. ڪمپيوٽر جي لکت بہ ان کي قبول نٿي ڪري ۽ جڏهن سنڌي مڪمل طور ڊجيٽل گهرجون پوريون ڪرڻ لڳندي يا مستقبل ۾ جڏهن ڪي بورڊ بجاءِ 'وائس سپورٽ ڪمپوزنگ' ايندي يعني 'ڪي بورڊ ليس ٽيڪنالاجي' ۾ اهڙن لفظن جي ڪا بہ جاءِ نہ هوندي. سنڌي ٻوليءَ جي جن جن ماهرن صورتخطيءَ تي لکيو آهي، انهن ۾ ڊاڪٽر فهميده حسين بہ هڪ آهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي هڪ مقالي 'سنڌي صورتخطيءَ جا ڪي حل طلب مسئلا' جي آخر ۾ لفظ گڏي لکڻ ۽ الڳ لکڻ لاءِ جيڪي چار تجويزون ڏنيون آهن، انهن جي هيٺينءَ طرح ڇنڊ ڇاڻ ڪجي ٿي:

1. "اهڙا بہ يا ٻن کان وڌيڪ لفظ جيڪي ڌار ڌار آزاد صرفيا هجن ۽ جدا لفظ طور بہ استعمال ٿيندا هجن، انهن کي گڏائي لکجي"[4]. يعني 'هن جو' ۽ 'انهن جو' گڏائي ترتيبوار 'هنجو' ۽ 'انهنجو' صورت ۾ لکجي.

2. "يا هڪ آزاد ۽ ٻي پروس صورت هجي، پر جڏهن گڏجن تہ هڪ نئون لغت جو ويا ڪرڻي حيثيت رکندڙ لفظ نهي پوي، جيڪو ڳالهائڻ جو جز (Part of speech) بہ هجي تہ هڪ ايڪي طور (مرڪب يا پيچيده). ان کي گڏي لکڻ درست ٿيندو"[5]. يعني فالنامو نڪاحنامو قسمنامو ۽ بخششنامو گڏيل صورت ۾ لکڻ گهرجن.

3. ٽين تجويز ڏيندي ڊاڪٽر فهميده لکي ٿي تہ "ٻيا اهي لفظ جيڪي آزاد يا پروس صورت ۾ اڳياڙين پڇاڙين جي ڳنڍجڻ سان نهن ۽ انهن جي پنهنجي ويا ڪرڻي حيثيت بہ هجي تہ اهي بہ گڏي لکجن"[6]. يعني

اڳياڙيءَ جي صورت ۾ اٽگهڙيل، اٽواقف، بيقياس ۽ بيقاعدي انهيءَ گڏيل صورت ۾ لکڻ گهرجن ۽ مثال طور پڇاڙيءَ جي هڪ صورت ۾ ملڪگير، عالمگير، سختگير ۽ بغلگير گڏيل صورت ۾ لکڻ گهرجن.

4. آخري تجويز طور هو لکي ٿي ته ”البت لفظ جا جوڙا يا ٻنا لفظ جيڪي هڪٻئي کي زور وٺائڻ لاءِ استعمال ٿيندا هجن انهن کي ڌار ڌار لکڻ بهتر ٿيندو“[7]، جيئن مهمان مڙو ۽ لاها چاڙها وغيره.

هاڻ هي ته هڪڙي فرد جون تجويزون آهن، جن کي به سامهون رکي لاڳاپيل ادارا ڪميٽيون جوڙي، ڪنهن آخري نتيجي تي پهچي، ڪي اصول طي ڪري، صورتخطيءَ کي درسي ڪتابن ۽ سنڌي لغت ۾ شامل ڪرائين. هڪ دفعو ٻيهر شد ۽ مد سان انهيءَ ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي ته سنڌي لکڻ ۽ پڙهڻ وقت سنڌي لغت جو استعمال نهايت ئي ضروري آهي، انهي عمل سان صورتخطيءَ ۾ يڪسانيت پيدا ٿيندي، پر ان لاءِ ضروري آهي ته لغت جي لفظن جي صورتخطيءَ ۾ هڪجهڙائي هجي.

لغت ۾ معياري صورتخطيءَ ڪانسواءِ ڪنهن خاص محاوري وارن لفظن جي صورتخطيءَ کي نه آندو وڃي، ٻيو ته گهٽ ۾ گهٽ درسي، اشاعتي ۽ پرنٽ ميڊيا جي ادارن لاءِ عملي (Functional) لغتن جا ڇاپا اچڻ گهرجن، بلڪل ائين جيئن انگريزيءَ جون درجيوار ۽ ڏنڏيوار لغتون موجود آهن.

صورتخطيءَ جي هڪجهڙائيءَ لاءِ هڪ ٻيو سادو اصول به اختيار ڪري سگهجي ٿو اهو ’لفظن جي صورتخطيءَ جي استعمال جي رجحان‘ وارو اصول آهي، گذريل ٽيهن سالن جي لکت يعني ڪتاب، اخبارون، رسالا ۽ ٻئي ڇاپي مواد جو موادي تجزيو (Content analysis) ڪجي، ڏسجي ته انهيءَ عرصي دوران مختلف لفظن جي صورتخطيءَ جو استعمال (Frequency) ڪيئن رهيو؟ يعني گذريل ٽيهن سالن ۾ لاشعوري طور انهن لفظن جي ڪهڙي صورت وڌ ۾ وڌ استعمال ڪئي وئي آهي؟ اهو تجرباتي عمل ٻوليءَ جي فطري ڌارا (Natural course) کي ظاهر ڪندو بلڪل ائين جيئن پنجاهه سٺ سال اڳ جڏهن ۽ ڪڏهن وغيره تنوينن سان يا رڳو عربي گول ’ه‘ سان لکبا هئا، پوءِ اهي لفظ سنڌي ٻوليءَ جي فطري ڌارا ۾ لڙهي ويا ۽ ٻولي پنهنجي ارتقائي مرحلن مان گذرندي، انهن لفظن جي ان وقت جي صورتخطيءَ کي متروڪ ڪري ڇڏيو. انهيءَ لاءِ نه ڪا ڪميٽيءَ نهي نه وري ڪنهن جي زور بار تي ائين ٿيو پر نئين نسل پنهنجن لکڻين ۾ اهي لفظ انهيءَ صورتخطيءَ ۾ ورجائي انهيءَ ڪري نه لکيا، جو درسي ڪتابن ۾ اهي صورتون انهن نه پڙهيون هيون. البت ڪافي وقت ادبي ڪتابن ۾ اهي صورتون هلنديون آيون، جيڪي نيٺ متروڪ ٿي ويون.

هڪ ٻيو مسئلو لفظن جي معنيٰ ۽ صورتخطيءَ جو آهي. مثال ’هڪٻئي‘ ۽ ’هڪ ٻئي‘ ٻه الڳ الڳ لفظ آهن ۽ معنيٰ به الڳ آهي. ماهرن هن لفظ کي اڪثر هڪ لفظ تسليم ڪندي، ان جي صورتخطيءَ تي بحث ڪيو آهي. هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ منهنجي خيال موجب اِهي به ڌار ڌار لفظ آهن ۽ ڌار ڌار استعمال ۽ معنيٰ رکن ٿا. ’هڪٻئي‘ لفظ جي عددي معنيٰ آهي، جڏهن ته ’هڪ ٻئي‘ جو ضميري استعمال آهي. هاڻ جملو پڙهو: ’هنن هڪٻئي کي پٺي ڏيکاري ڏني ۽ هڪ ٻئي کي صدر بنايو ته هي رستو صدر کان ٿيندو آرٽ ڪائونسل ويندو انهن کي پهريان ان ڳالهه جي خبر نه هئي، پر هڪ ٻئي ماڻهوءَ هنن کي اهو ڏس ڏنو‘. هاڻ جيڪي چون ٿا ته ’هڪ ٻئي‘ ٽوڙي لکجي ته پوءِ معنيٰ به بدلجي ٿي، يعني ساڳيو لفظ گڏائي لکو ته هڪ معنيٰ ۽ ٽوڙي لکو ته ٻي معنيٰ.

ائين صورتخطيءَ جي مسئلن ۾ آوازي مسئلا به آهن. جن جي بنياد تي صورتخطيءَ ۾ تضاد موجود آهن. مثال اجا يا اڃان ۽ جاچ يا جانچ اما يا امان وغيره. ٻيو ڌارين ٻولين خاص ڪري انگريزيءَ جا لفظ سنڌيءَ ۾ اُلٿائي ڪيئن لکجن؟ انهن لاءِ بهترين طريقو ’صوتياتي لئبارٽريون‘ آهي، اتي ويهي آوازن جو اڀياس ڪري سگهجي ٿو. علم صوتيات جو تعلق علم بدن (Physiology) سان آهي. ڳالهائڻ جي عمل ۾ جيڪي انساني عضوا شامل آهن. انهن کي سمجهڻ ضروري آهي ۽ ڳالهائڻ جي ڪري جيڪي لفظ انساني وات مان هوا جي داٻ ذريعي نڪرن ٿا. انهن کي سڱ سيڪڙو تز سمجهڻ ڏکيو هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اهڙن اچارن کي سمجهڻ ۾ مونجهه پيدا ٿي پوندي آهي ته صحيح اچار ڪهڙو آهي؟ مثال انب ۽ امب جو اچار هڪٻئي کي مبهم ڪري ٿو قمبر ۽ قنبر جو آواز ائين ئي غير واضح سمجهه ۾ ايندو آهي. هنديءَ ۾ ’ن‘ جو اڌ اچار به ٿيندو ائين سنڌيءَ ۾ به ڪن صوتين جا اڌ اچار ٿين ٿا. هنديءَ ۾ ته انهن جي الڳ اکري شڪل به آهي، پر سنڌيءَ ۾ اهڙن اچارن لاءِ ڪي الڳ اکر نه آهن. سنڌي ۾ ’ن‘ ۽ ’م‘ جو مخرج هڪٻئي سان لاڳو آهي ۽ ’انب‘ ۽ ’قنبر‘ ۾ ’ن‘ اڌ اچارجي ٿو. ان ڪري عام طور سمجهه ۾ نه ايندو ته ڇوڻ واري انب ڇيو يا امب ۽ قنبر ڇيو يا قمبر. صوتيات جا اهڙا پيچيدا مسئلا به ٻوليءَ جي صورتخطيءَ تي اثر انداز ٿيندا رهيا آهن.

”ڳالهائڻ جي ڪري جيڪي هوائي لهرون وات اڳيان پيدا ٿين ٿيون، تن جي نوعيت کي سمجهائڻ ڏکيو آهي. ڇو ته اهڙي قسم جي بيان جو تعلق علم طبعي ۽ علم رياضي (Mathematics) سان آهي، جنهن کي سڀ ڪو سمجهي نٿو سگهي. ان هوندي به اسپيڪٽروگرافيءَ ۽ ڪموگرافي جي ذريعي آوازن جي لهرن کي گراف يعني ليڪ سازيءَ جي صورت ۾ آڻي سندن نوعيت کي جاچيو وڃي ٿو.“[8]

هن جديد دور ۾ اهڙيون لئبارٽريون قائم ڪرڻ ڪو مسئلو نہ آهي، پر سنڌي ٻوليءَ تي صوتياتي تحقيق لاءِ هن وقت اهڙي قسم جي هڪ بہ لئبارٽري موجود نہ آهي. هاڻ تہ جديد ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال ڪندي، انگريزي، عربي ۽ فرانسيسي ٻولين جون اليڪٽرانڪ ڊڪشنريون بہ تيار ٿي چڪيون آهن، انهن ٻولين جي لغت ايپ (Dictionary app) تي نہ صرف مک لفظ، ان جا شاخي لفظ ۽ انهن جون مختلف معنائون ۽ استعمال ڏنا ويا آهن، پر گڏوگڏ معياري لهجي ۾ اهي ڪيئن ٿا اچارجن؟ اهو آواز/ اچار بہ ڏنو ويو آهي. سنڌي ٻولي اهڙي ڪم کان اڃا گھڻو پري آهي، ڇو جو سنڌي ٻولي ۽ لسانيات جي ماهرن ۽ لئنگئيج انجنيئرن لاءِ اهڙو ڪو فورم جڙي نہ سگهيو آهي، جيڪو مسلسل ڪم ڪندو رهي، ڪنهن ساک واري اداري (اٿارٽيءَ) جي معرفت اهڙو ڪم ڪري سگهجي ٿو گهٽ ۾ گهٽ اسڪولي سطح جي سنڌي ٻوليءَ جي ’صوتياتي لغت‘ پهرين واندڪائيءَ ۾ آڻي سگهجي ٿي، جنهن سان ٻارڙن کي سنڌيءَ جي مختلف لفظن جي اچارن جي خبر پوي ۽ پوءِ ائين اڳتي سڀ درجيوار لغتون تيار ڪجن.

سنڌيءَ جي ڊجيٽلائيز صوتياتي لغت جي اچڻ سان خبر پوندي تہ ’انب‘ صورتخطيءَ جي لحاظ کان صحيح آهي يا ’امب‘ ۽ خود انگريزيءَ مان جيڪي لفظ ۽ اصطلاح سنڌيءَ لاءِ ورتا ويا آهن، انهن جي صورتخطيءَ بہ مستند ٿي سگهندي، انگريزيءَ جي صوتياتي لغت تان بہ اهڙي مدد ملي ويندي، جيڪا هاڻ آن لائين موجود آهي. ان سان خبر پوندي تہ نئشنل صحيح آهي يا نيشنل، لئنگئيج صحيح آهي يا لئنگويج، ايوارڊ صحيح آهي يا اوارڊ، چيئرمئن (Singular) صحيح آهي يا چيئرمين (جيڪو Plural جو اچار ڏئي ٿو) ائين اهي انگريزيءَ جا لفظ بہ درست سنڌي صورتخطيءَ ۾ اچي ويندا. سنڌيءَ جي صوتياتي لغت تي جيترو جلد ڪم ٿيندو، اوترو سنڌي ٻوليءَ کي مستقبل ۾ فائدو ٿيندو. ”چاڪاڻ تہ اسان جي ٻوليءَ جو عملي ۽ وگيانڪ مطالعو تہ اڃا شروع ئي نہ ٿيو آهي.“(9)

هاڻ وقت اچي ويو آهي تہ ان مطالعي جي شروعات ڪجي، اهڙي شروعات سان نہ صرف سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق جا نوان در کلندا، پر گڏوگڏ سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ جي سيني مسئلن کي بہ حل ڪري سگهجي ٿو.

❖

## حوالا:


1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 'سنڌي صوتيات' ڇاپو ٽيون، 2017ع سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، صفحو 91.
2. لغاري، عنايت حسين، ڊاڪٽر، ايڊيٽر 'ڪارونجهر' ڇهه ماهي، وفاقي اردو يونيورسٽي، جلد 12، شمارو 23 ڊسمبر 2020ع، مقالو 'صوتيات جي اصطلاحن 'وسرڳ ۽ اوسرڳ' جو تنقيدي جائزو' ڊاڪٽر الطاف جوکيو صفحو 10.
3. مٿيون ساڳيو صفحو 10.
4. فهميده حسين، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو' (مقالا)، ڇاپو پهريون، 2012ع، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد، سنڌ، صفحو 111.
5. ساڳيو صفحو 111.
6. ساڳيو صفحو 111.
7. ساڳيو صفحو 111.
8. جتوئي، علي نواز، پروفيسر، 'علم لسان ۽ سنڌي زبان'، ڇاپو ٽيون، مارچ 2018ع، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، سنڌ، صفحو 44.
9. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، مقدمو 'سنڌي صوتيات'، ڇاپو ٽيون، 2017ع، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ، صفحو 15.

ڊاڪٽر رياضت برڙو

# اردو-سنڌي لغتن جو تنقيدي ۽ تجزياتي جائزو

## A critical and analytical review of Urdu-Sindhi dictionaries

***Abstract:***

*Lexicography is a professional activity as well as an academic field concerned with dictionaries and various kinds of reference work. The importance of a dictionary as a reference book for pedagogical purpose is universally accepted.*

*The practice of writing lexicon in Sindhi language started in due course during the British rule in Sindh. Before it, bilingual dictionaries of Persian-Sindhi and Arabic-Sindhi words and trilingual dictionaries showing the substitutes of "Persian-Arabic-Sindhi" words were in currency for reference. After coming into being of Pakistan Sindhi language came into direct interaction with Urdu language because Karachi, the biggest and main city of Sindh, was made capital of Pakistan and Urdu was declared as a national language of the country. Majority of Urdu-speaking population besides Karachi settled down in other big cities of Sindh as well which included Hyderabad, Sukkur and Mirpur Khas, this resulted into frequent contact of Sindhi people with Urdu language. On the other hand many words of Arabic, Persian, Sanskrit, Hindi and Turkish languages were part of Urdu language of which many were already being spoken and written in Sindhi language as well, hence, the lexical similarities existed in both languages to the considerable extent. In this given perspective, the bilingual dictionaries of Urdu and Sindhi were prepared so that the speakers of both the languages should be brought closer to each other. In this context the first ever step was taken by Ibn-e-Illyas who compiled a dictionary entitled "Naeen Urdu-Sindhi Lughaat" (The New Urdu-Sindhi Dictionary) which was published in 1950 and made public for reference. Afterwards, Dr. Nabi Bux Khan Baloch, Dr. Ghulam Mustafa Khan, Dr. Abul Laith Siddiqui, Jamal Rind, Abdul Sattar Baloch, Dr. Badar Dhamraho, Muhammad Usman Abbasi, Rahim Bux Lund and Ali Sher Qureshi contributed in this field and thus, brought these two languages even more closely to each other.*

*In this paper, I have presented critical review of Urdu-Sindhi dictionaries. In this study, the microstructure of dictionaries with particular emphasis on presentation of meaning, pronunciation and grammatical*

*information have been studied. Research paradigm for this study is qualitative and content analysis is used as the research tool. It is found that these dictionaries qualify as a good work and carry many merits in one aspect or in another. This sort of research work has not been done previously in Sindhi language, this shall not only help improvise already published dictionaries but also inspire to find out and adopt new ways and methods for preparing qualitative bilingual dictionaries.*
*Key words: Lexicography, Dictionaries, Urdu and Sindhi Bilingual lexical work.*

**سنڌي ۽ اردو ٻولين جي هڪٻئي سان تعلق ۽ اردو ٻوليءَ جي ننڍي کنڊ ’هند-سنڌ‘ ۾ پيدائش بابت الڳ الڳ رايا تحقيق ۽ تجزيي هيٺ آندا ويا آهن، جهڙوڪ ڊاڪٽر جميل جالبي لکي ٿو:**

”یہ زبان [اردو] اپنی ابتدائی شکل میں سندھ و ملتان کے علاقے میں عربوں کے زیر اثر بننی شروع ہوئی۔ محمود غزنوی کے بعد جب آلِ غزنہ نے سندھ و پنجاب اور میرٹھ تک کے علاقے پر اپنی حکومت قائم کرکے لاہور کو اپنا دارالحکومت بنایا تو یہ ’نئی زبان‘ 1026ء سے 1182ء تک اپنی خد و خال اس علاقے میں بناتی سنوارتی رہی۔“(1)

**يا سيد سليمان ندوي لکي ٿو:**

”ہر صوبہ کی مقامی بولیوں میں مسلمانوں کی زبان کے الفاظ کا میل ہو کر ایک نئی بولی پیدا ہونے لگی، مسلمانوں اور ہندوؤں کا یہ میل جول جیسا کہ پہلے کہا گیا، سب سے پہلے ملتان سے لے کر ٹھٹھہ تک سندھ میں اور پھر یہاں سے گجرات اور کاٹھیاوار تک ہوا ہوگا، اس میل جول سے جو زبان بنی اس کا پہلا نمونہ ہم کو 762ھ میں فیروز شاہ تغلق کے عہد میں سندھ میں ملتا ہے۔“(2)

**اهڙيءَ طرح پروفيسر رحمت فرخ آبادي لکي ٿو:**

”1843ء میں جب سندھ انگریزی مقبوضات میں شامل کرلیا گیا تو انتظامی اور کاروباری ضروریات اور تلاش معاش کی خاطر یو پی اور پنجاب کے اردوداں حضرات سندھ آئے اور ایک بہت ہی قلیل عرصے میں اردو نے مقامی زبان سندھی کے ساتھ ہی ساتھ اپنے دائرہ اثر کو وسعت دینا شروع کی۔ دفتری ضروریات میں فارسی کی جگہ سندھی نے لے لی تھی اور یہ ایک بڑا ہی مثبت اور خوش آئند اقدام تھا لیکن کراچی کی عام زبان ہونے کا شرف اردو کے حصے میں آیا۔“(3)

**ان ريت، هڪ تضاد کي مختلف راين ۾ مطالعي هيٺ آڻي سگهجي ٿو جن جي ڇنڊڇاڻ جي وڏي گهرج آهي.**

**سنڌ تي 1843ع ۾ انگريزن جي قبضي کان اڳ، سنڌ ۾ سنڌي، فارسي،**

اردو ۽ ٻين ٻولين ۾ شعر لکڻ جو سلسلو نظر اچي ٿو جنهن بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو تحقيقي ڪتاب ’سندھ میں اردو شاعری‘ (عہدِ شاہجہان تا قیامِ پاکستان) اهم آهي، جنهن ۾ 71 شاعرن جو ڪلام سهيڙيو ويو آهي، جن ۾ مُلا عبدالحڪيم عطا ٺٽويءَ (1040هه_1140هه) جو نالو پهرئين شاعر طور ڏنل آهي، جنهن جي ٿوري اردو شاعري ملي ٿي.[4] ان منجهان پڻ سنڌي ۽ اردو ٻولين جي ڳانڍاپي سان گڏ شاعرن جي اردو ٻوليءَ ڏانهن رويي ۽ سندن لهجي جو مطالعو ڪري سگهجي ٿو.

اردو ٻوليءَ ۾ جيئن تہ عربي، فارسي، سنسڪرت، هندي ۽ ترڪي ٻولين جي لفظن جو ججهو ذخيرو موجود هو جن ٻولين جا ڪيترائي لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ ڳالهايا ۽ لکيا پڙهيا ويندا هئا، ان ڪري سنڌي ۽ اردو ٻولين جي ويجهڙائي ٿيڻ ۾ ڪو وڏو وقت نہ لڳو. سن 1947ع ۾، پاڪستان جي قيام بعد، هندستان مان پاڪستان، خاص ڪري سنڌ ڏي لڏي آيل مهاجرن جي اڪثريت اردو ٻولي ڳالهائيندڙ هئي، جيڪا پاڪستان جي قومي زبان بڻائي وئي، تہ ان عمل سان سنڌي ٻوليءَ تي اردوءَ جا اثر سڌيءَ ريت ۽ گهڻا پوڻ شروع ٿيا. پر سنڌي ٻوليءَ بہ پنهنجين سگهارين لساني ۽ لغتي خوبين جي ڪري ۽ پختن علمي، مذهبي، ادبي ۽ تهذيبي بنيادن هئڻ جي ڪري اردوءَ ٻوليءَ تي پنهنجا اثر ڇڏڻ شروع ڪيا. سن 1955ع ۾ اولهہ پاڪستان ۾ ون يونٽ جي قيام ۽ سنڌي ٻوليءَ خلاف سازشن سان، سنڌي ۽ اردو ٻولين جي وچ ۾ ويجهڙائي ٿيڻ بدران ڏُوري وڌڻ لڳي، جنهن جو خاتمو سن 1970ع ۾ ٿيو ۽ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت بحال ٿي. پاڪستان ۾ اردو ٻوليءَ جي آمد سان، جتي ٻنهي ٻولين ۾ هڪ ٻئي جو ادب ترجمو ٿيڻ لڳو اتي سنڌي ۽ اردو ٻولين جون ٻہ_ٻوليائي لغتون بہ مرتب ٿيڻ لڳيون. ان حوالي سان، سڀ کان پهريون قدم جناب ابن الياس ڪنيو جنهن جي مرتب ڪيل ’نئين اردو_سنڌي لغات‘ سن 1950ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي. ان کان پوءِ وفاقي سرڪار پاران سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڏنل رٿا تحت، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان جون گڏيل طور جوڙيل لغتون ’سنڌي_اردو لغت‘ سن 1959ع ۾ ۽ ’اردو_سنڌي لغت‘ سن 1960ع ۾ ڇپجي پڌريون ٿيون. انهن لغتن جي ڇپجڻ بعد ڊاڪٽر ابوالليث صديقيءَ جي لکيل ۽ جمال رند جي ترجمو ڪيل هڪ لغت ’بنيادي اردو‘ جي نالي سان سن 1968ع ۾ ڇپي. ان کان پوءِ ڪيترن ئي ورهين تائين ڪا اهم اردو_سنڌي يا سنڌي_اردو لغت نہ ڇپي. نيٺ، سن 2003ع ۾، عبدالستار بلوچ جي تاليف ڪيل لغت ’اردو_سنڌي لغت/اردو سندهي لغت‘ ڇپجي پڌري ٿي، جنهن کان پوءِ ڊاڪٽر بدر ڏامراهي جي جوڙيل ’علمي سنڌي_اردو لغت‘ سن 2011ع ۾ ۽ محمد عثمان عباسيءَ جي مرتب ڪيل لغت ’سندهيڪا سندهي اردو

لغت‘ سن 2016ع ۾ ڇپيون، جڏهن تہ رحيم بخش ڻُنڊ جي جوڙيل لغت ’جديد اردو سندهي لغت‘ پڻ ڪرائون ۽ پاڪيٽ سائزن ۾ ڇپيل آهي، جنهن تي ڇپائيءَ جو سن ڏنو نہ ويو آهي.

هيٺ اردوءَ کان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل لغتن جو هڪ مطالعو پيش ڪجي ٿو. ان مطالعي ۾ جيئن تہ بنيادي حوالا مطالعي هيٺ آيل لغتن مان ورتا ويا آهن ان ڪري ترت حوالي طور، وري وري حوالا نمبر ۽ تفصيل ڏيڻ بدران، مختصر طور ننڍين ڏنگين () ۾ ص (= صفحي جو مخفف) ۽ صفحو نمبر لکيو ويو آهي.

1. **نئين اردو-سنڌي لغات (مرتب: ابن الياس):**

هن لغت کي اردو کان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل پهرين ٻہ-ٻوليائي لغت جي حيثيت حاصل آهي، جنهن جو مؤلف ابن الياس (سومرو) آهي. ان ’نئين اردو-سنڌي لغات‘ جو پهريون ڇاپو 1950ع ۾، ٻن قسمن جي جُلدبنديءَ سان، ڊيمي سائز ۾، 1000 جي تعداد ۾ اٺن مهڙين ۽ ٻن ڪالمن ۾ ورڇيل 534 لغت جي صفحن تي مشتمل، آفتاب پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان ڇپرائي، آزاد بڪ ڊپو حيدرآباد پاران احمد نبي بخش شيخ پڌرو ڪيو.

ان لغت جو ’ديباچو‘ نامور عالم ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو، جيتوڻيڪ صرف ٻن صفحن تي مشتمل لکيل آهي، پر منجهس ڪيئي ڪم جا نُڪتا بيان ڪيل آهن، جن ۾ لغت جي فن بابت بہ رايا ڏنل آهن. مثال طور هُو لکي ٿو:

> ”(لغات لکندڙ) لاءِ صرف ايترو ڪافي نہ آهي تہ هو لفظن جي ماهيت معلوم ڪري سگهي بلڪ ضروري آهي تہ هو انهن لفظن جي ماهيت ۽ معنيٰ کي انهيءَ ساڳي يا ٻيءَ ٻوليءَ ۾ بہ ورجائي سگهي. انهيءَ لاءِ سندس واسطي هر هڪ لفظ جي هم معنيٰ، هم نشين ۽ هم صحبت لفظن جي ڄاڻ بہ لازمي آهي.“(ص 3)

هُو اڳتي لکي ٿو:

> ”وري جنهن لغات جو واسطو ٻن ٻولين سان انهيءَ جي لکڻ ۾ تہ اڃا بہ زياده مشڪلاتون آهن ڇو تہ اتي هڪ کان ٻن ٻولين جي لفظن جي پوري پوري ڄاڻ جي ضرورت آهي.“ (ص 3)

اها اهم ڳالهہ آهي تہ ڊاڪٽر بلوچ جي صلاح سان ان لغت تي نظرثاني نامور اديبَ محمد بخش ’واصف‘ ڪئي. ڊاڪٽر بلوچُ، ابن الياس جي ’اردو-سنڌي لغات‘ کي پهرين ۽ نئين ڪوشش سڏيندي، لکي ٿو:

"اسان جي خيال ۾ سنڌ جي ادبي دنيا ۾ هي 'اردو-سنڌي لغات' هڪ ڀرين ۽ نئين ڪوشش آهي جنهن لاءِ مؤلف توڙي پبلشر ٻئي مبارڪباد جا مستحق آهن." (ص 4)

'ديباچي' کان پوءِ ابن الياس جِي ٻن صفحن تي مشتمل 'تمهيد' ڏنل آهي، جنهن ۾ هُو اردو ٻوليءَ بابت لکي ٿو:

"هن وقت اردو زبان پنهنجي غير محدود صلاحيت سبب پاڪستان ۾ قومي ۽ سرڪاري زبان هئڻ جي حيثيت اختيار ڪري چڪي آهي، جنهنڪري پاڪستان جي هر هڪ صوبي ۾، اتي جي ڏيهي ٻولي سان گڏ لازمي ٺهرائي ويئي آهي، صوبہ سنڌ ۾ بہ اردو کي اهڙو ئي درجو مليل آهي جهڙو ٻين صوبن ۾ ميسر اٿس." (ص 5)

ان کان پوءِ هُو لغت جي گُهرجن، طريقيڪار ۽ ضرورت جي لحاظ کان لکي ٿو:

"پر ڪنهن بہ ٻوليءَ کي استعمال ڪرڻ کان اڳ زبان جي صحيح تلفظ، قاعدن ۽ لغت کان واقف ٿيڻ از حد ضروري ڳالھ آهي، جنهن ڪانسواءِ اسين نہ رڳو ان ٻولي جي خوبين جي شناس حاصل نہ ڪري سگهنداسين بلڪ ٻولي ڳالهائيندڙن جي خيالات ۽ جذبات جي پروڙ بہ حاصل نہ ڪري سگهنداسين. هي ڊڪشنري اها ضرورت بہ پليءَ پت پوري ڪري سگهندي، خصوصاً ڪاليجن ۽ اسڪولن جي شاگردن ۽ عام پڙهندڙن لاءِ تہ تمام ڪارائتي ثابت ٿيندي" (ص 5-6)

هن لغت ۾ هيٺيون ڪجھ ڳالهيون نظر اچن ٿيون:

1. هِن لغت تي نالو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل آهي، جيتوڻيڪ اهو اردو ٻوليءَ ۾ هئڻ گهرجي ها، ڇاڪاڻ تہ لغت اردوءَ کان سنڌيءَ ۾ آهي.
2. 'ديباچو' ۽ 'تمهيد' اردو ۾ لکجي ها يا سنڌيءَ سان گڏ اردوءَ ۾ بہ هجي ها.
3. هڪ صفحي تي، فهرست ۾، اردوءَ جي 34 حرفن جِي صفحي نمبر سان نشاندهي ڪيل آهي، جنهن مان پڌرو آهي، تہ 'بھ، پھ، تھ، ٹھ، جھ، چھ، دھ، ڈھ، کھ، گھ' جون داخلائون الڳ ڏيڻ بدران، ترتيبوار 'ب، پ، ت، ٹ، ج، چ، د، ڈ، ک، گ' ۾ ڏنيون ويون آهن، ڇاڪاڻ تہ تنهن وقت اردو لغتن جي لحاظ کان اهو ئي طريقو مروج هيو.
4. فهرست کان پوءِ ورندڙ صفحي تي لغت ۾ ڪتب آندل نشانين (مخففن) کي ڄاڻايل آهي، جن ۾ 'ا' اردو، 'ع' عربي، 'ف' فارسي، 'انگ' انگريزي، 'ت' ترڪيءَ

۽ 'هہ' هندي ٻولين جي نمائندگي ڪن ٿيون. جڏهن تہ 'مذ' مذڪر، 'مث' مؤنث ۽ 'ص' صفت لاءِ نشانيون مقرر ڪيل آهن. انهن نشانين ڪانسواءِ، لغت اندر 'جمع' لفظن، 'اصطلاحن' ۽ 'چوڻين' جي ڪٿي نشاندهي ڪيل آهي، تہ ڪٿي ڪيل ناهي، جهڙوڪ: 'آنکھوں میں گھر کرنا' (ص ١٠) وغيره ۾ اصطلاح ڄاڻايل ناهي.

5. 'جمع' لفظن جي ٻن طريقن سان ڄاڻ ڏنل آهي يعني ڪٿي ڏنگيءَ ۾ تہ ڪٿي معنيٰ ۾. اهو هڪڙو طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي ها، جهڙوڪ: 'آداب - (ع - مذ) جمع ادب جو — فضيلت' (ص ٣)، 'آرا [ع - مث جمع] راءِ - مشوره - صلاح — خيال' (ص ۴).

6. اعرابن جو بنهہ گهٽ استعمال ڪيو ويو آهي، پر جتي تمام ضروري هو اتي بہ نہ ڪيو ويو آهي، جهڙوڪ: 'لوٹنا' جون ٽي داخلائون گڏوگڏ آهن، جن مان ٻہ 'لوٹنا' ۽ ٽين 'لُوٹنا' آهي، پر ٽينءَ داخلا جو اُچاري فرق اعراب وسيلي ڏنل ناهي (ص ٤٠١).

7. زير اضافت جو مرڪب اردو لفظن ۾ واهپو لازمي هوندو آهي، جيڪو هن لغت ۾ نظر نہ ٿو اچي.

8. پروف جي چُڪن تي بہ ڌيان ڏيڻ گهرجي ها، جهڙوڪ: 'آباواجداد' [آباواجداد]، 'آب زلال' [آبِ زُلال]، 'مان' [مانُ]، 'پيءِ' [پِيءُ]، 'چنڪار' [چٽڪار] (ص ١)، 'آراڪش' [آراڪش] (ص ٣)، 'چهان بين' [چھان بین] (ص ١٥٦)، 'مشڪل آسان هونا' [مشکل آسان ہونا] (ص ٤٤١)، 'ملوڪ' [ملوک] (ص ٤٥٨) يعني سنڌي 'ڪ' جو استعمال اردو لفظن ۾ 'ک' بدران ڪيو ويو آهي. ڪي اکر مختلف صفحن تي اونڌا پڻ لڳي ويا آهن. اهڙيءَ طرح 'آرزو' ۽ ٻيون لاڳاپيل داخلائون 'آرزومند' (معنائون: خواهشمند، شوقين ۽ گهرجائو) (ص ٥) ڏنل آهن، تہ ٻيهر 'آرزومند' (معنائون: لوڀي، لالچي، حريص) (ص ٦) پڻ ڏنل آهي جنهن جي گهرج نہ هئي، جڏهن تہ اهي معنائون پڻ صحيح ناهن.

9. ڪي مرڪب لفظ گڏي لکيل آهن جن کي الڳ الڳ لکڻ گهرجي، تہ ڪي وري الڳ لکيل آهن جن کي گڏي لکڻ گهرجي، جهڙوڪ: 'آب پاشی' [آبپاشي]، 'آبتاب' [آب تاب، درحقيقت 'آب و تاب'] (ص ١).

10. اردو لفظن جو رسم الخط سنڌيءَ وارو ڪتب آندو ويو آهي. البت خاص اردو اکرن کي 'ٻهہ (بھ)، ڀهہ (پھ)، تهہ (تھ)، ڇهہ (چھ)، ٽ، ٽهہ (ٹھ)، ڌهہ (دھ)، ڏ، ڏهہ (ڈھ)، ڙ، ک، کهہ (کھ)، گهہ (گھ)، ہہ، ے' ڪري لکيو ويو آهي. (ڏنگيءَ ۾ ڏنل اکر اسان لکيا آهن.)

11. اردوءَ جي ”ں“ (گُهڻي) کي سنڌي اکر ’ن‘ ڪري لکيو ويو آهي، جنهن سان ’ں‘ (گُهڻي) جو تلفظ متاثر ٿيو آهي. ان ڪانسواءِ اردو ’ی‘ کي پڻ سنڌي ’ي‘ وانگر اردو لفظن ۾ لکيو ويو آهي، جيڪو درست ناهي.

12. آئيويٽائي ترتيب ۾ ڪي ڪوتون رهجي ويون آهن. جهڙوڪ: ’آرا‘ جون ٻه داخلائون آهن پر ٻنهي جي وچ ۾ ’آراڪش‘ [آراڪش]، آراستگي، آراستہ، آرام، آرام جان، آرام طلب ۽ آرام گاهہ (ص ۴) ۽ ’حيا‘ ۽ ’حيات‘ جي وچ ۾ ’حيادار‘ (ص ۱۷۰) آيل آهن.

هن لغت ۾ هڪ صفحي تي سراسري طور 30 عدد داخلائون ڏنل آهن. ان لحاظ کان لغت ۾ ساڍن پندرهن هزارن کان ساڍن سورهن هزارن جي وچ ۾ داخلائون ليکي سگهجن ٿيون. ٿلهي ليکي 16 هزار تعداد چئي سگهجي ٿو. هن لغت جي پهرين داخلا ’آب‘ ۽ آخري داخلا ’ييلاق‘ هن ريت ڏنل آهن:

آب – (ف. مذ) پاڻي – مان – چمڪ، رونق. (ص ۱)

ييلاق – [ف. مذ] گرم موسم گذارڻ لاءِ طبيعت کي وڻندڙ هنڌ. (ص ۵۳۴)

انهن ٻن داخلائن مان پرکي سگهجي ٿو تہ (1) مُکيہ لفظ (هيڊ ورڊ) سادي نموني ڏنو ويو آهي، نہ تہ ان کي سؤڪو (bold) ڪرڻ گهرجي ها. (2) مُکيہ لفظ کان پوءِ ڳنڍيندڙ ليڪ ڏني وئي آهي، جنهن جو واهپو معنائن مرِ بہ ڪيل آهي، ان ڪري ان جو واهپو مکيہ لفظ کان پوءِ ٿيڻ نہ گهرجي ها، ان جي بدران تشريحي نشاني ’ڪولون‘ (:) ڏجي ها. (3) ٻوليءَ ۽ مذڪر/مؤنث کي ڪٿي نندين ڏنگين ۾ تہ ڪٿي چورس ڏنگين ۾ رکيو ويو آهي، (4) اردو توڙي سنڌي لفظن ۾ عام طور اعرابن جو استعمال نہ ڪيو ويو آهي، (5) ٻن معنائن/متبادل جي وچ ۾ ڪٿي ’–‘ تہ ڪٿي ’،‘ ڏني وئي آهي.

هيٺ، ’نئين اردو–سنڌي لغات‘ جي مُهڙين ڪجهہ صفحن جي داخلائن جو جائزو ونجي ٿو:

1. مرڪب لفظن جو ٻيو لفظ الڳ داخلا طور ڪن لفظن جو ڏنل آهي، تہ ڪن جو ڏنل ناهي، جهڙوڪ: ’آباواجداد‘ مان ’اجداد‘ (ص ۱) يا ’آتش پرست‘ مان ’پرست‘ (ص ۳) جون داخلائون الڳ ڏنل ناهن. پر ’آب حيات‘ ۾ آيل ’حيات‘، ’آب زلال‘ [در حقيقت ’آبِ زُلال‘] ۾ آيل ’زلال‘ ۽ ’آب زمزم‘ مان ’زمزم‘ لفظن جون الڳ داخلائون رکيل آهن.

2. ’آبشار‘ جي معنيٰ ۾ لکيو ويو آهي: ”اها جاءِ جتي پاڻي اوچائيءَ کان هيٺ ڪري.“ (ص ۲) اها معنيٰ صحيح ناهي. آبشار جبلن يا مٿاهينءَ تان هيٺ وهندڙ پاڻيءَ کي

چئبو آهي جنهن ۾ آواز پڻ پيدا ٿيندو آهي. ان کي ’جِهرڻو‘ پڻ چئجي. ’نئين جامع سنڌي لغات‘ ۾ آبشار بابت لکيل آهي: ”زور ۽ وڏي آواز سان (جبل تان) هيٺ ڪرندڙ پاڻي - سالارو. جبلن مان سمنڊڙ پاڻيءَ جي زور سان (آواز ڪري هيٺ ڪرندڙ) وهندڙ نَهر. زمين مان گوها ڪري نڪرندڙ پاڻي. جهرڻو.“[5]

3. ساڳيءَ طرح ’آپس‘ جي معنائن ۾ ’هڪ ٻئي ۾، پاڻ ۾، مائٽي‘ ڄاڻايل آهن.(ص ٢) جيڪڏهن ’آپس ميں‘ هجي ها تہ پوءِ سنڌي معنائن ۾ بہ ’۾‘ لکجي ها. ’آپس‘ جون معنائون ’ميل ميلاپ، مائٽي، قرابت، رشتيداري، پائيچارو‘ وغيره مناسب هيون.
4. ڪي ضروري لفظ داخل ڪيل ڪونهن. جڏهن تہ انهن جي سلسلي جا لفظ شامل ڪيل آهي، جهڙوڪ: ”آتش“ جي سلسلي هيٺ ’آتش افروزی، آتشباز، آتش بیان، آتش پرست، آتش خانہ، آتش دان، آتش زدگی‘ وغيره تہ ڄاڻايل آهن (ص ٢-٣)، پر ’آتش افروز، آتش بازی، آتش بیانی، آتش پرستی، آتش زدہ‘ لکيا نہ ويا آهن.
5. ’آٹا‘ جي داخلا ڪانهي، جڏهن تہ ’آٹے دال کا بھاؤ معلوم ہونا‘ (ص ٣) وغيره ڏنل آهن.
6. ’آج‘ جي داخلا ڪانهي، جڏهن تہ ’آج کل‘ (ص ٣) وغيره ڏنل آهن.
7. ’آرا‘ جي داخلا تہ آهي، پر ’آرا مشین‘ جي ڪانهي.
8. ’آداب مجلس‘ جي معنيٰ ۾ لکيو ويو آهي: ”مجلس ۾ ويهڻ اٿڻ ۽ ڳالهائڻ جي فضيلت“ (ص ۴). اتي ’مجلس‘ جي معنيٰ ڏيڻ ضروري هو.
9. محاوري ’آدھا تیتر آدھا بٹیر‘ جي معنيٰ ۾ لکيو ويو آهي: ”ڏڙ ريڍو سسي ٻاڪري“ (ص ۴). سنڌو محاوراتي ترجمو آهي. پر لغت ۾ گهربل هنڌن تي، نہ ’آدھا‘ کي درج ڪيو ويو آهي، نہ ’تیتر‘ کي ۽ نہ ئي ’بٹیر‘ کي، جڏهن تہ انهن لفظن جون الڳ الڳ معنائون پڻ آهن.
10. ’آرام طلب‘ جون معنائون ’سست ۽ ڪاهل‘ تہ ڏنيون ويون آهن (ص ۴)، پر ’سهولت گهرندڙ، سهنجائي ونندڙ‘ بہ لکڻ گهرجن ها.
11. ’آریہ‘ جي معنيٰ ’وچ ايشيا کان هندوستان ۾ آيل قوم‘ ۽ ’آریہ ورت‘ جي معنيٰ ’هندستان‘ ڏنل آهن (ص ۵). ’نئين جامع سنڌي لغات‘ ۾ ’آريہ‘ بابت لکيل آهي: ”سڌريل. پڙهيل. شريف. عزت وارو - مانوارو - مانائتو - معزز. بزرگ. وڏو. مقدس. خانداني. سردار. (اسم خاص) هندستان جي هڪ قديم قوم جو نالو. سوامي ديانند جو جاري ڪيل پنٿ.“[6] آنلائين ويب سائيٽ ’اردو آئینی‘ ۾ ’آريہ درت‘ جي معنيٰ لکيل آهي: ”مسکن شرفاء“ ۽ مترادف ڏنل آهي ”هندوستاني“[7] ان کانسواءِ ’هندوستان‘ ۽ ’هندستان‘ ٻن طريقن سان لکيو ويو آهي، جيڪو هڪ

ئي طرح سان، جيڪو بہ مؤلف صحيح سمجهي ها، لکي ها.

12. ’آڑھت‘ جي معنيٰ ’دلالي‘ ڏنل آهي (ص ۵) جيڪا ناڪافي آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جون معنائون ’ڏي وٺ، وڪرو ۽ خريد، منڊي ۽ ايجنسي‘ بہ آهن.

13. ’آقائے نامدار‘ جي معنيٰ لکيل آهي: ”پنهنجي آفيسر لاءِ چيو ويندو آهي“ (ص ۸)، اها معنيٰ بہ صحيح آهي، پر اهو پاڻ سڳورن ﷺ جو لقب پڻ آهي.

14. لغت ۾ ’آکسفورڈ‘ (معنيٰ: انگلنڊ جي مشهور يونيورسٽي)، ’آکسيجن‘ (معنيٰ: هڪ گيس آهي) (ص ۸)، ’آمنہ‘ (معنيٰ: حضور ڪريم جن جي والده جو نالو) (ص ۹)، ’اٹک‘ (معنيٰ: سنڌو ندي جو نالو) (ص ۱۴)، ۽ ڪُنيَتون جهڙوڪ: ’ابن بطوطہ‘ (معنيٰ: دنيا جو مشهور سياح) (ص ۱۳)، ’ابن مريم‘ (معنيٰ: حضرت عيسيٰ عليہ) (ص ۱۳)، ’ابوالفضل‘ (معنيٰ: مشهور سنڌي عالم ـ اڪبر جي درٻار جو رتن) (ص ۱۳)، ’ابو جہل‘ (معنيٰ: حضرت محمد صلعم جي چاچي جو لقب) (ص ۱۳) وغيره پڻ ڏنل آهن. انهن ۾، ’آڪسفورڊ‘ جي معنيٰ ۾ ’۽ شهر جو نالو‘، ’آڪسيجن‘ ۾ ’گئس جو نالو‘، ’اٽڪ‘ ۾ ’سنڌو نديءَ جو نالو‘ لکڻ بدران ’پنجاب جي هڪ شهر جو نالو‘، ’ابن مريم‘ ۾ ’بيبي مريم جو پٽ“ ڏيڻ کان پوءِ ’حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي ڪنيت‘ ۽ ’ابو جہل‘ ۾ ’عرب قوم جي قريش سردار ۽ اسلام جي دشمن جي ڪنيت، معنيٰ جهالت جو پيءُ. اصل نالو عمرو بن حشام‘ بہ ڄاڻائڻ گهرجي ها.

بهرحال، هن ’نئين اردو-سنڌي لغات‘ جي بنيادي حيثيت آهي، ڇاڪاڻ تہ اها نہ صرف پهرين ٻہ-ٻوليائي اردو کان سنڌي ٻوليءَ جي لغت آهي پر منجهس لفظن جو وڏو ذخيرو پڻ سمايل آهي. افسوس تہ اها لغت ٻيهر نہ ڇپي آهي. ضرورت آهي، تہ ان کي نظرثانيءَ کان پوءِ ٻيهر ڇپيو وڃي.

2. **اردو-سنڌي لغت** (مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان):

هيءَ اردو کان سنڌي ٻوليءَ ۾ ابن الياس جي لغت کان پوءِ ڇپيل، ٻِي ٻہ-ٻوليائي لغت آهي. ان ’اردو-سنڌي لغت‘ جا مؤلفَ هاڪارا عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان هئا، جڏهن تہ نگراني ڊاڪٽر بلوچ جي هئي. ان لغت جو پهريون ڇاپو سن 1960ع ۾، سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري پاران ڇپيو هو. ان لغت جو ٻيو ڇاپو مارچ 1989ع ۾ مُجلد، رايل سائز ۾، 16 مهڙين ۽ ٻن ڪالمن ۾ ورهايل لغت جي 589 صفحن تي مشتمل، سنڌ يونيورسٽي پريس مان ڇپجي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشوري طرفان پڌرو ٿيو.

هِن ’اردو-سنڌي لغت‘ کان اڳ، ٻنهي عالمن جي جوڙيل ’سنڌي-اردو لغت‘

سن 1959ع ۾ ڇپجي چڪي هئي.

ان لغت جي ٽائيٽل ۽ اندرئين پهرئين صفحي تي لغت جو نالو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل آهي، جيڪو اصولي طور اردو ٻوليءَ ۾ هئڻ گهرجي ها، ڇاڪاڻ تہ هيءَ اردوءَ کان سنڌي ٻوليءَ ۾ مرتب ڪيل لغت آهي.

هن لغت ۾ 'پبلشر پاران' لکيل لفظن ۾، انچارج ڊائريڪٽر سنڌالاجي، عبدالقادر جوڻيجو لکي ٿو: "[هيءَ لغت] سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي باهمي لاڳاپن، ٻوليءَ کي سمجهڻ ۽ واڌاري لاءِ ضروري سمجهي 1960ع ۾ پهريون ڀيرو سنڌ يونيورسٽي پاران شايع ڪئي ويئي هئي." (ص: اٽڃاٽايل) يعني هن لغت وسيلي ٽي ڪارج پورا ٿي سگهندا: (1) سنڌي ۽ اردو ٻوليون ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ گڏيل لاڳاپن کي هٿي ملي سگهندي ۽ انهن کي سمجهي سگهبو (2) ٻنهي ٻولين جي لغوي ذخيري سميت ٻولين جو تعلق کي ڄاڻي سگهبو ۽ (3) ٻولين جي واڌاري ۾ لغت پنهنجو ڪارج ادا ڪندي.

هن لغت ۾ سوا ٽن صفحن تي سنڌي ٻوليءَ ۾ 'مهاڳ' ۽ ٽن صفحن تي ان جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيل 'Preface' شامل آهي. ٻئي لکيتون ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جون آهن. 'مهاڳ' منجهان معلوم ٿو ٿئي تہ وفاقي سرڪار جي تعليمي وزارت سن 1953-54ع ڌاري 'سنڌي-اردو لغت'، 'اردو-سنڌي لغت' ۽ 'شاهہ جي رسالي' جي اردو ترجمي جي آڇ سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڪئي، جيڪا علامہ قاضي صاحب، وائيس چانسيلر طور قبول ڪئي. ان رٿا جي آخري منظوري سال کن ۾ ٿي، ٻن سالن اندر ٻنهي لغتن جو بنيادي ڪم مڪمل ڪيو ويو، جنهن موجب 'سنڌي-اردو لغت' جو مسودو سن 1955-56ع ۾ ۽ 'اردو-سنڌي لغت' جو مسودو سن 1956-57ع ۾ تيار ڪيو ويو، جنهن بعد 500 صفحن جي هر هڪ لغت لاءِ رٿيل محدوديت کي ختم ڪري، "لغتن کي قدري جامع بنائڻ خاطر مکيہ لفظن ۽ محاورن کي شامل ڪرڻ ضروري سمجهيو ويو انهيءَ لاءِ تہ مٿاهين طبقي جي طالب علمن جي گهرجن سان گڏ عام علمي ضرورتن کي پڻ پورو ڪري سگهن." (ص: الف)

'مهاڳ' ۾، هِن لغت بابت وڌيڪ ڄاڻايل آهي تہ منجهس 19660 اردو لفظن ۽ محاورن جون معنائون سنڌيءَ ۾ ڏنل آهن، جڏهن تہ "اهڙا عربي ۽ فارسي لفظ شامل نہ ڪيا ويا آهن، جي هوبهو پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ اردو توڙي سنڌيءَ ۾ استعمال ٿين ٿا." (ص: ب) ان وقت جي لحاظ کان داخلائن جو تعداد سنو آهي. البت هتي اهڙن عربي ۽ فارسي لفظن جا ڪي مثال لکيا نہ ويا آهن جيڪي شامل نہ ڪيا ويا. سوچي سگهجي ٿو تہ هِن لغت ۾ اهڙن عربي ۽ فارسي لفظن جي معنيٰ ڄاڻي ڪيئن ڄاڻي

سگھبي جيڪي پنھنجي اصلوڪي صورت ۾ اردو توڙي سنڌيءَ ۾ استعمال ٿين ٿا. اھا ھڪ ڪوٺ سمجھي سگھجي ٿي. ان ڪانسواءِ ھن لغت ۾ "اھڙا خاص اردو لفظ ۽ محاورا بہ چڙھي ڏنا ويا آھن، جن جي عام مطالعي يا گفتگو ۾ ضرورت نہ ٿي ٿئي." (ص: ب) ھڪ وڏيڪ ڪوٺ بابت ھن ريت 'مھاڳ' ۾ چاڻ ڏني وئي آھي تہ "سرمايي ۽ وقت جي ڪمي سببان لفظن جي اصليت ۽ اشتقاق بابت تحقيق ڪي توڙ تائين نہ پھچايو ويو آھي." (ص: ب)

'اردو-سنڌي لغت' لاءِ ھي مددي لغتون ڪتب آنديون ويون آھن: (1) فرھنگ آصفيہ، (2) جامع اللغات، (3) ھندوستاني-انگلش ڊڪشنري" (جان ٽِي. پليٽس)، ۽ (4) انگلش-اردو ڊڪشنري (ڊاڪٽر عبدالحق) (ص: ب).

'مھاڳ' ۾ لفظن جي داخلا جي طريقيڪار، معنائن ۽ ٻين ضابطن بابت ھيءَ معلومات ڄاڻائي وئي آھي:

1. اصولي لفظ آڏو گول ٿُلھي ٻُڙي (•) ۽ اصولي لفظ مان نھيل ٻين لفظن ۽ اصطلاحن جي اڳيان ننڍي ٿلھي ليڪ (▬) ڏني وئي آھي.
2. اچارن کي اعرابن سان نروار ڪيو ويو آھي، اسمن جا جمع بہ لکيا ويا آھن.
3. پوءِ تشريحي نشاني (:) ڏني وئي آھي.
4. لفظ جي سمجھاڻيءَ ۾، لفظ جي نحوي صورت ھنن مخففن ۽ لفظن جي صورت ۾ ڄاڻائي وئي آھي: (1) ذ = اسم، مذڪر، (2) ث = اسم، مونث، (3) ضمير، (4) صفت، (5) عدد، (6) تابع فعل = ظرف، (7) متعدي = فعل متعدي، (8) متعدي المتعدي = متعدي بالواسطہ، (9) لازم = فعل لازمي، (10) حرف جار = حرف جر، (11) حرف نفي = ظرف انڪاري، ۽ (12) ندا = حرف ندا.
5. تنھن ڪانسواءِ، لفظ جون ھڪ ڪان وڏيڪ معنائون ۽ الڳ الڳ نحوي حالت ھئڻ جي صورتن ۾ ھر معنيٰ ڪان اڳ نحوي حالت ڏنگين ۾ لکي وئي آھي ۽ اسم مذڪر جي حالت ۾ معنيٰ ڪان پوءِ ان جو مونث واحد ۽ جمع پڻ ڏنو ويو آھي.
6. لفظ جي نحوي صورت ڪان پوءِ چورس ڏنگين ۾ اصل ٻوليءَ مان ان جي اشتقاق ڏانھن اشارو ڪيو ويو آھي، جنھن ۾ 'ھ = ھندي، ع = عربي، ف = فارسي، انگ = انگريزي' جي مخففن سميت 'اردو، پرتگالي ۽ ترڪي' جا لفظ ڪتب آندا ويا آھن. البت انگريزيءَ ۾ لکيل Preface (پريفيس، مھاڳ) ۾ 'سن = سنسڪرت' بہ ڄاڻائي وئي آھي، پر اتي 'اردو، پرتگالي ۽ ترڪي' بابت لکڻ رھجي ويو آھي. جڏھن تہ 'سن = سنسڪرت' ڪي سنڌي مھاڳ ۾ ڄاڻائڻ رھجي ويو آھي.
7. پوءِ معنيٰ لکي وئي آھي، جنھن ۾ ٻہ يا ٻن ڪان وڏيڪ ھم معنيٰ لفظ، ننڍي سنھي

ليڪ (_) جي استعمال سان لکيا ويا آهن ۽ جيڪڏهن لفظ جون هڪ کان وڌيڪ معنائون آهن ته هر هڪ معنيٰ کي دم جي نشانيءَ (.) ذريعي ٻيءَ معنيٰ کان الڳ ڪيو ويو آهي. (ص: ب_ج)

مٿين نُڪتن جي جائزي مان معلوم ٿيندو ته ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي جوڙيل لغتن ۾ (1)، (2) ۽ (3) نُڪتن کي ڪتب آندو آهي. انهن مان خاص طور نُڪتو نمبر (1) ڪجهه لغت نويسن پڻ ڪتب آندو، پر هاڻ اهو طريقو متروڪ ٿي ويو آهي. نُڪتي نمبرن (4) ۽ (6) ۾ مخففن کي سيني حالتن لاءِ مقرر ڪرڻ جي گهرج هئي، ۽ نُڪتي نمبرن (5) ۽ (7) اختيار ڪيل معنوي طريقا مناسب محسوس ٿين ٿا، جيتوڻيڪ انهن کي الڳ الڳ داخلائن طور به لکي سگهجي پيو.

’مهاڳ‘ جي ماقبل آخري پئراگراف مان معلوم ٿو ٿئي ته هن لغت جي مسودي کي اول اول پير حسام الدين راشديءَ نظر مان ڪڍيو ۽ مفيد مشورا ڏنا. اردو لفظن جي انتخاب ۽ انهن جي صحيح صورتخطيءَ جي ذميواري ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان نڀائي. پروفَ ممتاز مرزا پڙهيا. ۽ لغت جي ڪم ۾ ڪارڪنن منجهان خاص طور محمد اسماعيل شيخ خدمتون سرانجام ڏنيون. (ص: ج)

سنڌي ۽ انگريزي ’مهاڳن‘ کان پوءِ ٻن صفحن تي، ’اردو_سنڌي الف_بي‘ صفحي نمبرن سميت لکي وئي آهي جيڪا فهرست جو ڪارج ادا ڪري ٿي. اها ’الف_بي‘ 34 اکرن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ اردو اکر ’ژ‘ نه لکيو ويو آهي ۽ نه ئي ان سان شروع ٿيندڙ لفظ، جهڙوڪ: ’ژاژ، ژاژخا، ژاله، ژاله باری، ژرف، ژند، ژندگی، ژولیدگی، ژیان‘ وغيره هِن لغت ۾ شامل ڪيا ويا آهن. ان ڪانسواءِ ’ک‘ کي، غلطيءَ سان، سنڌي ’ڪ‘ جي بدران ’ک‘ (کٿ) جي متبادل سان لکيو ويو آهي. هن لغت ۾، ’بھ، پھ، تھ، ٹھ، جھ، چھ، دھ، ڈھ، کھ، گھ‘ جون داخلائون الڳ ڏيڻ جي بدران، رواجي اردو لغتن جي آئيويٽائي ترتيب ۽ داخلائن موجب ترتيبوار ’ب، پ، ت، ٹ، ج، چ، د، ڈ، ک ۽ گ‘ اکرن ۾ ڏنيون ويون آهن، جنهنڪري ’بھہ ۽ بھ، پھہ ۽ پھ، تھہ ۽ تھ، ٹھہ ۽ ٹھ، جھہ ۽ جھ، چھہ ۽ چھ، دھہ ۽ دھ، ڈھہ ۽ ڈھ، کھہ ۽ کھ، ۽ گھہ ۽ گھ‘ سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ ٻئي سان ڳنڍجي ويا آهن ۽ لفظن جي ڳولا ۾ ڏکيائي ڪن ٿا.

’اردو_سنڌي لغت‘ ۾ اردو لفظن کي نستعليق بدران نسخ خط ۾ لکيو ويو آهي، جيتوڻيڪ اردو ٻوليءَ لاءِ نستعليق خط وڌيڪ بهتر هو. منجهس ’آ‘ هيٺ ٻهرين داخلا ۽ ان جون 2 ذيلي داخلائون، ’ا‘ کان پوءِ، هن ريت ڏنل آهن:

• آ: ذ [هہ آنا 〉 آ] اَچُ! ـ آءُ! ـ (فعل) اِچي.
▪ آ بھڑنا: اچي ملڻ ـ اچي گڏجڻ. اچي ڳنڍجڻ (هٿين پوڻ).
▪ آ پڑنا: اچي پوڻ ـ اچي ڪِرڻ (مصيبت). مٿان پوڻ (ذمہ داري، آزار وغيره). ڪُڙڪڻ. نازل ٿِيڻ (مصيبت). (ص ١)

انهن داخلائن مان معلوم ٿئي ٿو تہ 'آ' مذڪر لفظ آهي، اصل هنديءَ جو آهي، 'آنا' مان ڦري 'آ' ٿيو آهي (يعني مخففي صورت ورتي اٿائين)، فعل طور 'اِچي' معنيٰ اٿس (جيڪا هتي واضح نہ ٿِي محسوس ٿئي، پر ذيلي داخلائن مان واضح ٿئي ٿي)، 'بھڑنا' ۾ 'بھ' ۾ 'ھ' کي زير ڏنل آهي (جيڪا 'بِھ' طور اچڻ گهرجي ها)، قوسين () ۾ وضاحتي معنائون ۽ لفظ پڻ ڏنا ويا آهن جيڪي مفهوم کي چِٽو ڪن ٿا.

هن 'اردو-سنڌي لغت' جي عام جائزي مان، ڪي وڌيڪ ڳالهيون هن ريت اڳيان اچن ٿيون:

1. مٿي 'آ' جي بنيادي داخلا ۾، 'آنا 〉 آ' جي تبديل ڏيکاري وئي آهي، پر اهڙي ساڳي تبديل 'آيا' جي بنيادي داخلا ۾ پڻ هن ريت ڏيکاريل آهي: آيا: ماضي [آنا 〉 آيا] آيو ـ حاضر ٿيو. آئِس (ص ٢١). اهڙين هڪ جهڙين تبديلين بابت ڪا وضاحت شامل هئڻ گهرجي.
2. 'آبرو دينا' جي ذيلي داخلا ۾ سنڌي معنيٰ 'آبرو ڏيڻ' لکي وئي آهي (ص ٣)، جڏهن تہ 'آبرو' جي بنيادي داخلا ۾ ڄاڻايل سنڌي معنائن 'عزت، مانُ' وغيره مان ڪا هڪ لکڻ گهرجي ها. ساڳيءَ طرح 'آبرو رکھنا' ۾ بہ 'آبرو رکڻ' معنيٰ نہ ڏيڻ گهرجي ها. ساڳيءَ طرح 'آرام' جي سنڌي معنائن ۾ 'آرام' ڄاڻايل ناهي، پر ذيلي داخلائن، جهڙوڪ: 'آرام پانا، آرام لينا' جي سنڌي معنائن ۾ 'آرام' لکيو ويو آهي (ص ٦). ساڳئي صفحي تي هڪ وڌيڪ مثال 'آرزو' جو بہ ان ريت ئي آهي. انهن ۾ هڪ جهڙائي هئڻ گهرجي ها.
3. 'آبرو' جي ذيلي داخلائن ۾، 'آب شور'، 'آب نے'، 'آب ودانہ'، 'آب ودانہ اُٹھ جانا'، 'آب وہوا بگڑ جانا'، 'آب وہوا کاراس، راست آنا'، 'آبی'، 'آبی روٹی' ۽ 'آبی گھوڑا' بہ ڏنيون ويون آهن (ص ٢)، جن جو تعلق 'آبرو' سان ناهي، پر ان کان اڳ آيل بنيادي داخلا 'آب' سان آهي. اهو ترتيب ۾ درستگيءَ جو معاملو پڻ آهي.
4. 'آپ' جي معنائن ۾ لکيو ويو آهي: "ضمير [هہ] حاضر، متڪلم ۽ غائب ٽنهي لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظ. پاڻ ـ خود. حاضر ۽ غائب واسطي عزت وارو لفظ اوهان ـ

توهان.“ (ص ۲) اتي ’هُو اُهو‘ پڻ معنائن ۾ غائب جي لحاظ کان ڄاڻائڻ گهرجي ها.

5. ’آپ‘ جي ذيلي داخلائن ۾ هڪڙي داخلا هيءَ بہ ڏنل آهي: ”آپ سے جانا: پنهنجي پاڻيءَ کان نڪرڻ – هوش مان نڪرڻ، پاڻيهي وڃڻ (بنا سڏڻ جي)“ (ص ۳). ان جون پهريون بہ معنائون، در حقيقت اڳتي درج ڪيل بنيادي داخلا ’آپا‘ يعني ’پاڻ پڻو خودي، انانيت، هٺ، فخر‘ سان تعلق رکن ٿيون، جتي اهي ذيلي داخلا ’آپے سے جانا، نکلنا‘ تحت شامل ٿيڻ گهرجي ها، پر اها ذيلي داخلا ڪٽل آهي، البت ”آپے سے باہر ہونا، نکلنا: آپي مان نڪرڻ – جوش ۾ پرجي وڃڻ – هوش کان نڪرڻ...“ ڏنل آهي.
6. ’آدم‘ جي بنيادي داخلا ۽ ’آدميت‘ جِي ذيلي داخلا رهجي ويون آهن، البت ’آدمی‘ ۽ ’آدمیت اُٹھ جانا‘ ڏنل آهن. (ص ۵). اهڙيءَ طرح ’آزاد‘ جي داخلا تہ آيل آهي (ص ۷)، پر ’آزادي‘ جي داخلا ڏنل ڪانهي يا ’آقا‘ جي داخلا بہ شامل ڪيل ناهي.
7. هن لغت ۾ جڳهہ جي بچت ڪارڻ، ڪن داخلائن ۾ لفظ جي مَٽ آهي، تہ ڪاما (، ) ڏئي ٻيو لفظ لکيو ويو آهي، جهڙوڪ: ”آرتی اُتارنا، کرنا، لینا“ (ص ۶)، ”آنچل آنا، پکنا“ (ص ۱۴) وغيره.
8. ’آس پاس‘ جي معنائن ۾ ’چوڌاري، چؤطرف، چؤگرد‘ ڏنل آهن (ص ۸)، پر جيڪڏهن ’پر پاسي، پرسان، ويجهو ويجهڙو‘ بہ هجن ها تہ سنڌي لفظن جو سواد اچي ها.
9. هڪ ذيلي داخلا ’آستان بوس ہونا‘ جي معنيٰ ۾ ’چانئُٺ چمڻ‘ ڄاڻايل آهي (ص ۸)، يعني ’بوس ہونا‘ جي معنيٰ ’چمڻ‘ آهي، پر هن لغت ۾ ’بوس و کنار‘، ’بوسہ‘ ۽ ’بوسہ بازي‘ جون داخلائون شامل نہ ڪيون ويون آهن.
10. ذيلي داخلائن ۾ گهڻي ڀاڱي اصطلاح/محاورا لکيا ويا آهن، پر انهن جي اصطلاحن/محاورن طور نشاندهي نہ ڪئي وئي آهي، البت ڪن هنڌن تي محاوري جي نشاندهي نظر اچي ٿي، جهڙوڪ: ’آسا کا کاسہ: محاورہ‘ ۽ ’آستین کا سانپ: محاورہ‘ (ص ۸) يا ’آسمانی تیر‘ ۽ ’آسمانی گولا‘ (ص ۹). پر جنهن طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ اصطلاح ڪتب ايندا آهن خاص ڪري مصدري روپ ۾، ان ريت هن لغت ۾ نشاندهي ڪيل ناهي.
11. ڪن ذيلي داخلائن جي معنائن ۾ مبهم پڻو پڻ محسوس ٿئي ٿو جهڙوڪ: ”آسمان سے باتیں کرنا: آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ. تمام اُتاهون هجڻ (جبل، وڻ، جاءِ

وغيره)“ (ص ۹). اتي مناسب معنائون ’گھٽو مغرور ٿيڻ، پاڻ کي مٿيرو سمجھڻ‘ ٿيڻ گهرجن. اهڙيءَ طرح ’آفت ڈهانا‘ جي معنيٰ ۾ ’قهر وجهڻ‘ (ص ۱۰) جي بدران ’قهر ڪرڻ‘ وڌيڪ ٺهڪندڙ لڳي ٿو. ان کانسواءِ ’آنا پائی‘ جي معنائن ۾ ”آنا پائيون. پائي پائي – جملي رقم“ لکيو ويو آهي (ص ۱۳) جڏهن ته ’آنا پايون‘ جي بدران ’ٽَڪو پيسو‘ وڌيڪ بهتر هو.

1. هڪ بنيادي ۽ ان جي ذيلي داخلا هن ريت ڏنل آهن:
   - آلتی پالتی: ٿ [هہ] پَلٿي ماري ويهڻ.
   - آلتی پالتی مار کر بیٹھنا: پلٿي ماري ويهڻ. (ص ۱۰)

ٻنهي معنائن ۾ فرق ته ڪو به ناهي! منهنجي خيال ۾ ’آلتی پالتی‘ جي معنيٰ ۾ ’ماري ويهڻ‘ اضافي آهي، جڏهن ته ذيلي داخلا جي معنيٰ هجي ها ’پلٿي هڻي ويهڻ يعني گوڏن کي ٻيڻائي ويهڻ‘.

2. اردو جي وڏي ’ہہ‘ کي سچيءَ لغت ۾ ۽ خاص ڪري ’ہہ‘ سان شروع ٿيندڙ سيني داخلائن ۾ (ص ۵۷۳ کان ۵۸۸ تائين)، ان ريت لکڻ جي بدران سنڌي ’ھ‘ ڪري لکيو ويو آهي، جيڪو ڪنهن به ريت نه لکڻ گهرجي ها. مثال طور: هاتھ، هات، هار، هائی، هاں، هانکنا، ها ها هُو هُو هپ، هتوڑا، هرا، هونا، هوا، باهر، رهنا، وغيره. البت وسرڳي ’ھ‘ کي لکيل روپ ۾ لکيو ويو آهي، پر ’آدها‘ يا ’دهمکنا‘ ۾ وري مسئلو پيدا ٿي پوي ٿو.

3. سچيءَ لغت ۾ جزم (ْ) جو واهپو ٻن طريقن سان ڪيو ويو آهي، هڪُ ساڪن حرف تي جهڙوڪ: ’تصوِيرؔ، تقدِيرؔ، تکِيہ‘ وغيره، ٻيو لفظن جي پهرئين اکر کان پوءِ ايندڙ نُون گُٺي (ں) تي، جهڙوڪ: ’آنْتْ، آنْچل، آنْسو، آنْکھؔ‘ وغيره. پهريون ته ٺيڪ آهي، پر نُون گُٺي (ں) تي جزم ڏيڻ صحيح نه آهي.

4. هن لغت ۾ جيتوڻيڪ پروفن جي صحت تي جوڳو ڌيان ڏنو ويو آهي، تڏهن به ڪي چڪون رهجي ويون آهن، يا نحوي حالت کي لکڻ ۾ چڪون ٿيون آهن، جهڙوڪ: ’اڑتالیس‘ کي ’عدد‘ بدران ’صفت‘ ڄاڻايو ويو آهي (ص ۳۵)، ساڳيءَ طرح ’اڑہائی‘ کي به ’عدد‘ بدران ’صفت‘ ڄاڻايو ويو آهي (ص ۳۸). اهڙيءَ ريت ٻئي لفظ ڏانهن رجوع ڪرڻ لاءِ ڪٿي ’ديکهو‘ (اردو)، ته ڪٿي ’ڏسو‘ (سنڌي) لکيو ويو آهي، جهڙوڪ:
   - اوپچ: ذ [هہ] ديکهو ’اُپج‘. (ص ۵۷)
   - اُوٹ پٹنگ: صفت [هہ] ڏسو ’اُوٹ پٹانگ‘. (ص ۵۸)

▪ اُوٹ پٹَنگی: ڏ. ڏسو 'اُوٹ پٹانگی'. (ص ۵۸)

هيءَ پنهنجي وقت جي اهم 'اردو-سنڌي لغت' آهي، جنهن ۾ خوبيون گهٽيون ۽ ڪوتون ڪي ٿورڙيون آهن، جن کي درست ڪري، هن لغت جي افاديت ۽ اهميت کي نئين ڇاپي ۾ وڌائي سگهجي ٿو.

3. **بنيادي اردو (مرتب: ڊاڪٽر ابوالليث صديقي، سنڌي مترجم: جمال رند):**

هيءَ حقيقت ۾ لغت جو ڪتاب آهي، جيڪو اردو ٻوليءَ ۾ ڊاڪٽر ابوالليث صديقيءَ مرتب ڪيو هو. ان جي معنائن ۽ مترادفن واري ڀاڱي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ناميارِي اديب جمال رِند ڪيو جنهن سان اهو ٻه-ٻوليائي 'اردو-سنڌي لغت' بڻجي پيو. 'بنيادي اردو' جو پهريون ڇاپو سن 1968ع ۾، ڪرائون سائز ۾، مجلد ۽ غير مجلد، 91 صفحن تي مشتمل، سنڌي يونيورسٽي پريس حيدرآباد مان ڇپجي، مرڪزي اردو بورڊ لاهور پاران پڌرو ٿيو.

ان ڪتاب ۾ سنڌي ترجمي جي نگراني ناميارِي محقق سيد حسام الدين راشديءَ جي ڪيل آهي، جڏهن ته مددگارن ۾ عارف عباسي، عبدالسلام، ڊاڪٽر اسلم فرخي، انجم اعظمي ۽ جميل اختر خان جا نالا ترتيبوار ڄاڻايل آهن.

هن ڪتاب ۾ ٽن صفحن تي مشتمل 'پيش لفظ' ڊاڪٽر ابوالليث صديقيءَ پاران لکيل آهي. هو لغت جي مقصد بابت لکي ٿو: "ان جو مقصد اردوءَ جي اهڙن بنيادي لفظن جي هڪ فهرست مهيا ڪرڻ آهي، جيڪي روزانو ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڪم ايندا رهن ٿا، ۽ جن جي مدد سان اهي ماڻهو جن جي مادري زبان اردو نه آهي، ٿوري کان ٿوري وقت ۾ اردوءَ ۾ پنهنجا خيال ظاهر ڪري سگهن ٿا ۽ ان ڪانسواءِ روزمره گفتگو ۽ ڪاروبار ۾ پنهنجو مفهوم به پڌرو ڪري سگهن ٿا." (ص 7) ان ڪري هيءَ عام ڳالهائجندڙ ۽ لکجندڙ محدود لفظن تي مشتمل لغت آهي. ان بابت پڻ مؤلف پاران وضاحت ڪيل آهي ته: "هن لغت ۾ محاورا، اصطلاح ۽ اهڙا لفظ شامل نه آهن، جي علمي، ادبي ۽ سائنسي مضمونن جي ادا ڪرڻ لاءِ ضروري آهن." (ص 7) ان محدوديت ۽ لفظن جي خصوصي انتخاب جي ڪري، هن لغت کي عام ٻه-ٻوليائي لغت بدران 'خصوصي لغت' (Special Dictionary) سڏي سگهجي ٿو. ان ڪري ئي مؤلف ان کي پهرين ڪوشش سڏيندي لکيو آهي ته "هن لغت کي ترتيب ڏيندڙن جديد لسانيات جي باقاعدي تعليم ورتي آهي. اميد آهي ته سندن هيءَ پهرين ڪوشش اردوءَ ۾ هڪ نئين تحقيق جي سلسلي جي شروعات ٿيندي." (ص 8) سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ اهڙي هڪ لغت 'سنڌي زبان جي بنيادي لغت' جي نالي سان سن 1976ع ۾ پهريون ڀيرو، 1977ع ۾ ٻيو ڀيرو ۽ 1982ع ۾ ٽيون ڀيرو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد پاران

ڇپي هئي، جنهن جا مرتبَ سنڌي ٻوليءَ جا ناميارا عالم ۽ اديبَ پير حسام الدين راشدي، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد صالح شاهہ ۽ محمد ابراهيم جويو هئا. ان لغت ۾ بنيادي لغت سميت وڌايل بنيادي ۽ ڪاروباري بنيادي لغت پڻ شامل ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ 800 لفظ بنيادي لغت تحت، 450 وڌيڪ لفظ وڌايل بنيادي لغت تحت، 750 لفظ ڪاروباري لغت تحت، 75 لفظ ڳڻپ، تور ماپ ۽ ڪئلينڊر جا لفظ، ۽ 175 لفظ سڀ قومي لفظن تحت داخل ڪيا ويا هئا، جن جي استعمال سان لڳ ڀڳ 90 سيڪڙو عام استعمال جا سنڌي لفظ ڄاڻي سگهجن پيا.

ساڳيءَ طرح 'بنيادي اردو' ۾ عام ڳالهہ ٻول وارن اردو لفظن جا سنڌي متبادل ڏنا ويا آهن، تہ جيئن اهي ماڻهو ٿوري وقت ۾ اردو ڳالهائڻ سکي سگهن جن جي اُها مادري ٻولي نہ آهي.

'پيش لفظ' کان پوءِ ٻن صفحن ۾ مذڪر، مؤنث، واحد ۽ جمع ۾ لفظن جا ڪي ڦيرا مثالي جملن سان 'نمونہ' جي عنوان هيٺ ڏنا ويا آهن، جنهن کان پوءِ لغت وارو ڀاڱو صفحي 13 کان 72 تائين، ٻن ڪالمن ۾ پکڙيل آهي، جنهن ۾ 1509 لفظ آيل آهن. داخلائن جي پڇاڙيءَ تي هفتن جا نالا ۽ 01 کان 100 تائين انگ پڻ اردو ۽ سنڌي ٻولين ۾ ڏنل آهن. 100 کان پوءِ هڪ هزار ۽ هڪ لک جون داخلائون پڻ شامل ڪجن ها تہ بهتر هو.

'بنيادي اردو' ۾ پهريون 7 عدد داخلائون، "الف" هيٺ، هن ريت ڏنل آهن:

1. آ ـ اچ، آءُ، آ
2. آپ ـ اوهان، توهان
3. آپس ـ پاڻ، هڪٻئي
4. آٹا ـ اَٽو
5. آج ـ اڄ
6. آخر ـ نيٺ، ندان، آخر
7. آخرت ـ آخرت (ص 13)

انهن مثال طور آندل داخلائن مان هي ڳالهيون پڌريون ٿين ٿيون: (1) لکت جو خط نسخ ڪتب آندو ويو آهي، جڏهن تہ نستعليق ڪتب آڻڻ گهرجي ها. (2) بنيادي لفظ کي عام صورت ۾ لکيو ويو آهي. (3) بنيادي لفظ کان پوءِ ڳنڍيندڙ ليڪ (ـ) ڏئي، متبادل لفظ معنائن طور لکيا ويا آهن، جن جو تعداد، عام طور ٻہ يا ٽي آهي، پر صرف هڪُ متبادل لفظ ٻہ ڪيترن ئي هنڌن تي لکيو ويو آهي. (4) ڪيترن ئي لفظن جا ساڳيا متبادل لفظ معنيٰ طور پڻ ڏنا ويا آهن، جهڙوڪ: 'آ، آخر، آخرت' ۾ يعني

ساڳيا لفظ ٻنهي ٻولين ۾ مروج آهن. (5) ڇهين داخلا هيٺ، 'آخر' لفظ ۾ ڏنل لفظ 'ندان' حقيقت ۾ سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جون چار مختلف معنائون هن ريت آهن: (i) آخرڪار، پوءِ، پوئتي، پڇاڙيءَ ۾، (ii) ابتدائي سبب، بنيادي علت، بيماريءَ جي اصل ڪارڻ جي ڳولا، (iii) علم الامراض (پئٿالاجي)، اصل شڪل، ماهيت، (iv) مختصراً اهو تہ، مجموعي طور.[8] ان ڪري اهڙا گهڻ مفهومي لفظ هن قسم جي بنيادي لغتن ۾ نہ آڻڻ گهرجن.

وڌيڪ، هن لغت جي جائزي مان هيٺيون ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون:

1. داخلائن جون عام طور واحد صورتون ڏنيون ويون آهن.
2. وياڪرڻي حيثيتن، جهڙوڪ صفت، ظرف، اسم، مذڪر، مؤنث وغيره کي ڄاڻايو نہ ويو آهي.
3. اعرابن جو ڪجهہ قدر استعمال ڪيو ويو آهي.
4. ڪن لفظن جا مصدر ڏنگين ۾ مترادف مصدرن سميت ڏنا ويا آهن. البت مصدر جي نشاندهي نہ ڪئي وئي آهي، جهڙوڪ: اُبَل (اُبلنا) _ ٿهڪ (ٿهڪڻ)، اُتر (اُترنا) _ لَهَہ (لهڻ)، اُجَڑ (اُجڑنا) _ ڦِٽُ (ڦٽڻ)، اُجڙ (اُجڙڻ)، اُڇل (اُچھلنا) _ ٽَپُ (ٽپڻ) (ص 14).
5. 'اندر' جي داخلا ۾، صرف 'اندر' ئي ڏنل آهي، اتي 'منجهہ ۾' جا متبادل بہ ڏيڻ گهرجن ها.
6. 'زبان' جي مترادفن ۾ 'زبان، ڄڀ' سان گڏ 'ٻولي' بہ لکڻ گهرجي ها.
7. هيءَ پهرين 'اردو-سنڌي لغت' آهي، جنهن ۾ 'بھ، پھ، تھ، ٹھ، جھ، چھ، دھ، ڈھ، کھ، گھ' جون داخلائون، رواجي اردو لغتن جي آئيويٽائي ترتيب جي ابتڙ، الڳ اکرن طور ڏنيون ويون آهن، جنهن منجهان معلوم ٿو ٿئي تہ ڊاڪٽر ابوالليث صديقي ان راءِ جو هو تہ اهي اکر اردو آئيويٽا جو حصو بڻجڻ گهرجن ۽ لغت ۾ الڳ درج ڪجن.
8. 'هہ' سان شروع ٿيندڙ سڀ داخلائون اردو 'ہ' جي بدران سنڌي 'ھ' سان لکيون ويون آهن، جهڙوڪ: 'هاتهہ هار، هال، هرا، هرن، هلدیٰ' وغيره (ص 71)
9. ڪٿي ڪٿي پروفن جون چُڪون بہ نظر اچن ٿيون، جهڙوڪ: 'آنکار' (انکار) (ص 17)، 'وديڪ' (وڌيڪ) (ص 18)، 'هٽ' (ہٹ) (ص 71).

ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ 15 صفحن تي، 'اردو زبان' جي نالي سان، اردوءَ ٻوليءَ بابت تعارفي مضمون، ڊاڪٽر ابوالليث صديقيءَ جو لکيل آهي، جنهن ۾ اردو ٻوليءَ جي اصل، خاندان، ادب، ٻين ٻولين جي اثرن سميت 'اردو گرامر جي ڍانچي' ۽ 'اردو زبان جي چند خاصيتن' جي ذيلي عنوانن هيٺ اختصار سان ويچار ونديا، پڙهندڙن

ڪي ڇاڻ ڏئي وئي آهي. ان مضمون ۾ ڏنل ڪن اهم لفظن، جهڙوڪ: ’ڏانچو چند، اسم، گرامر، واحد، سياسي‘ (’سياست‘ جي داخلا بہ ڪانهي)، وغيره جون داخلائون لغت ۾ شامل ڪيل ناهن، جيڪي ضرور هئڻ گهرجن ها. ڊاڪٽر ابوالليث جي لکيل تعارف مان معلوم ٿو ٿئي تہ: ”اردو آريائي ڪٽنب جي زبان آهي، سندس تعلق هند۔ ايراني شاخ سان آهي، اها بر صغير پاڪ و هند ۾ مسلمانن جي اچڻ وقت، پنجاب جي ميدانن کان وٺي گنگا ۽ جمنا جي دو آبي تائين ڳالهائي ۽ سمجهي ويندي هئي ۽ هڪ ليکي علائقي جي عام زبان سڏي ويندي هئي، منجهس مصدر، فعل ۽ حرف (جر ۽ اضافت) گهڻي ڀاڱي پراڪرت مان آندل آهن، ان جو گرامر آريائي آهي، ۽ اهو پراڪرت جو چٽو اثر ڏيکاري ٿو پر فارسي ۽ عربي گرامر جو بہ ان تي گهڻو اثر پيو آهي، ان جو گرامر لکڻ ۾ اردو جي گرامر نويسن عربي ۽ فارسي گرامر نويسن جي پيروي ڪئي آهي، ان جو شروعاتي رسم الخط عربي نسخ هو پوءِ فارسي نستعليق اختيار ڪيو ويو، اردو ۾ عربي، فارسي ۽ ترڪي لفظ گهڻي قدر ڪم اچن ٿا. اردوءَ تي عربي، فارسي، ترڪي ٻولين جو گهڻو اثر آهي، اردو زبان جو نالو ترڪيءَ مان ئي ورتو ويو آهي جنهن جي معنيٰ ’لشڪر‘ يا ’دربار‘ آهي، قديم اردو ۾ قديم پنجابيءَ ۾ گهڻي هڪجهڙائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، وغيره.“ (صفحي 77 کان 91 تائين) انهن توڙي ٻين ڪن ڳالهين جي ڇنڊڇاڻ ڪري سگهجي ٿي، پر اهو موضوع، اسان جي دائري کان ٻاهر آهي، ان ڪري ان کي ڇڏجي ٿو.

مجموعي طور، ’بنيادي اردو‘ جي نالي سان جوڙيل هيءَ لغت هڪ سٺي ڪوشش آهي. ان سان ٻي ٻولي ڳالهائيندڙ کي معلوم ٿئي ٿو تہ اردو ٻوليءَ ۾ ڪهڙا لفظ عام ڳالهہ ٻول ۾ ڪتب اچن ٿا. انهن جي يادگيري ۽ واهپي سان بنيادي اردو ٻولي سکي ۽ سمجهي سگهجي ٿي.

4. **اردو۔سنڌي لغت/اردو سندهي لغت (مرتب: عبدالستار بلوچ):**

اردو کان سنڌي ٻوليءَ ۾ جوڙيل هن ٻہ۔ٻوليائي ’اردو۔سنڌي لغت‘ تي نالو ٻنهي ٻولين اردوءَ ۽ سنڌيءَ ۾ ڇپيل آهي، جڏهن تہ اندرئين ٽائيٽل تي نالو ’سنڌيڪا اردو سنڌي لغت‘ لکيو ويو آهي. هيٺ، ڇنڊڇاڻ ۾، ان لغت جو نالو ڇاپيندڙ اداري ’سنڌيڪا‘ جي نسبت سان ڪتب آندو ويو آهي. ان لغت جي ’تحقيق ۽ ترتيب‘ عبدالستار بلوچ ڏني آهي، جڏهن تہ نظرثاني پروفيسر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيي جي ڪيل آهي. ان لغت جا ٽي ڇاپا ڇپيا آهن، جن مان پهريون ڇاپو سن 2003ع ۾، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ پاران، سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد جي سهڪار سان ڇپيو. ان لغت جو ٻيو ڇاپو 2013ع ۾ ساڳئي اداري پاران ڇپيو جنهن کان پوءِ

ٽيون ڇاپو سن 2015ع ۾ مُجلد، ڊبل ڪرائون سائز ۾ 8 مهڙين ۾ 1016 لغت جي صفحن تي مشتمل، ذڪي سنز ڪراچيءَ مان ڇپجي، سنڌيڪا اڪيڊميءَ پاران پڌرو ٿيو. انهن ڇاپن بابت اداري جو چيئرمين ۽ لغت جو نگران نور احمد ميمڻ ’پبلشر نوٽ‘ ۾ لکي ٿو: ”هيءَ لغت جيئن تہ اساسي اردوءَ جي لفظن سان گڏ روزاني زندگيءَ ۾ پڙهجندڙ ۽ استعمال ٿيندڙ لفظن تي مشتمل هئي، ان ڪري عام استفادي ۾ آئي ۽ بيحد پسند ڪئي وئي.“ (ص 3)

هن لغت ۾ ٻن صفحن تي مشتمل ’مقدمو‘ عبدالستار بلوچ پاران لکيل آهي، جنهن ۾ هڪ هنڌ هُو لکي ٿو: ”سنڌ ۾ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي باهمي ميلاپ، اردو ۽ سنڌي ٻولين ۾ ادب جي مٽاسٽا سبب ٻنهي زبانن ۾ هڪٻئي جا ڪيترا ئي لفظ مروج ٿي چڪا آهن. اهو ئي سبب آهي جو اردوءَ ۾ ڪن مروج لفظن، محاورن ۽ اصطلاحن جي نج سنڌي معنيٰ، انهن لفظن، محاورن ۽ اصطلاحن جو اصلي مزو وڃايو ڇڏي.“ (ص 5) اها ڳالهہ صحيح آهي تہ ٻنهي ٻولين ۾ ڪيترائي ساڳيا فارسي، عربي، هندي، سنسڪرت، اردو ۽ سنڌي لفظ مروج آهن. پر هتي اهڙو ڪو مثال ’اردوءَ ۾ مروج لفظ، محاوري يا اصطلاح‘ جو ڏنو نہ ويو آهي، جنهن جي نج سنڌي معنيٰ، انهن لفظن، محاورن ۽ اصطلاحن جو اصلي مزو وڃائي ٿي ڇڏي.

’مقدمي‘ ۾ بنا مثال جي، ابن الياس جي ’نئين اردو-سنڌي لغات‘ کي ’غير جامع ۽ غير مستند‘ ڪوٺيو ويو آهي ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي ’اردو-سنڌي لغت‘ کي ’صرف اساسي اردوءَ جي لفظن‘ جي لغت سڏيو ويو آهي. (ص 5) اهي ٻئي رايا حيران ڪندڙ آهن. اهو واضح ناهي تہ ڪيئن ابن الياس جي لغت غير مستند آهي جنهن تي ڊاڪٽر بلوچ پڻ نظر وڌي هئي ۽ ان جو ’ديباچو‘ پڻ لکيو هو. يا، ڇا واقعي ڊاڪٽر بلوچ جي لغت صرف اساسي لفظن تي مشتمل آهي؟ اهڙا ’بيان‘ آڳاٽين ۽ بنيادي لغتن بابت نہ ڏيڻ گهرجن، ڇاڪاڻ تہ اهي بهرحال پنهنجي دَور جي نمائندگي ڪندڙ ۽ ان وقت جي گهرجن ۽ مواد پٽاندڙ جوڙيل لغتون آهن. هونئن بہ هر پنجين يا ڏهين سال لغتن کي سڌارڻ، سنوارڻ ۽ وڌائڻ جي گهرج اٽڪر هوندي آهي. نئين گهرج جي حوالي سان، عبدالستار بلوچ لکي ٿو: ”ضروري هو تہ هڪ اهڙي جامع لغت هئڻ گهرجي، جنهن ۾ جديد لفظن سميت، عربي، فارسي، هندي، انگريزي ۽ ٻين آڳاٽين توڙي جديد ٻولين جا اهي لفظ بہ شامل ڪيا وڃن، جيڪي اردو زبان جو حصو بڻجي چڪا آهن. انهيءَ ئي خيال کي سامهون رکندي هن لغت جو دائرو ناهيو ويو. هن لغت ۾ اردوءَ جي ترڪ ٿي ويل ۽ نامانوس لفظن کي ڇڏي باقي اهي سيئي لفظ، مرڪب، محاورا، چوڻيون ۽ علمي، ادبي ۽ فني اصطلاح ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي،

جيڪي اردوءَ ۾ مروج آهن.“ (ص 5) ان بيان ۾ تضاد محسوس ڪري سگهجي ٿو يعني هڪ طرف آڳاٽين توڙي جديد ٻولين جا لفظ شامل ڪجن جيڪي اردو زبان جو حصو بڻجي چڪا آهن، ۽ ٻئي طرف اردوءَ جي ترڪ ٿي ويل ۽ نامانوس لفظن کي ڇڏيو ويو آهي. ان صورت ۾ لغت کي جامع ڪيئن ڪوٺي سگهبو! اهڙا ڪيترا ئي لفظ هوندا جيڪي اردوءَ جي ڪلاسيڪي ادب ۾ شامل هوندا ۽ هاڻي متروڪ ۽ نامانوس ٿي ويا هوندا، تہ پوءِ چئبو تہ انهن لفظن کي عبدالستار بلوچ جي لغت ۾ ڳولي ۽ سمجهي نہ سگهبو تہ پوءِ جامع لغت جو فائدو تہ نہ ٿيو.

’مقدمي‘ ۾ عبدالستار بلوچ وڌيڪ لکي ٿو: ”هڪ نئين روايت جيڪا هن لغت کي ممتاز بنائي ٿي ۽ جديد لغتن جي قطار ۾ بيهاري ٿي، اُها هي آهي تہ لغت کي صرف بنيادي الف-بي وار نہ لکيو ويو آهي، پر جديد لغتن جيان هر هڪ اکر کي ضمني طور بہ الف-ب وار لکيو ويو آهي، تہ جيئن لغت استعمال ڪرڻ ۾ وڌيڪ آساني ٿئي.“ (ص 5) ان ’نئين روايت‘ کي هڪ سهولت يا ’آساني‘ تہ ڪوٺي سگهجي ٿو پر ان جي بنياد تي ڪنهن بہ لغت کي ’ممتاز‘ ۽ ’جديد لغت‘ ڪوٺي نہ ٿو سگهجي. انگريزي ٻوليءَ جي بهترين لغتن ’ويبسٽرس نيو ورلڊ ڪاليج ڊڪشنري‘ (1997ع) ۽ ’اِنڪارٽا ورلڊ انگلش ڊڪشنري‘ (1999ع) توڙي معروف اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جي لغتن ’اوڪسفرڊ انگريزي سنڌي ڊڪشنري‘ (2010ع) ۽ اردو ترجمي ’اوڪسفرڊ انگلش اردو ڊڪشنري‘ (2003ع) ۾ تہ اهڙي ڪا بہ ’آساني‘ ڏنل نہ آهي، تہ ڇا انهن لغتن کي ممتاز ۽ جديد لغتون ڪوٺي نہ سگهبو؟

’مقدمي‘ ۾ اهو پڻ ڄاڻايو ويو آهي، تہ ”هن لغت جي تياريءَ ۾ لفظن، معنائن ۽ محاورن لاءِ ’فيروز اللغات اردو جامع‘ کي بنياد بڻايو ويو آهي ۽ مدد طور جان ٽِي. پليٽس (John T. Platts) جي ’اردو، ڪلاسيڪل هندي ۽ انگريزي لغت‘ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ’اردو-سنڌي لغت‘ کي آڏو رکيو ويو.“ (ص 5) معنائن جي مد ۾ ڪن ٻين لغتن جهڙوڪ: ’جامع سنڌي لغات‘ (5 جلد)، ’هڪ جُلدي سنڌي لغت‘، ’فرهنگ فارسي‘ ۽ فيروز سنز جي ’انگلش ٽُ انگلش اينڊ اردو ڊڪشنري‘ جا نالا پڻ ڄاڻايا ويا آهن.

اردو ٻوليءَ جي هڪ جُلدي لغتن ۾ ’فيروز اللغات اردو جامع‘ کي اهميت حاصل آهي ۽ اها هڪ مشهور ’اردو-اردو لغت‘ آهي. اها لغت مون وٽ آهي، پر ان تي ڇاپي نمبر ۽ ڇپائيءَ جي سال بابت ڪا ڄاڻ ڏنل ناهي، نہ ئي عبدالستار بلوچ اها ڄاڻ ڏني آهي، تہ هُن ڪهڙي ڇاپي ۽ سال واري لغت استعمال ڪئي آهي. ممڪن آهي تہ وٽس بہ ڪو اهڙو ڇاپو موجود هجي جنهن تي ڇاپو نمبر ۽ سن ڄاڻايل نہ هجي. ان

لغت ۾ اهو ئي طريقيڪار ڏنل آهي، جنهن ڪي متي ’ممتاز ۽ جديد لغت‘ وارو سڏيو ويو آهي. مولوي فيروزالدين جي جوڙيل ’فيروز اللغات اردو جامع‘ جي بنياد تي آڏاريل عبدالستار بلوچ جي جوڙيل ’سنڌيڪا اردو-سنڌي لغت‘ سان تقابلي جائزي جا ڪي نُڪتا اڳتي ڏنا ويا آهن.

’مقدمي‘ ۾ لغت جي سٽاءَ ۽ اصولن بابت پڻ ڪي نُڪتا لکيا ويا آهن، جيڪا سٺي ڳالهه آهي. انهن نُڪتن ۾ ٿلهي ليکي هيٺيون ڳالهيون شامل آهن: (1) مکيه داخلا کان پوءِ تشريحي نشاني (: ) ڏني وئي آهي، (2) قوسين (ننڍين ڏنگين) ۾ لفظ جي اصليت ۽ جنس ڄاڻائي وئي آهي، (3) انگريزي لفظن کي اردو ۾ واهپي موجب لکيو ويو آهي، (4) ٻه يا ٻن کان وڌيڪ هم معنيٰ لفظ ڏنا ويا آهن جن جي وچ ۾ سنهي ليڪ ( ـ ) [ڳنڍيندڙ ليڪ] ڏني وئي آهي، لفظ جي هڪ کان وڌيڪ معنائن [يعني مختلف معنائن] جي صورت ۾ دم جي نشاني (. ) ڏئي معنائن کي ڌار ڪيو ويو آهي، (5) بنيادي لفظن جي سڌي اچار يا مخرج بدران لفظن تي اعرابون ڏنيون ويون آهن، (6) هجائي تختيءَ ۾ واضح ڪيل آهي ته ڪهڙا اکر آهن جن سان لفظ شروع ٿئي ٿو پر اهي اردو الفابيٽ ۾ موجود ناهن جهڙوڪ: ڀه، ڦه، ٿه، ٽھ، ڃه، ڇه، ڌه، ڍه، که ۽ گه ۽ اهي ڪهڙا اکر آهن جن سان لفظ شروع نه ٿو ٿئي پر اهي اردو الفابيٽ ۾ شامل آهن جهڙوڪ: ڙ [اڪيلو اکر] (اها آئيوتا لغت جي ورندڙ صفحي 7 تي ڏنل آهي)، ۽ (7) مرڪب لفظن کي ٻن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي، هڪڙا جيڪي بنيادي لفظ مان نهيل آهن جهڙوڪ: ’آئينہ باطن، باده پيما، ساده لوح‘ ۽ ٻيا امر جي ذمري ۾ ايندڙ جهڙوڪ: ’اُٺه بيٺه، جا دبوچنا‘. اهو پڻ ڄاڻايو ويو آهي ته ”هِن [لغت] ۾ پنجاهه هزار جي لڳ ڀڳ مروج لفظ، مرڪب، محاورا ۽ اصطلاح وغيره شامل آهن.“ (ص 6) اهو انگ مناسب ته آهي، پر ان کي پرپور ڪوني نه ٿو سگهجي. مثال طور، جنهن ’فيروز اللغات اردو جامع‘ کي، عبدالستار بلوچ موجب، بنيادي لغت بنايو ويو آهي، تنهن ۾ اٽڪل سوا لک داخلائون آندل آهن. جڏهن ته پنجاهه هزار ان جو اڌ تعداد به نه ٿو بيهي. ’فيروز اللغات اردو جامع‘ ۾ اهي داخلائون 1472 صفحن تي آندل آهن. جڏهن ته ’سنڌيڪا اردو-سنڌي لغت‘ ۾ 1016 صفحن تي داخلائون ڏنل آهن. ’سنڌيڪا اردو-سنڌي لغت‘ ۾ فانٽ جِي چونڊ ۽ سائز سميت پَني جي چونڊ ۾ ڪي اپاءَ وٺجن ها ته صفحن جي تعداد وڌائڻ سان داخلائن جو ڳاٽيتو مناسب حد تائين وڌائي سگهجي ها. ’سنڌيڪا اردو-سنڌي لغت‘ ۾ لغت جي سٽاءَ ۽ اصولن بابت ڄاڻايل مٿين نُڪتن مان گهڻا ئي نُڪتا ’فيروز اللغات اردو جامع‘ سان هڪجهڙائي رکن ٿا.

’مقدمي‘ جي اختتامي پئراگراف مان معلوم ٿو ٿئي، ته سنڌيڪا اڪيڊميءَ

جي چيئرمين نور احمد ميمڻ ڊڪشنريءَ جي اردو لفظن جون داخلائون پاڻ ترتيب ڏنيون، مؤلف کي ڪم آسان ڪري ڏنو. (ص 6) ان لحاظ کان ڪم ۾ ڀائيوار نور احمد ميمڻ کي بہ سمجھڻ گھرجي.

’سنڌيڪا اردو-سنڌي لغت‘ ۾ ڪتب آندل ’علامتون ۽ اشارا‘ صفحي 7 تي ڏنا ويا آهن، جيڪي در اصل مخفف آهن. انهن ۾ ٻولين واسطي ”ع = عربي، ف = فارسي، هہ = هندي، س = سنسڪرت، اُر = اردو، عبر = عبراني، سُر = سرياني، انگ = انگريزي، يُو = يوناني، فر = فرانسيسي، پن = پنجابي، بنگ = بنگالي، ت = ترڪي، پُر = پرتگالي ۽ رُو =روسي“ مخفف ڪتب آندل آهن. ’فيروز اللغات اردو جامع‘ ۾ پڻ انهن مخففن کي ’علامات و اشارات‘ جو عنوان ڏنو ويو آهي. اُن ۾ ٻيا ۽ بدليل مخفف ريت هن ريت ڏنل آهن: پ = پنجابي، سندھ = سندھي، گ = گجراتي، پا = پالي، پش = پشتو، لاط = لاطيني، ۽ ق = قديم (قديم ڪتابن ۾ موجود لفظ). جڏهن تہ عبراني، سرياني، يوناني ۽ روسي لفظن لاءِ ڪا بہ نشاني ناهي، جنهن مان چئي سگهجي ٿو تہ انهن ٻولين جا لفظ يا تہ اردوءَ ۾ شامل ناهن يا وري ’فيروز اللغات اردو جامع‘ ۾ شامل نہ ڪيا ويا آهن. ’سنڌيڪا اردو-سنڌي لغت‘ ۾ وياڪرڻي نشانين ۾ هڪڙي ئي نشاني ’صف = صفت (نحوي حالت)‘ ڏنل آهي جڏهن تہ ٻين نشانين جي بدران پورا لفظ لکيا ويا آهن، جهڙوڪ: مذڪر، مؤنث، ضمير اشارو محاورو چوڻي وغيره، جيتوڻيڪ انهن جا بہ مخفف لکڻ گهرجن ها، تہ جيئن لغت ۾ وڌيڪ داخلائن لاءِ جڳهہ بچي سگهي ها، جيئن ’فيروز اللغات اردو جامع‘ ۾ ’ض = ضمير، مص = مصدر، مذ = مذڪر ۽ مث = مؤنث‘ لاءِ ڪتب آندل آهن. مخففن جي واهپي سان هڪ تہ لغت ۾ جڳهہ بچائي ويندي آهي، ٻيو تہ انهن جو ورجاءُ کُڪندو بہ ناهي.

’سنڌيڪا اردو-سنڌي لغت‘ ۾ مُهڙين اٺن صفحن کان پوءِ لفظن جون داخلائون، نائين صفحي کان وٺي 1024 صفحي تائين، ٻن ڪالمن ۾ درج ڪيون ويون آهن. انهن داخلائن بابت وڌيڪ هيٺيون ڳالهيون تجزيي هيٺ اچن ٿيون:

1. هِن لغت ۾ اردو لفظن کي نسخ خط ۾ لکيو ويو آهي. جڏهن تہ ’ٻھ، پھ، تھ، ٹھ، جھ، چھ، دھ، ڈھ، کھ، گھ‘ جون داخلائون الڳ ڏيڻ جي بدران، رواجي اردو لغتن جي آئيويتائي ترتيب ۽ داخلائن موجب ترتيبوار ’ب، پ، ت، ٹ، ج، چ، د، ڈ، ک ۽ گ‘ اکرن ۾ ڏنيون ويون آهن، جنهنڪري ’ٻہہ ۽ ٻھ، پہہ ۽ پھ، تہہ ۽ تھ، ٹہہ ۽ ٹھ، جہہ ۽ جھ، چہہ ۽ چھ، دہہ ۽ دھ، ڈہہ ۽ ڈھ، کہہ ۽ کھ، ۽ گہہ ۽ گھ‘ سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ ٻئي سان ڳنڍجي ويا آهن ۽ لفظن جي ڳولا ۾ ڏکيائي پيش اچي ٿي.

2. اردو جي وڏي ’ہہ‘ کي هِن سڄيءَ لغت ۾، ۽ خاص ڪري ’ہہ‘ سان شروع ٿيندڙ

سيني داخلائن ۾ (ص 995 کان 1019 تائين)، ان ريت لکڻ جي بدران سنڌيءَ ۾ لکجندڙ ’ھ‘ (دو چشمي/ہ۔اَکِي) سان لکيو ويو آهي، جيڪو ڪنهن به ريت نه لکڻ گهرجي ها. مثال طور: ها، هاءِ، هابيل، هات، هاتف، هاتھ، هاٺ، هاں، هجوم، هپ، هدايت، هوا، هونا وغيره. جڏهن ته ٻين ڪيترن ئي لفظن ۾ پڻ اهڙو خيال نه رکيو ويو آهي، جهڙوڪ: ’وهاں، وهب، وهپ، وهيل‘ وغيره. البت اردو ’ہ‘ کي پڻ لغت ۾ لکيو ويو آهي، جهڙوڪ: ’جہاد، کہیے‘ وغيره. اهڙيءَ طرح وسرڳي ’ھ‘ کي پڻ لکيل روپ ۾ ڪتب آندو ويو آهي، جهڙوڪ: ’آنکھیں، ترچھا‘ وغيره.

3. داخلائن جي لفظن کي ڪجھ وڏي فانٽ سائيز ۾ رکيو ويو آهي، جنهن کان پوءِ معنائن ۽ سمجهاڻين کي حاشيي سان، ننڍي فانٽ سائيز ۾ لکيو ويو آهي. بنيادي لفظ مان جُڙندڙ يا ان سان لاڳاپيل محاورا ۽ مرڪب لفظ پڻ ان ئي ريت، بنيادي لفظ جي هيٺان، ساڳي فانٽ سائيز ۾، لکيا ويا آهن، جنهن کان پوءِ ٻيو بنيادي لفظ لکيو ويو آهي. ان سان ٻيو بنيادي لفظ، گهٽ پرتي يا اڳتي وجي بيهي ٿو جنهن سان ٻئي بنيادي لفظ کي ڳولڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي ٿي. مثال طور (1) ’آب‘ جي بنيادي داخلا، صفحي 9 تي، ڪالم ٻئي جي منڍ ۾، پهرين داخلا طور ڏنل آهي. ’آب‘ کان پوءِ ذيلي داخلائون صفحي 12 تي، ٻئي ڪالم جي پنجين داخلا ’آبيانه‘ تائين هلن ٿيون، جنهن کان پوءِ ٻي بنيادي داخلا ’آبا‘ اچي ٿي يعني ٻنهي بنيادي داخلائن ’آب‘ ۽ ’آبا‘ جي وچ ۾ 115 عدد ذيلي داخلائون ڏنل آهن. ان لحاظ کان ’آبا‘ جي معنيٰ ڏسندڙ/ڳوليندڙ کي، صفحي 9 کان وٺي 12 تائين، 115 داخلائون جاچي اڳتي وڌڻو پوندو تڏهن اهو ’آبا‘ تائين پهچي ان لفظ جي معنيٰ معلوم ڪري سگهندو. اهڙيءَ طرح، ’آپ‘ جي بنيادي داخلا صفحي 14 تي، پهرين ڪالم جي وچ تي ڏنل آهي، جنهن کان پوءِ ان جون ذيلي داخلائون صفحي 16 جي ٽئين ڪالم تائين هلن ٿيون، جنهن کان پوءِ ٻي بنيادي داخلا ’آپا‘ اچي ٿي يعني ٻنهي داخلائن ’آپ‘ ۽ ’آپا‘ جي وچ ۾ 67 عدد ذيلي داخلائون ڏنل آهن، يعني ’آپا‘ جو لفظ ڳوليندڙ کي صفحي 14 کان وٺي 16 تائين، 67 داخلائون جاچيندي ’آپا‘ تائين پهچڻو پوندو تڏهن ئي اهو ’آپا‘ جي معنيٰ پڙهي سگهندو. اهڙو معاملو سڄيءَ لغت ۾ آهي. سنو ٿئي ها ته بنيادي لفظ هيٺ ايندڙ ٻين محاورن، اصطلاحن، چوڻين ۽ مرڪب لفظن کي معنائن جي حاشيءَ جِي سِڌَ ۾ لکيو وڃي ها، ته ان سان هڪ بنيادي لفظ هيٺان ٻيو بنيادي لفظ، ڪنهن به صفحي تي پهرين نظر وجهڻ سان ئي نمايان ٿي پوي ها.

4. ’ا‘ (الف) جي پهرين داخلا هن ريت لکي وئي آهي:۔ ”ا، الف:

(ع_ مذڪر) اردو، سنڌي، عربي ۽ فارسي الف_ب جو پهريون اکر. الف جا ٻہ قسم آهن: ممدوه ۽ مقصوره. الف ممدوه ڇڪ سان پڙهجي ٿو ۽ مٿس مد ( ) هوندي آهي. (مثلاً ’آپ‘، ’آگ‘، ’آمد‘ وغيره). الف مقصوره ڇڪي نہ ٿو پڙهجي ۽ نہ ئي مٿس علامت هوندي آهي. (مثلاً: ’اگر‘، ’سال‘، ’تاج‘ وغيره). علامتي لحاظ کان الف جي معنيٰ: خدا واحد، اڪيلو مفرد، سِڌائي، اگهاڙو بهادر. ابجد جي حساب ۾ هڪ عدد وارو اکر.“ (ص 9).

ان داخلا ۾ گهٽيون ئي ڳالهيون ڏيان گُهرن ٿيون. جهڙوڪ (1) ’ا‘ (اکر) جو اچار ’الف‘ آهي جيڪو ’ا‘ کان پوءِ ڪاما (، ) ڏئي لکيو ويو آهي. لغت ۾ جڏهن ٻين اکرن جا اچار بہ ڏنل نہ آهن، تہ ’ا‘ جو اچار بہ اتي نہ ڏيڻ گهرجي ها. يا وري ’بي‘، ’پي‘، ’تي‘ وغيره بہ هر هڪ اکر پنيان لکجي ها. (2) ’ا‘ جاٽايل ٻولين سان گڏوگڏ پنجابي، بلوچي، پشتو ٻولين جو بہ پهريون اکر آهي. (3) ڏنگين ۾ ’مد‘ جي نشاني ڏيڻ رهجي وئي آهي. (4) پوري دم (.) جي نشانيءَ کان پوءِ ڏنگين ۾ مثال ڏيڻ صحيح ناهي. ’وغيره‘ لفظ جي گهرج نہ هئي. (5) ’الف ممدوه‘ يعني ’آ‘ کي ڇڪ سان پڙهڻ مان ڇا سمجهجي؟ ڇڪي پڙهڻ جو ڪهڙو طريقو اتي اختيار ڪجي؟ (6) ’الف مقصوره‘ تي ڇا واقعي بہ ڪا علامت نہ هوندي آهي؟ ان جي مثالن ۾ ڏنل لفظ ’اگر‘ ۾ آيل ’ا‘ تي ڇا ڪا بہ علامت ناهي؟ ڇا زبر جي اعرابَ علامت جي شڪل ۾ مٿس ناهي؟ ٻيا مثالي لفظن ’سال‘ ۽ ’تاج‘ ۾ وچ تي يا مختلف لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ آيل ’ا‘، الڳ الڳ علامتن طور مختلف ٻولين ۾ ڪتب ايندو آهي.

5. ڪن واحد لفظن جا جمعُ، معنيٰ جي پڇاڙيءَ تي، ڏنگين ۾ ڏنا ويا آهن. جهڙوڪ: *آزرده* (جمع *آزردگان*) (ص 27)، *آشُفتہ* (جمع *آشفتگان*) (ص 29)، *آہُو* (جمع *آہواں*) (ص 52). ٻئي طرف ڪن جمع لفظن جي واحد لفظن جي هن ريت ڄاڻ ڏني وئي آهي:_ آبا: (ع_ مذڪر) ’اَب‘ جو جمع (ص 12)، آثار: (ع_ مذڪر) ’اثر‘ جو جمع (ص 19)، آحاد: (ع) ’احد‘ جو جمع (ص 21)، آداب: (ع) ’ادب‘ جو جمع (ص 22)، احڪام: (ع) ’حڪم‘ جو جمع (ص 76).
6. هڪ داخلا ’آلان‘، هن ريت ڏنل آهي: آلان: (س_ مذڪر/مؤنث) هاٿيءَ کي ٻَڌڻ جو ڪڙو يا زنجير_ هاٿيءَ جا پالاڻ (ص 36) يعني واضح ڪيل ناهي تہ ’آلان‘ مذڪر لفظ آهي يا مؤنث، يا ڪٿي مذڪر آهي ۽ ڪٿي مؤنث. لغتن ۾ اهڙا مونجهارا نہ رکيا ويندا آهن.
7. ’آ‘ لفظ جي بنيادي داخلا هيٺ، ’آ آ‘ کي درج ڪرڻ کان پوءِ، ٽن محاورن سميت بہ وڌيڪ هي داخلائون آندل آهن: *’آ بے سونٹے تیری باری، کان چھوڑ کنپٹی ماری‘*، *’آ بیل مجھے*

مار، ’آ بے لونڈے جا بے لونڈے کرنا‘، ’آ پڑوسن لڑیں‘ ۽ ’آ پڑوسن مجھ سی ہو‘ (ص 9)، پر ’آ‘ سان شروع ٿيندڙ ٻيا محاورا ۽ ڪي داخلائون هِن ئي لغت ۾ اڳتي ٻين صفحن تي پڻ نظر اچن ٿيون جيڪي اصولي طور ’آ‘ جي ترتيب ۾ شامل ٿيڻ گهرجن ها، جهڙوڪ: ’آ بھڑنا‘ (ص 14)، ’آ پہنچا‘ ۽ ’آ پھنسنا‘ (ص 16)، ’آ دبکنا‘ ۽ ’آ دبوچنا‘ (ص 22)، ’آ دھمکنا‘ ۽ ’آ ڈٹنا‘ (ص 23)، ’آ رہنا‘ (ص 25) ۽ ’آ لگنا‘ (ص 36). ’آ‘ سان شروع ٿيندڙ داخلائن کي جڏهن ’فيروز اللغات اردو جامع‘ ۾ شامل داخلائن سان ڀيٽجي ٿو ته معلوم ٿئي ٿو ته ’سنڌيڪا اردو سنڌي لغت‘ ۾ ’آ‘ لفظ سان شروع ٿيندڙ هِي 12 عدد داخلائون ’فيروز اللغات اردو جامع‘ مان شامل ڪيل ناهن: ’آ بلا گلے پڑ، نہیں پڑتی تو بھی پڑ‘، ’آ بننا‘، ’آ بوالڑیں، لڑے ہماری بلا‘، ’آ پڑنا‘، ’آ پڑوسن (لڑ، لڑیں)‘، ’آ پہنچنا‘ (شايد هن کي ’آ پہنچا‘ ڪري شامل ڪيو ويو آهي!)، ’آ پھنسے کی بات ہے یا آ پھنسی کا معاملہ ہے‘، ’آ جانا‘، ’آ دبانا‘، ’آ لینا‘، ’آ مرنا‘ ۽ ’آ نکلنا‘“[9]. اهڙيءَ طرح ’آب‘ جي داخلا هيٺ پڻ ’سنڌيڪا اردو سنڌي لغت‘ ۾ ڪيتريون ئي داخلائون رهايون ويون آهن، جنهنڪري اردو-سنڌي لغت جي جامعيت متاثر ٿي آهي.

8. ڪن گهڻ لفظي داخلائن ۾ جيڪڏهن ڪنهن لفظ جو فرق آهي، ته انهن کي گڏي درج ڪيو ويو آهي، جهڙوڪ: ’آبِ آتش رنگ، آبِ آتش مزاج، آبِ آتش ناک، آب آتشین: شراب. رت جا ڳوڙها‘ (ص 9) يعني انهن چئني داخلائن جي معنيٰ ساڳي آهي. اهڙين ڪن داخلائن کي وري ٻيءَ طرح به درج ڪيو ويو آهي، جهڙوڪ: ’آب اتر جانا/اترنا‘ يا ’آبِ احمر/ارغوانی‘ (ص 9) ان ڪري انهن ۾ هڪجهڙائي جو هئڻ ضروري هو.

9. ’آبِ بقا‘ جي داخلا ۾ لکيو ويو آهي ته ”ڏسو: آبِ حيات“ (ص 10)، جيتوڻيڪ بهتر هو ته لکي ڇڏجي ها: ”آب حيات، امرت جل“. جڏهن هڪ يا ٻه متبادل يا مترادف لکڻا آهن، ته ٻِيءَ داخلا ڏانهن رجوع ڪرڻ جي بدران اتي ئي معنيٰ لکي ڇڏڻ بهتر آهي. ساڳيءَ طرح ’آب تاب‘ جي داخلا ۾ لکيو ويو آهي ته ”ڏسو: آب و تاب“ (ص 10). اتي پڻ بهتر هو ته لکي ڇڏجي ها: ’چمڪ، رونق، روپ‘.

10. ڪي پروف جون غلطيون پڻ رهجي ويون آهن، جهڙوڪ: ’آب دهن‘ (آبِ دہن) (ص 11)، ’آبا ؤاجداد‘ (آبا و اجداد) (ص 12)، ’پهنجائپ‘ (پنهنجائپ) (ص 16)، ’ملغن‘ (مغلن) (ص 30)، ’تيرتهه جا ترا‘ (تيرتهه ياترا) (ص 319).

بهرحال، هيءَ هڪ سٺي اردو-سنڌي لغت آهي، جنهن جي بنياد واسطي هڪ سٺي اردو لغت جي چونڊ ڪئي وئي. ان لغت جا جيتوڻيڪ ٿي ڇاپا ڇپيا آهن،

پر ان جي ٻئين ۽ ٽئين ڇاپي ۾ ڪي به واڌارا ۽ سڌارا ڪو نه ڪيا ويا آهن، جيڪي ضرور ٿيڻ گهرجن ها، ڇاڪاڻ ته اهڙن مسلسل عملن سان ئي جامع ترين لغتن جي جوڙجڪ ٿيندي ويندي آهي.

5. **جديد اردو سنڌهي لغات (مرتب: رحيم بخش ڦُنڊ):**

هيءَ ٻه-ٻوليائي اردو-سنڌي لغت رحيم بخش ڦُنڊ جي جوڙيل آهي، جنهن جو هڪ ڇاپو ڪرائون سائز ۾، پلاسٽڪ ڪوَر سان، مجلد، ڇئن مهڙين ۽ ٻن ڪالمن ۾ ورهيل 659 لغت جي صفحن ۽ نوَن آخري معلوماتي صفحن تي مشتمل، چوهاڻ پرنٽنگ پريس لاهور مان ڇپجي، اورنٽيل بڪ سوسائٽي لاهور پاران پڌرو ٿيو. هن لغت تي ڇپائيءَ جو سال ڏنل نه آهي، البت ڪمپيوٽر تي ڪمپوزنگ ٿيل آهي. اها ئي لغت پاڪيٽ سائيز ۾ پڻ ساڳئي اداري پاران ڇپايل آهي.

هيءَ درسي نوعيت جي لغت خاص ڪري شاگردن واسطي مرتب ڪئي وئي آهي، جو ان جي ٽائيٽل تي ڪيترا ئي لفظ ڇپيا ويا آهن، جهڙوڪ: 'پاپولر حسن الغا' [درست 'حسن اللغات']، 'مستند'، 'new edition, new way'، *'ادبا شعرا، علما، فضلا، اساتذه اور طلبه و طالبات کیلئے یکساں مفید جدید ترین مستند اور سندھی لغت'*. انهن لفظن ۾ پروف جون غلطيون پڻ نظر اچن ٿيون.

هن لغت ۾ فهرست جو صفحو شامل آهي، جنهن کان پوءِ هڪ صفحي تي، سنڌي ٻوليءَ ۾، 'ضروري گذارش' مؤلف پاران لکيل آهي، جنهن ۾ هُو لکي ٿو: "تعليم جي ميدان ۾ شاگردن لاءِ هيءَ ڊڪشنري هڪ سٺي راهه هموار ڪري ٿي، جنهن سان ٻارن کي اردو لفظن کي سنڌي ۾ پڙهڻ لاءِ سٺي رهنمائي ٿيندي." (ص: اٽڃاٽايل)

هن لغت ۾، هڪ هڪ صفحي تي، 28 کان 35 داخلائون ڏنل آهن، ان لحاظ کان منجهس لڳ ڀڳ 20 هزار داخلائون شامل ڪيون ويون آهن. جڏهن ته لغت ۾ اردو لفظن کي نستعليق خط ۾ لکيو ويو آهي. هن لغت جي عام جائزي مان هيٺيون ڳالهيون پڌريون ٿين ٿيون:

1. داخلا هيٺ آيل لفظ کي، معنيٰ ۾ آيل لفظن کان ٿورو وڏو ڪري ۽ حاشيءَ سان لکيو ويو آهي، جنهنڪري اهو نمايان ٿي پيو آهي.
2. لفظ جي اصل ٻوليءَ جو مخفف قوسين ۾ لکيو ويو آهي، جهڙوڪ: هه (= هندي)، ف (= فارسي)، ع (= عربي)، ا (= اردو) وغيره. البت انهن مخففن بابت لغت جي شروع ۾ ڪا معلومات درج نه ڪئي وئي آهي.
3. وياڪرڻي نشانين مان مذ (= مذڪر) ۽ مث (= مؤنث) لاءِ ڏني وئي آهي، پر ڪٿي وري "مؤنث" به مڪمل طور لکيو ويو آهي. ص (= صفت) نشاني پڻ ڪتب آيل

آهي. اهي نشانيون پڻ لغت جي منڊ ۾ پورن لفظن سميت ڏيڻ گهرجن ها.

4. هِن لغت ۾ پڻ 'ڀه، ٻه، ٿه، ٽه، جه، ڇه، ڌه، ڏه، ڪه، گه' جون داخلائون ترتيبوار 'ب، پ، ت، ٿ، ج، ڇ، د، ڏ، ک ۽ گ' اکرن ۾ ڏنيون ويون آهن. جنهنڪري 'ڀه ۽ ڀه، ٻه ۽ ٻه، ٿه ۽ ٿه، ٽه ۽ ٽه، جه ۽ جه، ڇه ۽ ڇه، ڌه ۽ ڌه، ڏه ۽ ڏه، ڪه ۽ ڪه ۽ گه ۽ گه' سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ ٻئي سان ڳنڍيجي ويا آهن ۽ لفظن جي ڳولا ۾ ڏکيائي پيش اچي ٿي.

5. لغت ۾ پهرين داخلا 'آ کرنا' ۽ ٻي داخلا 'آب' جي ڏنل آهي. جيڪڏهن 'آ' جي الڳ پهرين داخلا شامل هجي ها تہ پوءِ 'آ کرنا' ان جي ذيلي داخلا ۾ اچي ها ۽ 'آب' پنتي اچي ها، پر هن صورت ۾ اها ترتيب صحيح ناهي. 'آب' جون بہ داخلائون هن ريت ڏنل آهن:

آب (ف. مذ) پاڻيءَ مان چمڪو رونق.

آب (مونث) (ف. مذ) نير، پاڻي، جل، درياهہ، پگهر، ميوي جو رس. (ص 1)

پڙهڻ ٿئي ٿو تہ معنوي فرق جي ڪري الڳ داخلا لکيون ويون آهن. ٻيءَ داخلا ۾ قوسين ۾ مونث بہ لکيو ويو آهي تہ مذڪر بہ. جيڪو غلط آهي. مترادف ۽ متبادل گهڻا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جيڪا سٺي ڳالهہ آهي.

6. 'آب' کان پوءِ ان جون ذيلي داخلائون، جهڙوڪ: 'آب آب هونا، آب باراں، آب آتش رنگ، آب آجانا، آب بگڑنا' تہ ڏنيون ويون آهن، پر وچ ۾ بنيادي داخلائون، 'آبا، آباد، آبادی، آبا و اجداد' وغيره بہ شامل ڪيون ويون آهن، جنهنڪري لغت ۾ وڏو عيب پيدا ٿي پيو آهي.

هن 'جديد اردو-سنڌي لغات' جي پڇاڙڪن صفحن ۾ شاگردن جي معلومات واسطي، مختلف عنوانن تحت، 'علامتون، ايجازات [ايجادات] ۽ اختصارت'، 'اعشاري نظام' (شمار، وزن، تور ۽ ماپ جا پيمانہ) وغيره ڏنا ويا آهن.

نتيجو: اردو ۽ سنڌي ٻوليون، سنڌ سميت، نہ صرف پاڪستان پر هندستان ۾ پڻ ڳالهايون وڃن ٿيون. ان ڪري ٻنهي ٻولين جي لغتن تي ڀرپور ڪم ٿيڻ گهرجي ها، پر اوترو ڪم ٿيل نظر نہ ٿو اچي. اردو کان سنڌي ٻوليءَ ۾، پاڪستان جي قيام کان پوءِ صرف پنج لغتون ڇپيون آهن. جن مان بہ بہ لغتون، هِڪڙي لغت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان جي جوڙيل ۽ ٻي لغت عبدالستار بلوچ جي جوڙيل، اهم آهن. انهن پنجن ئي لغتن ۾ الڳ الڳ نوعيت جون خوبيون تہ آهن، پر منجهن ڪي ڪوتون ۽ خاميون پڻ نظر اچن ٿيون، جن تي ڌيان ڌرڻ جي گهرج آهي.

ويجهڙ ۾ 2019ع ۾ ٻن جلدن ۾ 1887 صفحن تي مشتمل "مختصر اردو لغت" اردو لغت بورڊ ڪراچيءَ پاران ڇپي آهي، جيڪا 22-جلدن ۾ ڇپيل 'اردو لغت' (تاريخي اصول پر) تان مرتب ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن 'مختصر اردو لغت' جي معنيٰ واري ڀاڱي کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرايو وڃي، ته اها هڪ سٺي 'اردو-سنڌي لغت' ثابت ٿي سگهي ٿي.

## حوالا:


1. جالبی، جمیل، ڈاکٹر (مقالہ): سندھ میں اردو (آغاز سے 1750ء تک)، **پاکستان میں اردو**: پہلی جلد: سندھ، مرتبین: پروفیسر فتح محمد ملک، سید سردار احمد پیرزادہ اور تجمل شاہ، مقتدرہ قومی زبان پاکستان، اسلام آباد، طبع اول 2006ء، ص 33
2. ندوی، سلیمان، سید (مقالہ): اردو کیونکر پیدا ہوئی، **پاکستان میں اردو**: پہلی جلد: سندھ، مرتبین: پروفیسر فتح محمد ملک، سید سردار احمد پیرزادہ اور تجمل شاہ، مقتدرہ قومی زبان پاکستان، اسلام آباد، طبع اول 2006ء، ص 7
3. فرخ آبادی، رحمت، پروفیسر (مقالہ): سندھ میں اردو، **پاکستان میں اردو**: پہلی جلد: سندھ، مرتبین: پروفیسر فتح محمد ملک، سید سردار احمد پیرزادہ اور تجمل شاہ، مقتدرہ قومی زبان پاکستان، اسلام آباد، طبع اول 2006ء، ص 20
4. بلوچ، نبی بخش خان، ڈاکٹر: سندھ میں اردو شاعری، مجلس ترقی ادب لاہور، طبع سوم 1978ء، ص 12
5. بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر: نئين جامع سنڌي لغات (جلد 1)، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد، ڇاپو ٻيو ڊسمبر 2017ع، ص 3.
6. بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر: نئين جامع سنڌي لغات (جلد 1)، ڇاپو ٻيو 2017ع، ص 35.
7. https://www.urduinc.com/english-dictionary/درت%20آریہ-meaning-in-urdu
8. rekhtadictionary.com
9. فیروزالدین، مولوی: فیروز اللغات اردو جامع، فیروز سنز لمیٹڈ لاہور، نیا ایڈیشن، ص ۲.


## مددي ڪتاب:


1. ابن الياس: نئين اردو-سنڌي لغات، آزاد بڪ ڊپو حيدرآباد، ڇاپو پهريون، 1950ع.
2. بلوچ، عبدالستار: اردو-سنڌي لغت/اردو سندهي لغت، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو ٽيون، 2015ع.
3. بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر: نئين جامع سنڌي لغات (جلد 1)، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد، ڇاپو ٻيو ڊسمبر 2017ع.
4. بلوچ، نبی بخش خان، ڈاکٹر: سندھ میں اردو شاعری، مجلس ترقی ادب لاہور، طبع سوم 1978ء
5. بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان: اردو-سنڌي لغت، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ڇاپو پهريون، 1960ع.

6. صديقي، ابوالليث، ڊاڪٽر: بنيادي اردو سنڌي مترجم: جمال رند، مرڪزي اردو بورڊ لاهور، پهريون ڇاپو 1968ع.

7. فيروزالدين، مولوی: فيروز اللغات اردو جامع، فيروز سنز لميٹڈ لاہور

8. لنڊ، رحيم بخش: جديد اردو سنڌي لغات، اورنٽيل بڪ سوسائٽي لاهور، ڇاپو ڇپيل ناهي.

9. ملک، فتح محمد، پروفيسر و دیگر: پاکستان میں اردو: پہلی جلد: سندھ، مقتدرہ قومی زبان پاکستان، اسلام آباد، طبع اول 2006ء

محمد يوسف جويو

# عِلم ڪُتب خانا سان لاڳاپيل لفظن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ ۽ مفهوم

# The meaning and connotation of words/terms related to library science

***Abstract:***

*Languages are a source of communication. They are also the foundation of the thoughts, feelings and mental creation of human beings. Language can be strengthened when a very rich vocabulary exists for the sack of knowledge, understanding, and articulation. Through strong vocabulary the language can be transformed into different book references. Such vocabulary can be found in dictionaries.*

*There are a number of languages which are being spoken all around the world, but among them all, there exists a language which is considered dominant all around the world. The language, which is being referred to, is the English language which is now supposed to be a global language, as it is understood everywhere.*

*A dictionary is a reference book containing the words of a language usually alphabetically arranged, with information on their forms, pronunciations, functions, meanings, etymologies, spellings and idiomatic uses. Most of this information cannot be found in other reference books. It is important to consider several advantages in the use of dictionaries.*

*There is a lot of material available in English dictionaries, rather than dictionaries of Sindhi or other local languages. However, such types of strong dictionaries are the demand of native speakers in their own languages.*

*In this article, the author tried to find out some new words along with usage in different books (Sindhi, Urdu & English) for better understanding in daily life through the help of spoken as well as written form in books regarding Library Science.*

ٻولي رابطي جي ذريعي هجڻ سان گڏ ماڻهن جي سوچن، خيالن ۽ ذهني تخليقن جي اظهار جو پڻ ذريعو آهي. گڏيل قومن جي اداري قومن جي مادري ٻولين جي اهميت کي وڌائيندي هر سال 21 فيبروريءَ جو ڏينهن مقرر ڪيو آهي. ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته قومن لاءِ ٻوليون نه رڳو اظهار جو ذريعو آهن، پر انهن جي سڃاڻپ ۽ انهن جي تهذيب تمدن ۽ تاريخ جي سڃاڻپ پڻ آهن. مادري ٻوليءَ واري سڃاڻپ ئي دنيا ۾ قومن کي الڳ حيثيت

سان نروار ڪيو ويني آهي.

هڪڙيون ٻوليون فطري هونديون آهن. جيڪي قومن جي وجود جي اچڻ سان ئي جُڙنديون آهن ۽ پوءِ وقت، حالتن، ايجادن، تحقيق ۽ علمي ترقيءَ سان ان ٻوليءَ جي لفظن جي ذخيري (Corpus) ۾ واڌارو ٿيندو رهندو آهي. اهڙيءَ طرح سان اها ٻولي پنهنجي وسعت وڌائيندي رهندي آهي. اهڙين فطري ٻولين مان اسان جي سنڌي ٻولي پڻ هڪ آهي.

ڪي ٻوليون وري سماجي ۽ سياسي اُٿل پُٿل سان وجود ۾ ايندیون آهن يا وري ڪي حڪمران پنهنجي حڪومت يا حڪمراني قائم دائم رکڻ خاطر ڪي نيون ٻوليون جوڙيندا يا پيدا ڪندا آهن. جيئن هت نندي کنڊ ۾ اردو ٻولي اهڙي ئي اُٿل پُٿل ۽ اُن وقت جي سماجي ۽ سياسي حالتن آهر وجود ۾ آئي ۽ مختلف ايشيائي ٻولين کان اکر ۽ آواز وٺندي پنهنجي وسعت کي وڌايو آهي. اردوءَ کي لشڪري زبان به ڪوٺيو ويندو آهي. هن وقت اها ٻولي نندي کنڊ ۾ ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي.

سنڌ ۾ انگريزن جي اچڻ کان پوءِ ٻولين تي جديد انداز سان علمي ڪم ٿيڻ شروع ٿيو. سڀ کان پهرين انگريز حڪومت جي ڪوشش سان ٻوليءَ جي الفابيٽ جُڙي راس ٿي ۽ مختلف موضوعن تي ڪتاب لکجڻ شروع ٿيا، وري پرنٽنگ پريس جي اچڻ سان اُهي ڇپجڻ ۽ عام ماڻهن تائين پهچڻ به شروع ٿي ويا.

ٻوليون تڏهن ئي طاقتور سمجهيون وينديون آهن جڏهن انهن وٽ پنهنجي ٻوليءَ جي لفظن جو هڪ وسيع ذخيرو يعني corpus موجود هجي ٿو. اهو هر لحاظ کان، هر موضوع جي مناسبت کان ۽ هر نئين ايجاد يا نئين علم جي مناسبت سان هُن ۾ لفظ گهڙي ناهڻ يا متبادل لفظن جو موجود هجڻ يا وري انهن ٻين ٻولين جي لفظن کي پاڻ ۾ آدِي ساڍي پنهنجو پاڻ ۾ سمائي ڇڏڻ جي سگهه هجي. اهائي ٻوليءَ جي اصل ترقي ۽ واڌ ويجهه آهي. اهڙو ٻوليءَ جي لفظن جو گهڻي ۾ گهڻو ذخيرو اسان کي ان جي مختلف موضوعن تي ٺهيل ۽ جڙيل لغتن يا ڊڪشنرين مان ئي ملي سگهي ٿو. ڊاڪٽر رياضت برڙو لکي ٿو ته:

> ”ٻوليءَ ۾ معنائن، مفهومن ۽ سمجهاڻين جو ااظهار پڻ ضرورت موجب هڪ ۽ هڪ کان وڌيڪ لفظن وسيلي ڪجي ٿو. وقت گذرڻ سان، سماجي ڪار وَهنوار موجب هر لفظ جي هڪ الڳ تاريخ جڙي پوندي آهي. لفظ جي اها معنوي تاريخ پڻ تبديلين منجهان اهڙيءَ طرح گذري ٿي، جهڙيءَ طرح سماج تبديلين منجهان گذري ٿو يعني لفظن جون معنائون پڻ بدلجڻ جي عمل منجهان گذرنديون رهن ٿيون. ان

ڪري لفظ پاڻ بہ هڪ تاريخ آهن ۽ انهن جي معنيٰ ۾ بہ تاريخ سمايل آهي. ان ڪري، جڏهن بہ ڪنهن لفظ جو اڀياس ڪجي ٿو تہ نہ رڳو ان لفظ ۽ ان ۾ آيل تبديليءَ جي تاريخ جو اڀياس ٿئي ٿو پر لفظ سان ڳنڍيل معنائن ۽ معنائن ۾ آيل تبديلين جي تاريخ جو مطالعو بہ ٿئي ٿو.“[1]

لغت کي انگريزيءَ ۾ ڊڪشنري (Dictionary) چئبو آهي. لغتون مختلف قسمن جو ٿين ٿيون. جيئن عام ڊڪشنري يا موضوع وار ڊڪشنريون جهڙوڪ علم حياتيات، طبعيات، ڪيميا، تجارت، تعميرات وغيره جون لغتون بہ ڇپيل آهن، جن مان اسان جا شاگرد توڙي استاد فائدو وٺي رهيا آهن. پر اهي اڪثر ڪري سڀ انگريزيءَ کان انگريزيءَ ۾ آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙيون لغتون ٿوريون بلڪ نہ هجڻ جي برابر آهن. وري انهن مضمونن ۾ تہ پيشوراڻي ڊگري رکندڙ مضمون جهڙوڪ انجنيئرنگ، فزيڪل هيلٿ ايجوڪيشن يا لائبرري سائنس جون ڊڪشنريون تہ سنڌيءَ ۾ بنهہ ڪونہ آهن. پوءِ هاڻ اهڙي علمي تعمير ۽ سائنسي ڪم لاءِ اسان جي ادارن ۽ لاڳاپيل عالمن کي ضرورسوچڻ گهرجي ۽ ڪم بہ ڪرڻ گهرجي. آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، پاڪستان جي مينيجنگ ڊائريڪٽر محترمہ امينہ سيد لکي ٿي تہ:

”دنيا ۾ انگريزي لغت جي شروعات سورهين صدي عيسويءَ جي پڇاڙڪن سالن کان ٿئي ٿي. انگريزي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۾ سيموئل جانسن ( 1755ع ) جو نالو چوٽيءَ تي آهي.“[2]

سنڌي لغات بابت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو تہ:

”سنڌي لغات لکڻ جو سلسلو هڪ سَئو سال اڳ، 18 صديءَ جي وچ ڌاري شروع ٿيو خاص طرح انهيءَ لاءِ تہ ٻاهرين ماڻهن کي سنڌي ٻولي سکڻ ۾ آساني ٿئي، انهيءَ ڪري اهي لغتون ’انگريزيءَ مان سنڌي‘ يا ’سنڌيءَ مان انگريزيءَ‘ ۾ لکيو ويون. ڪئپٽن اسٽئڪ، پهريائين ’انگريزي – سنڌي لغات‘ 1849ع ۾ شايع ڪئي ۽ ان کان پوءِ سندس سنڌي – انگريزي لغات 1855ع ۾ ڇپي، جنهن ۾ سنڌي لفظ ديوناگري اکرن ۾ لکيائين ۽ انهن جون معنائون انگريزيءَ ۾ ڏنائين. غالباً ان بعد سنڌ جي عالم ۽ محقق آخوند عبدالرحيم عباسي ’جواهراللغات سنڌي اڪيچار‘ مرتب ڪئي.“[3]

لغت هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن کي هر طبقي ۽ هر مڪتبهءِ فڪر جو

شاگرد، پنهنجي علمي سگهه کي وڌائڻ ۽ پنهنجي شعبي ۾ ماهر ٿيڻ لاءِ استعمال ڪندو آهي يا پڙهندو آهي. جيئن تہ لغتون جوڙڻ هڪ خاص فني ڪم آهي. اهڙيءَ طرح ڪتبخاني جي علم جي بہ هڪ الڳ لغت تيار ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسان کي مطالعي ۽ مشاهدي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪا بہ معياري لغت جوڙڻ لاءِ عام طور هيٺين نُڪتن تي عمل ڪيو ويندو آهي.

- لغت ۾ شامل ٿيندڙ لفظن جي، الف – ب وار يا Alphabetic ترتيب سان داخلا هوندي آهي.
- لفظن جي سڃاڻپ يا لفظن جي تلفظ ۽ هِجي اعرابن سان هُئڻ گهرجي ۽ ان کانسواءِ انهن لفظن جي گرامر ۾ سڃاڻپ يعني اهو لفظ اسم، صفت يا فعل آهي، وضاحت سان لکيو ويندو آهي.
- مفهوم ۾ لفظن جو استعمال بنهہ مختصر ۽ ننڍين ننڍين جملن يا محاورن ۾ استعمال ڪري، انهن جِي سٺي سمجهاڻي ڏني ويندي آهي.
- لفظن جا متبادل لفظ پڻ داخل ڪيا ويندا آهن.
- لفظن جا ضد (لفظ) بہ داخل ڪيا ويندا آهن.
- بيهڪ جون نشانيون يا ڪي خاص اشارتي نشانيون يا پيشوراڻي علم جي لکڻ ۾ استعمال ٿيندڙ نشانين کي پڻ لغت جي شروعات يا آخري صفحن ۾ وضاحت سان بيان ڪيو ويندو آهي.
- لغت ۾ مخفف ۽ سائنسي علامتون يا لفظن جو واضح استعمال ڪيو وڃي
- نقشن، گرافن، تصويرن کي يا ڪِن نالن / انگن جي ٽيبل وغيره جو پڻ استعمال واضح ۽ آسان فهم ۾ ڪيو ويندو آهي.
- لغت کي جوڙڻ وقت مختلف ڊڪشنريون ۽ ٻوليءَ جا ڪتاب حوالي طور لازمي سامهون هئڻ گهرجن تہ جيئن ڪنهن بہ مونجهاري جي صورت ۾ ان کي بهتر طور سلجهائي سگهجي.
- لغت جنهن بہ زبان ۾ ترتيب ڏني وڃي ٿي، ان ۾ مقامي ٻوليءَ جي آسان لفظن جو انتخاب ڪيو وڃي ٿو.
- پيشوراڻي علمن ۾ جيڪي مروج لفظ آهن، انهن لفظن جو مناسب استعمال لازمي ڪيو وڃي ٿو.

**’عِلم ڪُتب خانہ‘ سان لاڳاپيل اصطلاحن ۽ لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم:**

| | | |
|---|---|---|
| 1 | AACR= Anglo-American Cataloging Rules | بين الاقوامي لائبررين جي لاءِ فهرست سازي (Cataloguing) جا قاعدا ۽ اصول<br>- نوٽ: هي قاعدا آمريڪن لائبرري ايسوسيئشن جا جوڙيل آهن |
| 2 | Abstract | اختصار، تَت، وِچور<br>ڪنهن ڪتاب جو خلاصو بيان ڪرڻ يا مختصر ڪري ٿورن لفظن ۾ اُن جو متن بيان ڪرڻ |
| 3 | Access | پهچ / حاصلات يا گهٽي معلومات تائين پهچ / رسائي / آچ وڃ<br>-اهليت/ ڳولي لهڻ جي صلاحيت<br>-تصور جي گهرائيءَ تائين پهچ |
| 4 | Accession Register | ڪتابن جي داخلا جو رجسٽر<br>-داخلا جو رجسٽر<br>-پهچ/ ڪتاب ڪي پنهنجي اصل هنڌ تي پهچڻ جو رڪارڊ<br>-ڪنهن هنڌ يا منصب تي پهچڻ جو رڪارڊ |
| 5 | Accessory / Accessories | مددي يا سهڪاري شيءِ يا شيون/ مددگار / شريڪ / معاون<br>-ڪمپيوٽر سان لاڳاپيل مددي شيون يا پُرزا جهڙوڪ: ڪيمرا، مائيڪ وغيره<br>-وڌيڪ پر ضروري شيون |
| 6 | Acquisition | حاصلات جو عمل/ حاصلات / حصولِ دستيابي<br>-لائبريريءَ لاءِ ڪتابن کي حاصل ڪرڻ جو طريقيڪار |
| 7 | Archives | رڪارڊ/ اعلان/دستاويز يا تاريخي رڪارڊ / نَوادرات |
| 8 | Bibliography | ڪتابيات / فهرست نگاري<br>-ڪتابن جي تعارفي فهرست جيڪا تحقيقي مضمون يا تحقيقي ڪتاب جي آخر ۾ حوالي طور ڏني ويندي آهي.<br>-ڪنهن بہ ليکڪ يا ڇپائيندڙ جي ڇپيل ڪتابن يا لکتن |

| | | |
|---|---|---|
| | | جو تفصيل ۽ ڇپجڻ جي تاريخ صفحا ۽ قيمت سميت ٻئي معلومات جي لسٽ |
| 9 | Bibliomania | ڪتابن جو شوقين، ڪتاب دوست<br>-ڪتاب گڏ ڪرڻ جو شوقين<br>-ڪتاب گڏ ڪرڻ جو خفت يا جُنون |
| 10 | Bibliopole | ڪتاب ڪپائيندڙ وڪرو ڪندڙ<br>-ڪتابَ وڪڻڻ وارو<br>-ناياب ڪتاب وڪڻڻ وارو |
| 11 | Big Book | وڏا ڪتاب / عام ڪتابن کان وڏا ڪتاب<br>-عام ماپ جي ڪتاب کان ڊيگهه ۽ ويڪر ۾ وڏو ڪتاب (مثال، تصويري ڪهاڻين جو وڏو ڪتاب) |
| 12 | Book | ڪتابُ (جمع: ڪتابَ)<br>-هي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي. ڪتاب ڪنهن خاص يا عام مختلف موضوعن تي لکيل يا ڇپيل، هڪ يا هڪ کان وڌيڪ جلدن ۾ جڙيل / ٻڌل Bind ٿيل هجي.<br>-يونيسڪو طرفان 1964ع جي ٿيل ڪانفرنس ۾ ڪتاب لاءِ واضح ڪيو ويو ته " گهٽ ۾ گهٽ 49 صفحن تي لکيل يا ڇپيل، ڪچي جلد يا پڪي جلد ۾ ٻڌل/ جڙيل هجي تنهن کي ڪتاب چئجي ٿو."(9) |
| 13 | Book case | ڪتابن رکڻ جو خانو يا جارو/ ڪتاب دان/ ڪتابن جي الماري/ ڪٻٽ<br>-ڪتابن جي پيتي يا پرس نما ٿيلهو |
| 14 | Book Club | سستي اگهه ۾ وڪڻڻ وارو گروهه. سوسائٽي يا تنظيم. جماعت جنهن جي رڪنيت (Membership) پڻ ڪئي ويندي هجي. ڪتاب دوستي لاءِ جاکوڙيندڙ جيئن پاڪستان ۾ نيشنل بڪ ڪلب وغيره |
| 15 | Bookish | ڪتابن جو شوق رکندڙ / ڪتابن جو ديوانو |
| 16 | Book fair | ڪتابي ميلو / ميڙو |
| 17 | Book keeper | ڪتاب ڪاتو ڻاهيندڙ / منشي / روزنامچو لکندڙ- رجسٽر رکندڙ |

| | | |
|---|---|---|
| 18 | Book louse | ڪتابن کي ٽُڪيندڙ جيت/ جُونءَ<br>- جيتُ جيڪو اُڏوهيءَ وانگي ڪتاب کي ڪائي چٽ ڪري |
| 19 | Book Mark | ڪپڙي جي سنهي پٽي جيڪا ڪتاب سان گڏ جلد ۾ چُهٽيل/ٻَڌيل هوندي آهي ۽ پڙهندڙ ان کي پنهنجي نشانيءَ طور استعمال ڪندو آهي.<br>- ڪنهن سخت ڪارڊ جي ڊگهي پٽي<br>- پني جي ٽڪري يا ڪپڙي جي پٽي/ ڏوري |
| 20 | Book review | ڪتاب جو جائزو يا تبصرو<br>ڪتاب کي پڙهي ان جو مثبت تعارف يا تنقيدي ۽ اصلاحي جائزو وٺڻ يا پيش ڪرڻ |
| 21 | Bookbinder | ڪتابن جو جلدساز<br>-ڪتاب جوڙيندڙ -ڪتابن جي مرمت يا جلد بندي ڪندڙ |
| 22 | Book end | ڪتابن جي قطار / ڪتابن جي صفبندي<br>ڪتاب اُڀا ۽ سڌا قطار ۾ رکيل |
| 23 | Book man | ڪتابي ماڻهو ادبي ماڻهو صاحبِ ڪتاب ، صاحبِ علم |
| 24 | Book seller | ڪُتب فروش<br>-ڪتاب ڪپائيندڙ<br>-ڪتابن جي وڪري جو ڪاروبار ڪندڙ |
| 25 | Bookworm | گهڻو مطالعو ڪندڙ |
| 26 | Borrow | عارضي طور ڪتاب ڪٽي واپس ڪرڻ |
| 26 | Calligraphy | ڪتابت: سٺن ۽ سهڻن اکرن سان لکڻ، خوشخطي، خوش نويسي، خطاطي<br>سهڻي طريقي سان لکڻ جو ڏنڏو ڪندڙ |
| 27 | Catalogue | ڪيٽلاگ: لائبريءَ ۾ موجود ڪتابن جي ترتيب ڏنل فهرست<br>-ڪتابن ۽ ڪتابي مواد جي تفصيلي معلومات جو ڪارڊ جيڪو 3x5 انچن جو هوندو آهي (10)<br>-لائبريءَ ۾ پيل مواد جي فهرست |

| | | |
|---|---|---|
| 28 | Circulation Desk | ڪتاب ڏيڻ ۽ واپس وٺڻ جي ميز |
| 29 | Claim | مالڪيءَ جي دعوا ڪرڻ، حق جتائڻ، مالڪي ڏيکارڻ |
| 30 | Classification | درجي بندي<br>ڪتابن جِي موضوع وار ترتيب يا ورهاست |
| 31 | Commentator | مبصر. تبصرو ڪندڙ<br>-تبصري نگار يا راءِ ڏيندڙ |
| 32 | Document | دستاويز- ڇپيل / اڻڇپيل مواد<br>اليڪٽرونڪ يا قلمي نقشہ وغيره |
| 33 | Edition | ڇاپو / اشاعت<br>-پهريون پيرو يا ٻيو پيرو ڇپيل جيترا پيرا ڪتاب ڇپبو ان جو نمبر ڏيڻ |
| 34 | Emerge | نمودار يا نروار ٿيڻ، ڏيک ڏيڻ، انڪشاف ٿيڻ-<br>علمي تحقيق ۾ کوج سبب نئين شيءِ يا ڄاڻ جو ظاهر ٿيڻ |
| 35 | End note | ڪتاب يا ڪتاب جي ڪنهن حصي جي آخر ۾ ڇپيل نوٽ<br>تحقيقي مضمون جي ڪنهن حصي جي آخر ۾ وضاحتي نوٽ |
| 36 | Enquiry | جاچ / پڇا ڳاڇا ڪرڻ / دريافت ڪرڻ، معلومات حاصل ڪرڻ |
| 37 | Excerpt | اقتباس<br>ڪتاب مان ڪو خاص ٽڪرو نقل ڪرڻ<br>ڪنهن مضمون جو جائزو وٺي پوءِ ان جو خاص ٽڪرو نقل ڪرڻ |
| 38 | Fiction | افسانوي ادب ( ناول، ڪهاڻين جا ڪتاب وغيره) |
| 39 | Finding list | چونڊ ڪيل فهرست يا اختصاري فهرست<br>ڪتابن جي چونڊ ڪيل فهرست يا خاص ۽ اهم موضوعن جي اختصار ٿيل فهرست |
| 40 | Fine | ڏَنڊُ / جرمانو / هرجاڻو<br>ڪتاب مقرر وقت تي لائبريءَ ۾ جمع نہ ڪرڻ تي معمولي |

| | | |
|---|---|---|
| | | ڏنڊ وٺڻ |
| 41 | First Indention | مصنفي لڪت: ڪيٽالاگ ۾ پهرئين ليڪ جي ناليِ واري داخلا |
| 42 | Fly leaf | اَستَرُ / جُلد سان چهٽيل خالي ٻتو پنو<br>جلد جي اندران ۽ ڪتاب جي پهرين ورق ۽ ڪتاب جي آخري ورق جي وچ ۾ ٻتو خالي پنو جنهن کي بائينڊگ وقت، ان جو هڪ پاسو جلد سان چنبڙايو ويندو آهي |
| 43 | Footnote | حاشيو<br>ڪتاب جي مواد متعلق حاشيي ۾ يا صفحي جي آخر ۾ وضاحت ۽ چٽائيءَ سان لکيل مواد |
| 44 | Foreword | مهاڳ / پيش لفظ / ديباچو / مقدمو |
| 45 | Gazetteer | گزيٽيئر: سرڪاري اعلان يا انتظامي حڪمنامن جو رسالو جيڪو سرڪار پاران جاري ٿيل هجي |
| 46 | Gift Book | تحفو ڪتاب بطور سوکڙي |
| 47 | Hardware | هارڊ ويئر: ڪمپيوٽر جي پرزن يا مختلف حصن کي هارڊ ويئر چئجي ٿو |
| 48 | ISBN = International Standard Book Number | ڪتاب جي عالمي معيار جو نمبر / نئشنل لائبريري مان جاري ٿيندڙ ڪتاب جو عالمي نمبر |
| 49 | ISSN = International Standard Serial Number | رسالي / تحقيقي جرنل لاءِ عالمي معيار جو نمبر / شمارو |
| 50 | Index | ڏَسٽي<br>ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل خاص اسمن جي فهرست جيڪا ڪتاب جي مواد ۾ آيل نالن، ماڳن ۽ تاريخي واقعن کي صفحن جي نمبرن سان ڏسي يا نشامبر ڪري ـ سُجهائي (11) |

| | | |
|---|---|---|
| 51 | Inter library Reference Service | ڪتبخانن جو پاڻ ۾ اندروني طور پڙهندڙ ۽ خاص طور محققن لاءِ حوالاجاتي تعاون ڪرڻ (اهو مختلف ڪتبخانن جي انتظاميا جي رضامنديءَ سان ممڪن ٿي سگهندو آهي) |
| 52 | Interlibrary loan | ڪتبخانن جو پاڻ ۾، ڪتابي مواد جو ڏيڻ ۽ وٺڻ<br>ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ڪتبخانن جو پاڻ ۾ 'ڪتاب ۽ ٻيو لائبرري مواد' جو ڏيڻ ۽ وٺڻ |
| 53 | Knowledge of library | ڪتب خاني جي ڄاڻ يا ڪتابداريءَ جو علم<br>لائبرريءَ جي متعلق ڄاڻ يا معلومات |
| 54 | Librarianship | ڪتابدار / ڪُتبدار<br>ڪتبخانا سنڀاليندڙ طور پيشو اختيار ڪرڻ |
| 55 | Library | لائبرري: ڪتبخانو / اپياس گهر / ڪتاب گهر<br>اهڙي جاءِ جتي ڪنهن خاص ترتيب سان رکيل ڪتاب ۽ پڙهڻ جو ٻيو مواد رکيل هجي، ۽ عام و خاص ماڻهن جي لاءِ مختلف موضوعن تي ڪتاب پڙهڻ جي جاءِ يا ماڳُ |
| 56 | Library Advisory Committee | لائبرري مشاورتي ڪميٽي (لائبرري جي ترقي لاءِ قائم ڪيل ڪميٽي) |
| 57 | Manual book | هدايتن جو ڪتاب / ننڍو ڪتاب<br>هنر سکڻ لاءِ هدايتن جو ڪتاب |
| 58 | Manuscript | قلمي نسخو<br>هٿ سان لکيل ڪتاب — هٿ سان لکيل ناياب ڪتاب |
| 59 | MLISc= Master of Library and Information Science | لائبرري سائنس ۾ ماسٽر ڊگريءَ جو نالو |
| 60 | Monograph | مونوگراف: ڪنهن موضوع تي لکيل تحقيقي مضمون يا مقالو<br>- تعليمي ڊگريءَ لاءِ لکيل موضوعي تحرير |

| | | |
|---|---|---|
| 61 | Newspaper | اخبار: روزانو يا هفتيوار نڪرندڙ<br>اخبار، خبر جو جمع آهي. ڪنهن وڏي پني تي روزانو مختلف خبرون لکي ڪري يا ڇاپي پڌري ڪئي وڃي.<br>جديد دوءر ۾ ڪمپيوٽر تي انٽرنيٽ جي ذريعي پڻ اخبار آن لائن ٿئي ٿي تنهن کي اِي نيوزپيپر چئبو آهي |
| 62 | Non-Book material | غير ڪتابي مواد: جيئن رڪارڊ، ڪيسٽ، سِي ڊِي ۽ ڊِي وِي ڊِي، نقشا، فليش ڪارڊ، مائڪروفش ۽ فلم، آڊيو وڊيوز وغيره |
| 63 | Notation | نشاني، علامت |
| 64 | OPAC= On line Public Access Catalogue | آن لائن ڪتابن جي فهرست يا ڪيٽالاگ |
| 65 | Over view | مٿاڇرو جائزو، مختصر جائزو |
| 66 | P.L.A= Pakistan Library Association | پاڪستان لائبرري ايسوسيئشن<br>پاڪستان ۾ لائبررين جي تنظيم: هن جي هر صوبي ۾ هڪ شاخ قائم آهي. |
| 67 | Pamphlet | پمفليٽ: ڪجهه ڇپيل صفحا يا پنا |
| 68 | Paper | ڪاغذ: پنو يا ڪاڳر / مقالو / امتحاني پرچو |
| 69 | Paperback | سادو سستو<br>ـ عوام لاءِ سستي طباعت |
| 70 | Papyrus | پئپيرس: پني جو هڪ قسم<br>ـ پئپيريس مصر جي درياهن دجلہ ۽ فرات ۾ هڪ ٻوٽي جو نالو آهي.<br>ـ پيپريس ٻوٽي جي ڏگهن پنن کي سُڪائي ۽ ڪُٽي سنهو ڪري لکڻ لاءِ استعمال ڪبو هو. ۽ ان کي گول رول جي صورت ۾ ويڙهي رکي ڇڏبو هو. اهڙا پيپريس رول اڄ بہ برٽش لائبرري، لائبرري آف ڪانگريس ۾ موجود پيا آهن.<br>ـ پئپيريس لفظ مان ئي پيپر لفظ نڪتو آهي. جنهن جي |

| | | |
|---|---|---|
| | | معنيٰ ڪاڳر يا پنو آهي. (12) |
| 71 | Paragraph | پيراگراف: ڪنهن مضمون يا ڪتاب مان چونڊيل ٽڪرو |
| 72 | Pictograph | تصويري علامت |
| 73 | Rare Book | _ ناياب ڪتاب: جنهن ڪتاب جا ڇاپا اڻلڀ هجن يا پراڻا ڪتاب جيڪي بلڪل ختم ٿي چڪا هجن<br>_ مخطوطا جنهن جو هڪ ئي نسخو هجي ۽ ٻيا نسخا اڻلڀ هجن |
| 74 | Reader | ڪتاب پڙهندڙ يا پڙهي ٻڌائيندڙ<br>_ عدالت ۾ قانون جا ڪتاب يا ٻيو مواد پڙهي حوالا ڪڍي جج صاحب کي ٻڌائيندڙ<br>_ مائڪرو فلم جي ڪنهن بہ مضمون يا لکت کي وڏو ڪري پڙهڻ جي لائق بنائيندڙ مشن |
| 75 | Reading habits | پڙهڻ جي عادت |
| 76 | Reading room | پڙهڻ وارو ڪمرو |
| 77 | Review | نظرثاني، جائزو |
| 78 | Rough paper | عارضي طور لکڻ لاءِ استعمال جو پنو |
| 79 | School | اسڪول: مڪتب / درسگاهہ |
| 80 | Script | مسودو يا لکت<br>ـ هٿ جو لکيل يا ٽائپ ٿيل پنن جو دستو<br>ـ هٿ سان لکيل پراڻو مواد |
| 81 | Seminar library | تعليمي اداري ۾ موضوعي ڪتبخانو<br>ـ يونيورسٽيءَ جي ڪنهن ڊپارٽمينٽ ۾ يا ڪنهن تعليم جي اداري ۾ ڪنهن هڪ مضمون متعلق گڏ ڪيل ڪتاب جيڪي هڪ وڏي ڪمري ۾ لائبرريءَ جي اصولن مطابق مرتب ٿيل هجن |
| 82 | Stone tablet | ڪتبو<br>ـ قبر يا ڪنهن خاص جاءِ تي لکيل مواد ـ مٽي يا پٿر تي لکيل عبارت |

| | | |
|---|---|---|
| 83 | Tablet | ڦرهِي / سليٽ / مٽيءَ جي تختي / ٻٽِي ڪاٺ جي مٽيءَ جي پڪل تختي جنهن تي ڪجهه لکيل يا لکجي هجي |
| 84 | Terminology | اصطلاح : اصطلاحن جو اڀياس<br>- ڪنهن خاص علم، ڪم يا شعبي جي ڪاروهنوار ۾ استعمال ٿيندڙ خاص لفظ<br>- مختلف شعبن يا ڌنڌن لاءِ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ جا خاص لفظ |
| 85 | Thesis | مقالو: تسلسل سان لکيل هڪ خاص عنوان تي طويل تحقيقي مضمون<br>- اعليٰ تعليمي ڊگريءَ لاءِ لکيل مقالو |
| 86 | Writ | حڪم نامو - تحريري هدايت<br>ڪورٽ جو حڪم نامو |
| 87 | Writable | لکڻ لائق ، تحرير ڪرڻ جوڳو<br>_ لکڻ جي لاءِ مناسب |
| 88 | Write | تحرير يا اکرن جهڙا چِٽَ ٺاهيندڙ |
| 89 | Write off | ڪڍي ڇڏڻ |
| 90 | Write out | مڪمل لکڻ / تفصيل سان لکي ڇڏڻ |
| 91 | Writer | ليکڪ ، مصنف<br>ڪتاب يا مقالا لکڻ وارو |
| 92 | Write up | ليک، تحرير ڪيل، لکت کي ڇپرائي پڌرو ڪرڻ |
| 93 | Writing | تحرير، لکڻي |
| 94 | Written | لکيل، لکت ۾ آيل - لکي ڇڏڻ |

’عِلم ڪُتب‘ خانا سان لاڳاپيل لفظن ۽ اصطلاحن جون ڏنل معنائون ۽ مفهوم، آڪسفورڊ ڊڪشنري، ڊڪشنري آف لائبرري سائنس، ڊڪشنري آف سائنس اينڊ ٽيڪنيڪل ٽرمس، جامع سنڌي لغات جلد 1 کان 5 ۽ ڪشاف اصطلاحات ڪتب خانه ۾ ٻين اهم لاڳاپيل ڪتابن/لغتن کي سامهون رکي مدد ورتي ويئي آهي. هيٺ حوالاجاتي فهرست ۾ ترتيب سان تفصيل ڏنل آهي.

**نتيجو:**

موجوده جديد دور ۾ فقط سائنسي انداز سان تعليم ۽ ڄاڻ جا ذريعا پيدا ڪري، ڪنهن بہ ملڪ، قوم کي تعليمي توڙي معاشي طور ترقي ڏياري سگهجي ٿي. اها اٽل حقيقت آهي تہ انسان پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ ئي وڌيڪ آسانيءَ سان سوچي، سمجهي ۽ اظهار ڪري سگهندو آهي. جنهن لاءِ اُن وٽ پنهنجي ٻوليءَ جي لفظن، اصطلاحن ۽ محاورن جو چڱو خاصو ذخيرو لازمي هجڻ گهرجي، ۽ اهو لفظن جو ڀنڊار ئي مختلف علمن جون لغتون جوڙڻ جو ذريعو ٿي سگهي ٿو. خاص طور مختلف علمن جي ماهرن لاءِ تہ انتهائي ضروري آهي تہ اُهي پنهنجي مهارت واري موضوع جي چڱيءَ طرح پروڙ ڪري، نئين نسل جي رهنمائي لاءِ نوان ڪتاب ۽ لغتون تيار ڪن. سنڌيءَ ۾ ٻين موضوعاتي لغتن سان گڏ 'علم ڪتب خانہ' جي موضوع تي لغت پڻ تيار ٿيڻ گهرجي.

## حوالا:


1. ٻرڙو رياضت: لغت، ڪوش، لغت نامہ، فرهنگ ۽ قاموس اصطلاحن جو تقابلي جائزو، مقالو: سنڌي ٻولي؛ تحقيقي جرنل. حيدرآباد، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي. جون 2019ع، ص 23_22.
2. Sayed, Amina, 'Oxford English Sindhi Dictionary', Karachi, 2010. p vii
3. بلوچ، نبي بخش، 'سنڌي لغات'، جلد 1، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1960ع. مهاڳ، ص الف
4. Chopra, RN, 'Dictionary of Library Science', Anmol Publication, New Delhi, 1992.
5. Sayed, Amina, 'Oxford English Sindhi Dictionary', Karachi, 1995.
6. Kazi, M. A. Dr, 'Dictionary of Scientific and Technical Terms', English to Sindhi.
7. بلوچ، نبي بخش، 'سنڌي لغات'، جلد 1 کان 5، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1998ع.
8. محمودالحسن، زمرد محمود، 'ڪشاف اصطلاحاتِ ڪتبخانہ' (اردو)، مقتدره قومي زبان، اسلام آباد، 1985ع.
9. Dad, Haji, 'A Guide to Library & Information Science', Poorab Academy Publisher, Lahore, 2006. p 08
10. Kumar, Krishan, 'An Introduction to AACR2', Vikas Publishing House Pvt Ltd, New Delhi. 1986. p.09
11. همايوني، نياز حسين، حڪيم، 'سنڌ جي طبي تاريخ'، ص 476، ڀاڱو 1، سنڌ سائنس سوسائٽي، ڄامشورو 1976ع.
12. ڀٽي، دوست محمد، 'پئپيرس کان پيپربيڪ تائين'، ص 17-20، گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد، 1992ع.
13. بلوچ، نبي بخش، 'سنڌي لغات'، جلد 1، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1998ع.

ڊاڪٽر نواب ڪاڪا

# جديديت پڇاڙان جو سنڌي ڪهاڻيڪار: هيرو شيوڪاڻي
**Hero Shevkani Sindhi postmodern short story writer** (1935-2021)

***Abstract:***

*Post modernism is the name of change on world level. In this era humens has lost all human values on the name of so called development. So that truth has lost its meaning and value, everyone has its own truth of his own benefits. Everything has been commercialized and rest of it is going to be. In every aspect of life such events take place which are without truth and moral values. Hero Shevkani was great critic story writer and researcher. Literally he has seen postmodernism through the eye of story writer and critic. He also has expressed this through his critic writings. Specially he has expressed this in his stories, in society such changes has been seen and societies are much seen effected. The situation in India on the name of dense population has deeply effected it, Hero Shevkani through his stories he has mentioned such changes. "Karan Ji Talash" (ڪارڻ جي تلاش) is his collection of postmodern stories, it is complete story collection written on postmodernism in Sindhi literature, in this research his such stories are carefully studied. Such great writer researcher critic died in 2021 and he will be remembered through his work done on postmodern stories and research.*

**جديديت پڇاڙان** (Post Modernism) **عالمي سطح تي تبديل ٿيندڙ وهنوار مان ظاهر ٿيندڙ اهڙن لقائن، حالتن ۽ واقعن کي چيو ويجي ٿو جن ۾ نہ ڪي قدر آهن، نہ مرڪزي نڪتو، نہ ئي ان ۾ سچ جي آفاقيت آهي. جديديت، انسان جي ارتقائي ترقيءَ ۾ ان کي پنهنجي عقل فهم، ادراڪ ۽ جدوجهد ذريعي گهرجن کي آسانيءَ سان پورو ڪرڻ، مستقبل جي خطرن کي منهن ڏيڻ جي واٽ ڏَسي نيٺ اوج تي پهچايو. بعد جديديت ان جي برعڪس، گُهرجن کي وڏائي، مستقبل جي خطرن ۾ اضافو ڪري، خوف، لالچ ۽ حرص کي وڏائي مَتيون مُنجهائي ڇڏيون. خاص طور ٻنهي عالمي جنگين جي تباهيءَ کان پوءِ بعد جديديت جي مفڪرن ڪجهہ اهڙا سوال اٿاريا تہ اهڙي انساني ترقي تباهيءَ جو سبب بڻجي ٿي.**

> **"مابعد جديديت صورتحال ۾ اڄ جو انسان ٻن غير انساني قوتن جي وچ ۾ ڦاسي پيو آهي، هڪ سرمائيداري ٻيو ٽيڪنالاجي، اهي ٻيئي قوتون**

انسان مان هر اُهو جوهر (Value) کوري ڪڍڻ چاهين ٿيون، جيڪو انهن لاءِ مادي طور مفيد نہ هجي.“[1]

انهن قوتن وٽ ميڊيا ذريعي تيار ڪيل پنهنجي مارڪيٽ هڪ وڏو هٿيار آهي، جنهن ۾ سڄي دنيا سوگهي ٿيندي پيئي وڃي. ميشل فوڪو دريدا ۽ ٻين مفڪرن ’جديديت پڄاڻان‘ جي مختلف رخن ڪي بهتر نموني بيان ڪيو آهي.

جديد سنڌي ڪهاڻي حقيقت نگاريءَ، سماجي حقيقت نگاريءَ، ترقي پسند فڪر، مزاحمت، قوم پرستيءَ، وجوديت ۽ ٻين فڪري تحريڪن ۾ لاڙن جي اثر هيٺ رهي آهي. ايتري تائين جو تصوف يا صوفي ازم جي فڪر جو بہ سنڌي ڪهاڻيءَ تي اثر آهي ان جا وڏا مثال امرلعل جي ڪهاڻي: ’ادو عبدالرحمان‘، ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي ’محمد رام‘، اياز قادريءَ جي ڪهاڻي ’مان انسان آهيان‘ موجود آهن. ساڳيءَ طرح هن بدلجندڙ صورتحال ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ تي ’جديديت پڄاڻان‘ صورتحال جا بہ اثر آهن. ان جو وڏو مثال سنڌي ادب جي مشهور نقاد، محقق ۽ ڪهاڻيڪار هيري شيوڪاڻيءَ جون ڪهاڻيون بہ آهن.

هيرو شيوڪاڻي 6 جنوري 1935ع تي چوهڙ جمالي ضلعي ٺٽي ۾ ڄائو ۽ 30 جون 2021ع تي هندستان ۾ گذاري ويو. سندس ڪهاڻين جي اپياس کان پهرين سندس علمي پورهيي جو مختصر وچور ڏجي ٿو: (1) ’زندگي ۽ ڪئڪٽس‘ (ڪهاڻيون 1975ع)، هي مجموعو طارق اشرف، سنڌ مان 1981ع ۾ شايع ڪرايو (2) ’جدت جو مفهوم ۽ سنڌي ڪهاڻي‘ (تنقيد 1975ع)، (3) ’جائزو‘ (1981ع، تنقيد)، (4) ’نقط نظر‘ (تنقيد 1992ع)، (5) ’لوڪ لهوارو وهي، تون اوچو رهہ اوپار‘ (تنقيد، 2003ع)، (6) ’سرجڻ جو سنڪٽ ۽ سنڌي ڪهاڻي‘ (تنقيد 2004ع)، (7) ’سنڌي ناول ڪنگهري ۾‘ (2007ع تنقيد)، (8) ’ڪارڻ جي تلاش‘ (ڪهاڻيون 2008ع)، (9) ’ادب جا معيار ۽ سنڌي ادب‘ (تنقيد 2013ع). انهن کان علاوه لعل سنگهہ اجواڻي جي انگريزي ڪتاب ’هسٽري آف سنڌي لٽريچر‘ جو سنڌيءَ ۾ سنڌي ادب جي تاريخ نالي سان ترجمو ڪيائين، جيڪو 1994ع ۾ ڀارت ۾ ڇپيو ۽ سال 2007ع ۾ سنڌ ۾ شايع ٿيو. آر-ڪي تلريجا ڪاليج ۾ پرفيسر، سنڌي شعبي جو هيڊ ۽ پرنسپال جي عهدن تي رهي ڀارت جي سنڌين جي ڀرپور تعليمي خدمت ڪيائين.

سندس ڪهاڻين جا بہ مجموعا شايع ٿيا (1) ’زندگي ۽ ڪئڪٽس‘ ۽ (2) ’ڪارڻ جي تلاش‘. جيئن تہ هيرو شيوڪاڻي ادب جو بهترين نقاد هو فن ۽ فڪر جي مختلف رخن تي لکيل سندس تنقيدي مقالا ۽ مضمون سندس گهري مطالعي، ڄاڻ ۽

دانشمنديءَ جا ثبوت آهن. اهڙي ڏاهپ، تيز مشاهدي ۽ نقاد واري سوچ جو رنگ سندس ڪهاڻين ۾ چٽو نظر اچي ٿو. سندس ڪهاڻين بابت مينا گوپ جي راءِ وزندار آهي لکي ٿي تہ:

”هن ليکڪ ڪي ڪهاڻيون زلزلا نما لکيون آهن، زلزلا بہ اچي هليا ويندا آهن، پر شيوڪاڻيءَ جون ڪهاڻيون، نائڪ ۽ ڪَل نائڪ ۽ نائڪائون ذهن ۾ داہو ڪوري ويهي رهندا آهن.“[2]

سندس پهرئين مجموعي مان ڪهاڻي ’زندگي ۽ ڪئڪٽس‘ گهڻو مشهور ٿي، جنهن ۾ زندگيءَ کي ڪئڪٽس جي ٻوٽي سان ڀيٽ ڏني اٿس، گلاب ۽ گلابن جهڙا ماڻهو جلدي مرجهائجي وڃن ٿا، پر ڪئڪٽس جو ٻوٽو نرجو آهي، بغير پاڻيءَ ۽ سنڀار جي ٻي ٻولو ٿي وڌندو ٿو وڃي. هن مجموعي ۾ هيري جو جديد فڪر ۽ فهم واضح آهي.

سندس ٻئي مجموعي ’ڪارڻ جي تلاش‘ ۾ موجود ڪهاڻيون جديديت پڄاڻان جي صورتحال ۽ لقائن کي پيش ڪن ٿيون، ان صورتحال کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ سندس مجموعي جو مختصر ۽ جامع اڀياس هيٺ ڏجي ٿو. هن مجموعي جا پيش لفظ ’ڪهاڻيءَ ۾ زندگيءَ جي ڳولا بنام زندگيءَ ۾ ڪهاڻيءَ جي تلاش‘ عنوان تحت پاڻ لکيو اٿس. روايتي موضوعن ۽ مفروضن جي ڇنڊڇاڻ ڪري ٿو. هو ڪهاڻيءَ لاءِ اسلوب، ٻولي ۽ انفراديت وارين خوبين کان اڳتي ۽ الڳ سوچي ٿو. هو لکي ٿو:

”فرسٽريشن ۾ ڪي اهڙيون بہ ڏٻيل آواز ۾ دعوائون سامهون آيون تہ ساهتيہ ۾ حقيقت شناسيءَ جهڙو معجزو ٿيندو ئي ڪونهي، ان جي عيوض اهم ڳالهہ فقط اها آهي تہ اظهار جو پنهنجو پنهنجو منفرد طريقو ئي سڀ ڪجهہ آهي. مواد جي اسم هيٺ جيون جي تلاش ڇئو يا گهڙت ڪلپنا جي اڏام يا تخيل جي تنوار ڇئو، بيروني يا باطني نام نهاد سچايون سڀ ڪچو مال آهن، ادب يا ساهتيہ بس شبد جي ڪلا آهي جنهن وٽ اهو جادو آهي سرجن ڪار اهو ئي آهي.“[3]

هيري انهن گهڙيل ۽ ٺئي ٺيل معيارن کان نہ فقط اڳتي نڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي، پر هو ڪهاڻيءَ لاءِ زندگيءَ لاءِ نوان موضوع ۽ خيال بہ ڪٺي آيو آهي. مهاڳ ۾ فن فڪر، حيقتن ۽ سچاين ڏانهن ايماندارانو رويو رکڻ کي لازمي سمجهندي

انهن اعليٰ قدرن جي ڳالهه ڪري ٿو جيڪي جديديت پڄاڻان جي لقائن ۾ گم ٿي ويا آهن. اها تڙپ ڪٿي ليکڪ هنن ڪهاڻين طرف وڌيو آهي.

هن مجموعي جي پهرين ڪهاڻي ڪتاب جي نالي واري ’ڪارڻ جي تلاش‘ ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ زال ۽ مڙس جي تعلق، انهن جي سماجي ۽ اخلاقي معيارن ۽ قدرن جي برعڪس گذرندڙ زندگيءَ جو عڪس پيش ڪيو آهي. شاديءَ بعد ڪجهه ئي ڏينهن بعد هڪٻئي کان جدا ٿي ويا. ٻئي آزاد، هڪ ٻئي کان پري رهندڙ سالن پڄاڻان ڪٿي ڪنهن پروگرام ۾ ملن ٿا. اهڙي غير روايتي تعلق ۽ دوريءَ باوجود ڪين ٻه ٻار به پيدا ٿين ٿا. حيرت آهي جو ٻار به مطمئن ۽ خوش آهن. ڪين پرواهه ناهي ته ڪو پيءُ ماءُ گڏ هڪ گهر ۾ هجن، سماج ڇا ٿو سوچي ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ڪري ان جي ڪين پرواهه ناهي. ڪهاڻيڪار انهن جي اهڙي زندگيءَ جي ڪارڻ جي تلاش ڪري ٿو. مڙس، زال، ٻنهي ٻارن کان الڳ الڳ پڇا ڪري ٿو ايتري تائين جو زال جي پيءُ وٽ به ڪارڻ جي ڳولا ۾ وڃي جيڪو ڪيس ست سريون ٻڌائي پڇائي ڪڍي ٿو. ٻار ٻئي خوش ۽ مطمئن آهن. الٽو ڪين سماجي قدرن مطابق گڏجي زندگي گذارڻ لاءِ چوندڙ ۽ سندن دوري يا اهڙي ڇڙواڳ زندگي جي ڪارڻ جي ڳولا ڪندڙ تي حيران ٿيندي ناراض ٿين ٿا. ڪهاڻيڪار جڏهن سوٽ جي زال تيجيءَ سان ان باري ۾ ڳالهايو ته ڪيس هي جواب ڏنو پيو:

> ”غلط ته مون کي اوهان جو هي زمانو ٿو لڳي. ڳالهه ۾ ليي ڪجهه به ڪين. اجايا پيو مطلب ڪڍي. اسين سڀ مزي ۾ آهيون. سوٿهين سدائين پيو چنتجي ڏکجي گهمي، تو کي لڳي ٿو ته ڇا ڪو دکي آهي؟ مان به ٺيڪ پئي هلان چلان. سدا جيئي سريش، ڪمائي پيو ۽ ريکا جهڙي ڌيءُ جي مائٽيءَ جي به مون کي چنتا ڪرڻي پوندي ڇا؟“(4)

هي ٻيئي زال مڙس ڪڏهن ڪٿي ڪو هوٽل ۾ ڪمرو بڪ ڪرائي پاڻ ۾ رات گذارين ٿا، نه ته سالن تائين هڪٻئي کان پري، ٻار پڙهي لکي وڏا ٿي روزگار سان به لڳي ويا. اهڙي زندگيءَ جو ڪارڻ اخلاقي ۽ سماجي قدرن ۽ معيارن جو ختم ٿيڻ ئي آهي. ٻيو ڪوبه ڪارڻ ڪوجنا جي باوجود نه مليو. نه پاڻ ۾ جهيڙو نه معاشي مسئلو نه ئي ٻي ڪا ڪمي. بعد جديديت سماج ۾ رونما ٿيندڙ لقائن ۽ صورتحال مان هڪ هي به سماج جي صورت آهي، جنهن کي ليکڪ هن ڪهاڻيءَ ذريعي پيش ڪيو آهي.

سندس ٻي ڪهاڻي ’اسپاويڪ‘ نالي سان آهي. نالي مان ئي ڪهاڻيءَ غير روايتي هئڻ وارو موضوع ظاهر ٿئي ٿو. هن ۾ يامني نالي سان نوجوان من موهيندڙ غير

روايتي عورت جو ڪردار آهي. جيڪو هلندڙ دور جي سچائيءَ کي ءِ بعد جديديت ختم ٿي ويل قدرن کي ظاهر ڪري ٿو. ٻئي طرف ڪهاڻيءَ ۾ ايڊووڪيٽ ڀاڳيا نالي سان سلجهيل، اعليٰ قدرن جي پاسداري ڪندڙ ڪردار آهي. ڀامني جو غير معمولي ڪردار ڪيس متاثر ڪري ٿو. وڪيل ڪيس غلط راهه تي هلڻ کان روڪي ٿو. ڪنهن اسڪول ۾ ڪيس گذران لاءِ وقتي ملازمت به وٺي ڏئي ٿو. پر پوءِ به هوءَ نٽي رهي. ڀاڳيا جڏهن هن تي وڏيڪ زور ڀريو ته ڪيس چوي ٿي:

> ”اسڪول وارا به هزارڙيون ڏين ٿا. مٿان وري هو عمر ڪاٽل ڇٻي منهن وارو هيڊ ماستر سڄو ڏينهن بڪايل نظرن سان مون کي ڀيو ريپ ڪندو آهي. ته هوٽيل ۾ جيڪو ٿيو اهو ڇا آهي؟، اهو ريپ ناهي، منهنجي مرضي شامل هئي ان ۾. مون وٽ جسم جي پونجي آهي انويسٽ ڪرڻ لاءِ.“(5)

ائين ڀامني پنهنجي پرڪشش ۽ سڊول جسم جي سيڙپ ڪندي سياست ۾ اچي ٿي. ايڊووڪيٽ ڀاڳيا ڪيس جڏهن سياستدانن وٽ استعمال ٿيڻ ۽ خطرناڪ واٽ تي هلڻ کان روڪيو تڏهن هن جيڪو جواب ڏنو اهو اڄ جي دور جو وڏو سچ ۽ بعد جديديت جي هڪ ڀيانڪ صورتحال آهي. ڪيس چوي ٿي:

> ”ڪجهه به خطرناڪ ناهي سر، اڄ جي پاليٽيڪس ۾ جنهن وٽ جيڪو ڪجهه آهي انويسٽ ڪري مٿي چڙهڻ ٿو چاهي، مورجاڻي وٽ هاءِ ڪنيڪشن جي دلالي آهي. ديال دادا وٽ مسل پاور آهي، واپارين وٽ پئسو ۽ مون وٽ هيءَ جواني.“(6)

جديديت پڄاڻان ڪمرشلائيزيشن ايتري وڌيڪ آهي، جو جسم ۽ تعلقاتن جي سيڙپ ٿئي ٿي. ڀامني جسم سياستدانن جي حوالي ڪري انهن سان تعلقات جوڙي سياست ۾ اچي ڀرين سٽيزن ميئر چونڊجي وڃي ٿي. آخر ايڊووڪيٽ ڀاڳيا کي به ڪنهن وڏي پراجيڪٽ ۾ پاڻ سان شامل ٿيڻ لاءِ قائل ڪري وٺي ٿي. هي اڄ جا ڪردار آهن، جيڪي سڄي دنيا ۾ ساڳئي روپ ۾ موجود آهن. انهن تي لکڻ جي سگهه هيري ۾ موجود هئي. ’سيٺ باشي مل جو باٿ روم‘ ڪهاڻي جديديت پڄاڻان سرمائيدار جي ذهنيت، سندس عياشين ۽ هر شيءِ کي خريد ڪرڻ واري حرص کي ظاهر ڪري ٿي. وڏيون هر سهولت سان آراسته ڪشاديون گاڏيون. ڏهن ايڪڙن تي مشتمل فارم هائوس، سرمائيدار شاگرد جو استاد جي بيڊروم کان وڌيڪ ڪشادو باٿ روم، ان ۾ لڳل اعليٰ قسم جي ٽائل، وڏو ٻيڙيءَ نما ٽب، شيڊ وارا ننڍا ٽيوب، طرح طرح

جا صابڻ، پرفيوم جون شيشون، ڊيورنٽ جا ڏگها دٻا، اسٽيل جي گول ڪڙن ۾ ترڪش ٽوال ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه باٿ روم ۾ موجود. اهڙي باٿ روم ۾ داخل ٿيندي بلوءَ جي استاد پرفيسر جي ضروري حاجت جو خيال ئي ختم ٿي ويو. باٿ روم جو منظر بيان ڪندي لکي ٿو:

”مون ڪنڌ ڦيري چو طرف نهاريو . اوهه! هي باٿ روم، منهنجي بيڊروم کان لڳ ڀڳ ڏيڍوڻو وڏو! منهنجي سيني حواسن تي غالب پوڻ شروع ٿيو. سامهون ديوار سان لڳو لڳ ڀيڙيءَ نما شاهي سفيد ٽب،هڪ پاسي ٽنگيل هينڊ شاورس سان پنهنجي اونهي خاليپڻي سان مون ۾ هڪ خوف پيدا ڪري ويو.“(7)

بلو جيڪو پاڻ کي بل ڪلنٽن نہ پر بل گيٽس سمجهي ٿو اهوئي سندس رول ماڊل آهي، پنهنجي اهڙي پروفيسر کي شاهي ڪار ۾ چاڙهي، هن هيڏي وڏي فارم هائوس تي وٺي آيو ۽ پنهنجي سرمايي ۽ عيش عشرت سان ڀرپور زندگيءَ جو اثر ويهاري ڪجهه ڏوڪڙ ڏئي ڪنهن شاگرد ڏانهن سفارشي چٺي لکرائڻ ٿو چاهي، تہ جيئن گهربل زمين کين ملي تہ جيئن ٻيو وڏو پلازا تعمير ڪري سگهن. اهو پروفيسر جنهن ڪاليج ۾ بلو جي گهٽ نمبرن سبب داخلا نہ ڪئي ۽ سندس پيءُ کي آفيس مان ئي گارڊ ۽ پٽيوالي هٿان ٻاهر ڪڍائي ڇڏيو هو. پر داخلا جي لاءِ سفارشي چٺي وٺي انتظاميہ تي زور زبردستي وجهي داخلا ڪرائي ويو هو. اڄ هو وڏا سرمائيڪار آهن. سندن زمين کان ڪٽيل اپ سان اٽڪيل اپارٽمينٽ ۽ ٻيا ڪاروبار آهن. جن کي اڃا بہ وڌائڻ جو کين فڪر آهي. هيري شيوڪاڻي هڪ آدرشي پروفيسر جي ڪردار جي هن صورتحال ۾ پوڳنا کي پيش ڪيو آهي. قدرن جو پاسدار، اصول پرست ان مطابق رهڻي ڪهڻي رکندڙ بعد جديديت پڄاڻان جي هن صورتحال ۾ وڏيڪ اذيت مان گذري ٿو. ’هڪڙو ماستر‘ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ شادي شده استاد ۽ خوبصورت شاگرداڻيءَ جي وچ ۾ محبت جي ڳالهه آهي. استاد سماج ۾ اڳتي وڌڻ، ترقي ڪرڻ جي چڪر ۾ ڪيس وساري ڇڏي ٿو پر هوءَ کيس نٿي وساري آخر تائين ياد رکي ٿي. ڪهاڻيءَ ذريعي اهو واضح ٿئي ٿو تہ استاد ۽ شاگرداڻيءَ وارو تعلق جديديت پڄاڻان اهو اڳوڻو ناهي رهيو. سندن وچ ۾ هن طرح گفتگو ٿئي ٿي:

”ٻڌ پونم! مان پرڻيل آهيان، ٻن ٻارن جو پيءُ آهيان. ڪجهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪر... نڪو مان بس سموري توهان جي آهيان، سر... ڇوري ڇري آهين مون کي بہ رڻ ۾ رولينديئين. پاڻ بہ دکي ٿيندينءَ... نڪو ڪجهه نہ

ٿيندو مان بہ آنٽي سان گڏ اچي رهندس. ٻئي گڏجي توهان کي اهڙو سکي
ڪنديون سين، اهڙو سکي ڪنديون سين، دنيا ڏسي دنگ رهجي ويندي“[8]

ڪهاڻيڪار سندن محبت جي رنگ کي وڌيڪ چٽيو آهي. ’شرير ڏرم‘ ڪهاڻيءَ ۾ نوجوان ناري جنهن کي ’انڪل‘ چئي سڏيندي هئي ۽ هو بہ ڪيس ڇوڪري چئي سڏيندو هو. سندن وچ ۾ عمر جي بہ وڏي وڇوٽي موجود آهي. پوءِ بہ هڪٻئي جي اندر جي شرارت کي محسوس ڪندي ويجها ٿين ٿا. ڇوڪري اُن کي جنسي لذت وٺائي آخر ۾ ’انڪل‘ چئي موڪلائي ٿي. جديديت پڇاڻان ميڊيا فحاشيءَ کي ايترو وڌايو آهي جو اهو رشتن وارو اڳوڻو تقدس رهيو ناهي. هاڻي تہ هڪٻئي کي ادا ادي چوندڙ ۽ پيءُ ڌيءُ جي رشتن ۾ بہ اهو اڳوڻو پرم ناهي رهيو.

’ڦٽ وارو ٻائو‘ ڪهاڻيءَ جو موضوع، فڪر ۽ ڪردار امرجليل جي ڪهاڻي ’اروڙ جو مست‘ وارو ساڳيو آهي. ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار حڪو قتل ڪرڻ بعد روپوش ٿي، هڪ آشرم ۾ پناهہ وٺي ٿو. جتي اڳتي هلي وڏو پهتل ساڌو سنت ٿي پنهنجي ڦٽ مان وهندڙ روڳ جي ذريعي ماڻهن جو علاج ڪري ٿو. ڏهن ايڪڙن ۾ وڏو خوبصورت فارم هائوس جهڙو آشرم ڪولي ان ۾ اهو ڏنڊو ڪري ڪري ٿو. ماڻهن جي هر وقت وڏي رش لڳل رهي ٿي. ’باڊي لئنگويج‘ ڪهاڻيءَ ۾ صبح جو واڪ ڪندڙ اتي واڪ لاءِ ايندڙن جي جسماني ڏيک ويک مان مختلف اندازا لڳائي ٿو. خوبصورت نوجوان عورت جي جسم مان لطف اندوز ٿئي ٿو. ’پورٽريٽ هڪ پيءُ جو‘ ڪهاڻيءَ ۾سماج ۾ مرتيي تي مقرر ٿيل رسمن کي هر حال ۾ پورو ڪرڻ، بلڪ انهن کي چڱي طرح ملهائڻ واري موضوع تي لکيل آهي. جيئري پلي رشتن کان نفرت ڪجي، ماءُ پيءُ کي پلي گهران ڪڍي دربدر ڪري ڇڏجي ان جو خير آهي، پر مرتيي کي خوب ملهائجي. اهڙا ئي منظر هن ڪهاڻيءَ ۾ موجود آهن. ويجهي عزيز جي فوتگيءَ تي غم کي ظاهر ڪرڻ لاءِ مٿو ڪوڙائڻ واري رسم جو پورائو نہ ڪندڙ ڪردار کان سڀ نفرت ڪن ٿا. پر جنهن مائٽن کي جيئري تڙپايو گهران ڪڍي ڇڏيو ۽ مئي کان پوءِ مٿو ڪوڙايو ۽ پيا خرچ ڪري فوتگي کي ملهايو ان جي هرهڪ تعريف پيو ڪري. هيءَ بہ جديديت جي هڪ خوفناڪ صورت آهي. جنهن ۾ ويجها رشتا جيئري عذاب ڏين ۽ موت کي وڏي ڌام ڌوم سان ملهائي واهہ واهہ ڪرايو ڇڏين. هن مجموعي جي آخري ڪهاڻي ’آتم هتيا‘ هيٺين ملازم طبقي جي اڳيان وڌڻ وڌيڪ پئسو ڪمائڻ ۽ مسئلن جي حل لاءِ باس وٽ پنهنجي زال کي موڪليندڙ ڪردار آهي. ائين ڪرڻ سان

”نہ رڳو ايترو بلڪ مالتيءَ جي پتيءَ جي سخت جاکوڙ رسوخ سان ڪشن (مالتيءَ جو پاءُ) کي امپورٽ لئسن بہ ملي ويو. ڇا ٿيو ان لاءِ مالتي هڪ بہ دفعو پتيءَ جي باس وٽ پاڻ شام جي وقت سوکڙيون کڻي وئي. ها، ها، هن جي گهر کڻي ويئي. کهڙي ڳالھہ آهي، هر ڪامياب ماڻهو ائين ڪري ٿو.ڪاميابيءَ کان اڳ بہ ڪري ٿو ڪاميابيءَ کان پوءِ بہ ڪري ٿو.“[9]

هن ڪهاڻي ۾ بعد جديديت ڪردار، عزت، غيرت ۽ قدرن کي وساري سماج ۾ پنهنجي حيثت اسٽيٽس کي وڏيڪ اهميت ڏين ٿا. جيئن ڊاڪٽر غفور ميمڻ لکي ٿو:

”مابعد جديديت جي دور ۾ شهر ۽ شهري آبادي پهراڙيءَ کان وڌي ويندي آهي. نتيجي طور ڪلچر جو ۽ قدرن جو خاتمو ٿي ويندو آهي. اتي صرف صارفين جو ڪلچر هوندو آهي. شهر جي سڄي سرگرمي معاشي ۽ واپاري هوندي آهي. اتي رهڻ وارا آهستي آهستي ان ماحول ۽ معاشي نعرن ۾ گم ٿي ويندا آهن. هنن جو وجود ڪجھ بہ نہ هوندو آهي، هو صرف مارڪيٽ جو عڪس هوندا آهن. مارڪيٽ ئي هنن جي رهڻ سهڻ جو ڍنگ طئي ڪندي آهي. مابعد جديديت ۾ دنيا مادي حصول جي پويان ديواني هوندي آهي.“[10]

اهڙي صورتحال کي ظاهر ڪندڙ ’آتم هتيا‘ ۽ ’اسپاويڪ‘ ڪهاڻيون آهن. ڪاروباري سماج ۾ جيڪي بہ جنهن وٽ آهي، هو ان جي سيڙپ ڪري ناڻو ڪمائڻ چاهي ٿو. هن مجموعي ۾ هيري شيوڪاڻيءَ جون ڪهاڻيون، ڪارڻ جي تلاش، اسپاويڪ، سيٺ باشي مل جو باٿ روم ڪهاڻيون، جديديت پڄاڻان صورتحال جو وڏو مثال آهن. باقي ڪهاڻين ۾ بہ ان صورتحال جي جهلڪ موجود آهي. هيري شيوڪاڻي ادبي ۽ سماجي نقاد جي حيثيت ۾ سماج جي بدليل صورتحال جو جائزو ورتو آهي. ڪهاڻيون ختم ٿي ويل اعليٰ قدرن سبب سماج ۾ رونما ٿيندڙ واقعن جي خلاف سخت احتجاج بہ آهن.

## حوالا:


1. لغاري، اڪبر، ’ادبي تنقيد جي تاريخ‘، ماءِ پبليڪيشن، 2016ع، ص 147.
2. روپچنداڻي،ميناگوپ، ’هند سنڌ جون عظيم شخصيتون‘ (انٽر نيشنل سنڌي سيمينار جا مقالا، سهيڙيندڙ ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي) روي روشن پبليڪيشن، ٺاڻا ايسٽ انڊيا، 2017ع، ص 13.

3. شيوڪاڻي، هيرو، ’ڪارڻ جي تلاش‘، (مهاڳ).سنڌي ساهت مالا پاران 105، نيو پرنس مارڪيٽ، فرنيچر بزار، الهاس نگر 421003، انڊيا 2008ع
4. ساڳيو ص 10.
5. ساڳيو ص 14.
6. ساڳيو ص 16.
7. ساڳيو ص 30.
8. ساڳيو ص 34.
9. ساڳيو ص 84.
10. ميمڻ، ڊاڪٽر، عبدالغفور،’جديديت پڄاڻان‘، سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي. 2016ع.

ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري

# ادب ۾ علم الحڪايت/ علم البيان(Narratology) جو فن

## Narratology in literature

***Abstract:***

*Discourse structure is woven by many ways in order to carry the burden of message. There are some elements which are responsible for specific functions in a text. Narratology is one of them. Narratology consists of elements like narrative, narrator, narrate and the carrier. These elements make a story as a construction of human understanding as a reader and an audience with varying roles and degrees. This research paper is structure in order to analyse the basic concepts of narratology as a science of narrative fiction. In this research paper I have discussed some narratlogists with their basic tenants in details so that the basic structure could be understood. It can help us to understand the structure of story and storytelling art.*

ادب جي دنيا ۾ ڪنهن قصي، ڪهاڻي، افساني يا حڪايت کي بيان ڪرڻ جي طريقہ ڪار کي نئراٽالوجي Narratology يا بيان ڪندڙ جو انداز علم البيان/ علم الحڪايت چئبو آهي. هي طريقو شعوري طور يا غير شعوري سمورن ليکڪن، ڳالهائيندڙن، ڳائيندڙن، قصہ گوءِ پڙهندڙن توڙي ٻڌندڙن وٽ ضرور هوندو آهي. هي بنيادي طرح قصہ گوئي جو هڪ انداز آهي. نئراٽالوجي جو تعلق لسانيات توڙي ادب سان هڪجهڙو آهي. اهو تمام مشڪل آهي تہ هن کي فقط لسانيات جي شاخ ڪوٺجي يا هن کي صرف ادب جي شعبي جي حوالي ڪري ڇڏجي. ڇو تہ اهو علم يا ٽيڪنيڪ ادب ۽ لسانيات ٻنهي جي سرحد تي هڪجيترو حصو والاري ٿو. ڪنهن بہ صورت ۾، ادب يا لسانيات جي لحاظ کان، ٻنهيءَ ۾ سندس عملي تجزيي جو طريقہ ڪار سائنسي آهي. ٻنهي شاخن ۾ هيءُ علم پنهنجي الڳ سڃاڻپ ۽ مقام رکي ٿو. پيٽر بيري 1990 (Barry 1990) انهيءَ ڳالهہ جي تصديق ڪري ٿو تہ:

”علم الحڪايت / علم البيان سائنسي مشق جو نظام آهي.“(1)

انهيءَ نُڪتہ نظر کان علم البيان ساڳئي وقت تي هڪ نظريو، تذڪرو يا ڪنهن بيان يا قصہ گوئي مشق جي تنقيد پڻ آهي.

جي اي ڪڊون جي ڊڪشنري آف لٽريري ٽرمس اينڊ لٽريري ٿيوري موجب:

“Narratology is theory, discourse or critique of narrative/ narration.”(2)

جڏهن تہ ’علم البيان‘ جي تاريخ ٻڏائي ٿي تہ لفظ ’نئراٽالوجي‘ فرينچ اصطلاح Narratologie مان نڪتل آهي، جنهن کي تودوروف Tzvetan Todorov پهريون دفعو استعمال ۾ آندوهو.(3) هن تصور ڏنو تہ هيءَ علم، متن جي مٿاڇري سطح بجاءِ اونهائيءَ تائين وڃڻ جي ترجيح جو نالو آهي. هيءَ علم جيئن تہ گهڻو عام آهي تنهنڪري علم ۾ ادب جي سڀني شاخن / صنفن، ڪهاڻي، ناول، ڊرامي، فلم، قصہ گوئي، سياسي، تاريخي يا ڪنهن ٻئي شاخ تي هڪجهڙو لاڳو ٿئي ٿو. جنهن کي تودوروف عالمي نمائندگي ڪوٺي ٿو. سندس چوڻ موجب:

”نئراٽالوجي جنرلائيزيشن جو نئون نظريو آهي، جيڪو بيان جي هر قسم تي هڪجهڙو لاڳو ڪري سگهجي ٿو ۽ اها هڪ مفروضاتي سائنس آهي، جيڪو اجا (خالص سائنسي) وجود ڪونہ ٿي رکي، تنهن هوندي بہ اڇو تہ ان کي نئراٽالوجي يعني ڪنهن بيان/قصي يا حڪايت جو سائنسي مطالعو ڪوٺيون.“(4)

جيئن لڳ ڀڳ ٻين سمورن علمن جون شاخون وچي يونان ۾ يوناني ڏاهن ۾ فيلسوفن سان ملن ٿيون اهڙيءَ طرح هن علم جا بنياد پڻ افلاطون ۾ ارسطوءَ سان وڃي ملن ٿا. ان ڏس ۾ يوناني ڏاهي ۽ نقاد افلاطون پنهنجي ڪتاب ’The Republic‘ ۾ ان علم / فن تي بحث ڪيو آهي. جنهن ۾ هن نقاليءَ جو علم ,Mimesis جو لفظ استعمال ڪيو آهي، جنهن مان سندس مراد ڪردار جو عملي اظهار آهي. ان ۾ ڪردار پنهنجي گفتگو ۽ ڊائيلاگ ذريعي پنهنجي ڳالهہ جو اظهار ڪري ٿو. ان سان گڏ بيان ڪرڻ جو تجزيو diegesis سندس بيانيہ طريقي جي ڇيد جو طريقو آهي، جنهن ۾ ليکڪ جي بيانيہ اظهار يا تشريح جو تجزيو ڪيو ويندو آهي. اهي ٻيئي شيون ڪنهن بہ قصي، ڪهاڻي، تذڪري، فلم، ڊرامي جا بنيادي جُز آهن. انهن بنيادي ايڪن نہ صرف ويهين ۽ ايڪيهين صديءَ جي بيانيہ ڇيد واري علم کي بنياد مهيا ڪري ڏنا، پر Showing ۽ Telling جي حوالي سان اڄوڪي ترقيءَ ۾ بہ وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو. جنهن جي بنيادن تي جينيٽ ۽ بادريلار کي تجزيي جي فن جون وسعتون مليون.

افلاطون جي انهيءَ ڇيد يا تجزياتي علم کي اڳتي وڌائيندي، سندس شاگرد ارسطوءَ پنهنجي ڪتاب ’The Poetics‘ ۾ تخليقي ادب ۾ علم البيان ذريعي الميہ

نگاري (Tragedy) جا اهم جز بيان ڪيا. جيڪي بيان/قصي/ حڪايت جي ساخت کي سمجهڻ لاءِ اهم سمجهيا ويا. انهن ۾ اهم جز هي آهن.

1. همرشا The Hamartia
2. اناگورسس The anagnorisis
3. پيريپيٽيا The peripeteia

ارسطوءَ پاران ڪنهن بہ الميہ نگاريءَ جي حوالي سان بيان ڪيل سندس بنيادن جزن ۾ 'همرشا' ڪنهن ناٽڪ، افساني، خاص ڪري الميہ نگاريءَ ۾ هيرو جي ڪا اهم ۽ خاص المياتي خلش Tragic Flaw يا غلطي آهي، جنهنڪري مک ڪردار يا هيرو پنهنجي غلطيءَ سبب المياتي زندگيءَ جو شڪار ٿي وڃي ٿو. جڏهن تہ سندس ٻئي جز 'اناگورسس' موجب المياتي ناٽڪ يا افساني ۾ اهو ڏاڪو جتي ڪردار اچي انهيءَ المياتي نقص کي سڃاڻي ۽ تسليم ڪري. انهيءَ اعتراف يا تسليميءَ جي نتيجي ۾ ئي سندس ڪردار کي سڃاتو وڃي ٿو. چوٿہ المياتي غلطيءَ بعد هو انهيءَ کي تسليم ڪري پوءِ پيريپيٽيا جي ڏاڪي تي پهچي ٿو. جنهن موجب ڪنهن شيءِ جي اوچائي کان هيٺ ڪرڻ آهي. جيئن هيرو پنهنجي 'همرشا' جي ڪري پنهنجي شان و شوڪت کان هيٺ ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح 'پيريپيٽيا' پڻ موجود حالتن جي اُلٽ يا ڪايا پلٽ آهي. جنهن ۾ حالتون پنهنجو ابتڙ عڪس پيش ڪن ٿيون. يعني يڪسر بدلجي وڃن ٿيون. جنهن ۾ ٿي سگهي ٿو تہ ڪلندڙ ماحول دوران ماڻهن کي لڙڪ اچي وڃن يا غمناڪ حالتون بدلجي خوشگوار ٿي پون. جنهن ۾ 'همرشا' جي ڪري جيڪا هيرو لاءِ اٽوٽندڙ صورتحال هوندي يا ممڪن آهي، بدلجي وٽندڙ صورتحال ٿي ويندي هجي.

> "ارسطوءَ پاران پيش ڪيل ناٽڪ جي متن ۾ انهن جزن لاءِ ڪي مخصوص علامتون هونديون آهن ۽ انهن کي سڃاڻڻو پوندو آهي، جيڪو علم البيان جي زمري ۾ اچي ٿو. سندس ٻڌايل انهن جزن پڄاڻان نقاد يا تجزيہ نگار ڪنهن لکڻيءَ خاص ڪري افساني، ڊرامي يا فلم جي ساختي جوڙجڪ کي پروڙي، چيد ڪري ۽ جزا الڳ الڳ ڪري سمجهائي سگهي ٿو."[5]

يوناني ڏاهن جي اهڙي ڪوشش سبب پڻ انهيءَ علم ۾ وقت بوقت اضافو ٿيندو رهيو آهي. ايستائين جو روسي هيئت پسندن پڻ انهيءَ علم کي اڳتي وڌايو ۽ ڪافي اضافو ڪيو ۽ اهو علم ساختيات جو حصو ٿي ويو. جنهن کي ساختياتي علم

البيان/ علم الحڪايت Structural Narratology پڻ چيو ويو. جنهن جو مک نقاد ۽ تجزيہ ڪار ’ڪلاڊي ليوي استراس‘ کي سڏيو وڃي ٿو. پر ان کان پهرين بيانيہ ساخت جو اهم مطالعو روسي نقاد ولاديمير پروپ Vladimir Propp سان منسوب آهي، جنهن روسي لوڪ ادب ۾ بيانيہ طريقن ۽ جزن جو چيد ڪري، ان علم کي لازوال بنياد فراهم ڪري ڏنا. استراس پڻ پروپ جي ڪم جي روشنيءَ ۾ پنهنجو ڪم اڳتي وڌايو.

**ولاديمير پروپ (1895_1970)**

افلاطون ۽ ارسطوءَ کان پوءِ ولاديمير پروپ هن علم کي تمام گهڻو اڳتي وڌايو. هي اصل ۾ روسي هيئت پسند هو. تنهنڪري سندس گهڻو ڪم روسي لوڪ قصن/ داستانن تي آهي. هن پنهنجي ڪم جي اجا شروعات ڪئي ئي هئي ۽ اهي منظر تي آيا ئي مس هئا تہ روسي انقلاب ڪانپوءِ روسي ادب جي پاليسيءَ ۾ ڦيرو اچي ويو. ڪميونسٽ روس ۾ اهڙي ساختيات يا هيئت واري ادب جي ڪا جاءِ ڪونہ هئي، تنهنڪري اهو ڪم اتي ايترو منظر تي نہ اچي سگهيو. توڙي جو 1928ع ۾ سندس ڪتاب The Morphology of Folktale روس ۾ ڇپجي چڪو هو. پر پوءِ اهو ڪتاب ڪافي سال منظر کان غائب رهيو. پوءِ 1958ع ۾ اهو ڪتاب انگريزيءَ ۾ يونيورسٽي آف ٽيڪساس پاران ڇاپي پڌرو ڪيو ويو.

پروپ جو اهو ڪم 100 کن روسي لوڪ قصن جي جسد Corpus تي آهي، جن کي هن سهيڙي انهن جي ساختي بناوت جو تجزيو ڪيو. هن انهيءَ تجزيي مان اهو ثابت ڪيو تہ انهن قصن ۾ ڪُل 31 فنڪشن (بناوتي جزا) آهن ۽ سمورا داستان انهن 31 عملي جزن مان ڪن جزن مان جڙيل آهن ۽ ڪو بہ داستان انهن جزن مان ٻاهر ڪونهي، يا ايئن چئجي تہ هن 31 موضوع يا ٿيم ٻڌايا، جن جي بنياد تي اهي لوڪ قصا استوار ٿيل آهن. جڏهن تہ پروپ جي انهن 31 فنڪشنل جزن مان 7 حرڪتي زائچا Sphere of Actions آهن. سمورا داستان انهن ستن حرڪتي زائچن جو چوگرد ڦرن ٿا. اهي هي آهن:

1. منفي ڪردار — The Villain
2. متعاون/ مهيا ڪندڙ — The donor (provider)
3. مددگار — The helper
4. شهزادي ۽ ان جو پيءُ — The princess (a sought-for-person) and her father
5. رسل — The dispatcher
6. هيرو — The hero (seeker or victim)
7. نقلي هيرو — The false hero

"پروپ جي پيش ڪيل 31 فنڪشنس ۾ 7 حرڪت ڪندڙ جُزن کي ملائي (سوسور جي لئنگ Languae جيان) هڪ پلاٽ ۾ ڪا ڪهاڻي/ قصو/داستان ٺاهي سگهجي ٿو."(6)

(سوسور جي پئرول Parole جيان). يعني پلاٽ جي بناوٽ ڪٿي مٿي ذڪر بلڊنگ بلاڪس جيان ڪو داستان / قصو يا ان ۾ ڪا به ڪهاڻي پيش ڪري سگهجي ٿي.

"هن علم يا ادبي تجزياتي نظريي جو پروپ ۾ رولان بارٿز کان پوءِ وڏو نالوجيرارڊ جينيٽ Gerard Genette (1930_) جو آهي. سندس ڪم جو دائرو صرف ڪهاڻي/قصي/داستان يا ڪهاڻيءَ جي جزن تي نه پر ان ڳالهه تي آهي ته ڪهاڻي ڪيئن بيان ڪئي يا ٻڌائي وئي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ڪهڙا ڪهڙا عنصر ۽ لوازمات آهن جيڪي ان کي اهم بڻائين ٿا؟ سندس ڪتاب 'بيانيه تذڪرو' Narrative Discourse (1972) تمام اهم آهي. بيري مطابق انهي ڪتاب ۾ بيانيه علم جا 6 اهم نُڪتا هي آهن:"(7)

1. **ڇا بنيادي قصه گوئيءَ جو انداز نقالي Mimetic يا اظهاري Diegetic آهي؟**

جيرارڊ مطابق ته ڪنهن به داستان، قصي يا ڪهاڻيءَ ۾ ڏسجي ته ڪيترو نقل ٿيل Mimetic انداز استعمال هيٺ آهي ۽ ڪيترو ڊيجيٽڪ انداز ڪتب آندو ويو آهي. انهن ٻنهي مختلف انداز بيان جي ذريعي ڪهڙو پيغام ۽ ڪهڙو انفرادي بيانيه مقصد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ڇوته سندس چوڻ موجب ادبي لکٽي، قصو يا داستان انهن انداز بيانن کانسواءِ نه هوندو آهي. اهي ٻيئي جز هر ڪهاڻي، قصي يا داستان جا اهم جز هوندا آهن. جيڪي تخليقي ادب کي عام لکٽي کان الڳ ڪندا آهن. جيتوڻيڪ جو اهي جزا عام لکٽين ۾ به هوندا آهن.

2. **ڇا اهو بيانيه قصو ڪٿان مرڪوز ٿيل Focalised آهي؟**

ٻئي نمبر تي اهم ڳالهه ڪنهن به قصي يا ڪهاڻيءَ جي مرڪوز ڪندڙ انداز آهي. جينيٽ موجب: هن ذريعي اسين ڏسون ٿا ته ڪهاڻي ڪيئن ٻڌائي وڃي ٿي؟ يعني ڪهاڻي، قصي يا بيانيه انداز ۾ ڪنهن ڪردار جي نقطه نظر کان صورتحال بيان ٿيل هوندي آهي ته ڪڏهن ڪردار نه پر ڪهاڻيءَ ۾ موجود ڪنهن ٻي عنصر يا علامت ذريعي ڳالهه ٻڌائي ويندي آهي. ۽ ڪڏهن وري ليکڪ پاڻ سڌو سنئون داستان پنهنجي نُڪته نظر کان بيان ڪندو آهي. جنهن لاءِ اسين سنڌيءَ ۾ شاهه لطيف جا مثال ڏيئي سگهون ٿا . جيئن ڪڏهن سسئيءَ جي جستجو کي ڏسجي ٿو ته هُوءَ

ڏونگرن، ڏيرن ۽ ڏاگهن کي ڏوراپا ڏيندي نظر ايندي آهي ته ڪڏهن ٻين تڪليفن کان سسئي کي سمجهايو وڃي ٿو ۽ ڪڏهن وري شاهه صاحب پاڻ سسئي کي آٿت ڏيندي نظر اچي ٿو. اهڙيءَ طرح شاهه صاحب جي شاعري انهيءَ پسمنظر ۾ ڏاڍي شاهوڪار آهي ۽ ان تي تحقيق ٿيڻ گهرجي ته شاهه صاحب ڪيترن شين کي مرڪوز ڪري انهن جي نُڪته نظر کان شين کي بيان ڪيو آهي. يعني ڪا به ڳالهه انهيءَ ڪردار جي نُڪته نظر کان بيان ٿيل آهي.

ان ڏس ۾ هتي هڪڙي خاڪي جو ذڪر ڪجي ٿو جيڪو هڪ چپيل ڪارٽون جي صورت ۾ آهي. جنهن ۾ هڪڙو جڻو ڪنهن ٻئي ماڻهو جي ڳچيءَ تي پير (لت) ڏيو بيٺو هوندو آهي جنهن تي هيٺيون همراه ڪيس چئي ٿو ته ’پاڻو منهنجي ڳچيءَ تي پير ڏيو بيٺو آهين‘ ته بيٺل همراه ڪيس جواب ڏيندي چئي ٿو ته ”پاڻو اهو ته توهان جو نُڪته نظر آهي، جڏهن ته منهنجو نُڪته نظر هي آهي ته توهان پنهنجي ڳچي ذريعي منهنجي پير کي ٽريپ ڪوڙڪي هنيو بيٺا آهيو!“ يعني ظالم وٽ پنهنجو نُڪته نظر ته مظلوم وٽ پنهنجو نُڪته نظر هوندو آهي.

3. **ڪهاڻي / قصو ڪير ٻڌائي رهيو آهي؟**

جيئن موجب ڪهاڻيءَ جا Narrator يعني قصه گو هوندا آهن، جيڪي ڪهاڻي يا قصو ٻڌائي رهيا هوندا آهن، ته اهو ڪهاڻي يا قصو ڪير پيو بيان ڪري؟ يا جيئن اسين چوندا آهيون ته هيءَ ڳالهه ڪنهن کان روايت ٿيل آهي. يعني ان ڳالهه جو راوي ڪير آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪو ڪردار ڪنهن ڪهاڻي يا ناول ۾ پنهنجي شخصي تاريخ بيان ڪري ٻڌائيندو آهي ۽ اسين سموري داستان کي ان جي واتان ٻڌندا آهيون ۽ اسين يعني پڙهندڙ انهيءَ ڪردار ۽ راويءَ کي سڃاڻيندا به آهيون. جيئن طارق عالم ابڙي جو ناول ’رهجي ويل منظر‘ يا منير چانڊيي جي ناول ’ڪيف ڏاران ڪوءِ‘ ۾ ڪردارن کي اسين سڃاڻون ٿا ته اهي فلاڻي هنڌ جا رهاڪو هئا، يا اهي سنڌ يونيورسٽي ۾ فلاڻي شعبي ۾ پڙهندا هئا. وغيره پر ڪڏهن ڪڏهن ناول يا ڪهاڻين ۾ اسان کي راويءَ جي خبر ناهي پوندي. راوي ظاهر Overt هوندا آهن ته ڪڏهن لڪل به هوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ته ليکڪ يا ڪهاڻي ۽ افسانه نگار سڀ ڪجهه ڏسندڙ ۽ ڄاڻيندڙ انداز ۾ مٿان کان سڀ ڪجهه ڏسي پيا بيان ڪندا آهن، جن کي Omniscient Narrator چوندا آهن. انهن جا ڪيترائي قسم آهن. اهي هڪ به گڏ ٿي ڪري هڪڙي ناول يا ڪهاڻيءَ ۾ اچي سگهن ٿا. رڳو راوي يا قصه گو جو تجزيو تمام وڏو موضوع آهي.

4. **ڪهاڻي / قصي ۾ وقت ڪيئن پيش ڪيل آهي؟**

اهو نُڪتو پڻ تمام اهم آهي تہ ڪنهن ڪهاڻيءَ يا داستان ۾ وقت ڪي ڪيئن پيش ڪيو ويو آهي؟ چاڪاڻ تہ پلاٽ ڪهاڻيءَ جي زماني ۽ مڪاني ترتيب موجب نہ هوندو آهي. ڪهاڻي، واقعن جي هڪ ترتيب وار سلسلي جو نالو آهي، جڏهن تہ ڪهاڻيءَ جو پلاٽ ورن وڪڙن وارو هوندو آهي. ان ۾ ڪڏهن ماضي ۾ ٿيل هڪ سو سال پراڻو واقعو بيان ڪيو ويندو آهي تہ ڪڏهن بہ منٽ پراڻو واقعو ٻڌايل هوندو آهي. پلاٽ ۾ واقعا ڪڏهن بہ وقتي/ زماني ترتيب سان نہ هوندا آهن. انهن جي ماضيءَ ۾ جهاتي پائڻ کي Flash back چيو ويندو آهي. جڏهن تہ ماضيءَ ۾ هوندي حال کي بيان ڪيو ويندو آهي يا ايندڙ واقعن جي رونما ٿيڻ جي ڳالهہ ڪئي ويندي آهي تہ اهڙي ٽيڪنيڪ کي Flash forward چيو ويندو آهي. انهيءَ پسمنظر ۾ شعوري وهڪري وارا Stream of Consciousness ڪي ناول ڳڻائي سگهجن ٿا. وقت (زمان) جي ڦيري/تبديلي پڻ تمام وڏو موضوع آهي، جنهن جا پڻ ڪيترائي طريقا آهن.

### 5. ڪهاڻي / قصو ڪهڙن بيانن ۾ ورهايل آهي؟

هن تجزيي ذريعي اهو ڏٺو ويندو آهي تہ ڪهاڻي يا قصو ڪهڙن بيانيہ تهن ۾ ورهايل آهي. ڪابہ ڪهاڻي سڌي سئين نموني سان بيان ڪيل نہ هوندي آهي پر ان ۾ ڪيترائي راوي هوندا آهن، جيڪي قصو يا داستان بيان ڪندا آهن. جيئن اسان وٽ عام آهي تہ "مون کي فلاڻي هنڌ هڪ فقير مليو جنهن ٻڌايو تہ هن وٽ هڪڙي عورت آئي جنهن چيو تہ آئون ڏاڍي بيمار آهيان، مون کي ڪو علاج ٻڌايو." هاڻي ان جملي ۾ هڪ تہ ليکڪ يا مصنف آهي تہ ٻيو راوي ڪردار آهي، جنهن سان فقير مليو اهو ڪردار پڙهندڙن کي فقير بابت ٻڌائي ٿو. ٽيون راوي فقير آهي، جيڪو عورت بابت ٻڌائي ٿو ۽ چوٿون راوي اها عورت آهي؛ جيڪا پنهنجو داستان ٻڌائي ٿي. يعني قصي مان ٻيو قصو داستان مان ٻيو داستان ڦٽي نڪري ٿو ۽ انهن جا راوي بہ تبديل ٿيندا رهن ٿا. هي پڻ تمام پيچيده ۽ ڌيان طلب ٽيڪنيڪل موضوع آهي، جنهن کي سمجهائڻ لاءِ عملي ڪوشش جي ضرورت آهي.

### 6. ڪهاڻيءَ/ قصي ۾ استعمال ٿيل ٻولي جو طريقو ڪهڙو آهي؟

هن عنوان هيٺ اسين ڪنهن بہ قصي يا ڪهاڻي ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ جو تجزيو ڪريون ٿا. هن ۾ ڏسجي ٿو تہ ڪهڙا فعل مجهولي بيان آهن ۽ ڪهڙا فعل متحرڪ؟ ان کان علاوه هن سري هيٺ سڌي ڳالهہ Direct Speech اڻ سڌي ڳالهہ Indirect Speech استعمال ٿيل آهي ۽ انهن ۾ ڪهڙي قسم جي ٽيڪنيڪ جو استعمال آهي.

”جينيٽ جي مٿي بيان ڪيل ڪجهه نڪتن کان علاوه سندس وقت جي لاڙي روسي هيئت پسندن پاران استعمال هيٺ آيل محاورا فيبولا Fabula يعني ڪهاڻي ۽ سيوزٽ syuzhet يعني پلاٽ پڻ اهم آهن جن جي سجاڳپ پڻ جينيٽ جي حوالي سان مشهور آهي. انهن کان علاوه علم الحڪايت /بيان ۾ رولان بارٿز اي جي گريميس، نارٿروپ فراءِ، جان بيري مئن، ٽي ايس ايليٽ، ولاديمير نيبوڪوف وغيره تمام وڏا نالا آهن.“[8]

مٿي ذڪر ڪيل عنصرن توڙي مفڪرن جي ڳالهين سان گڏوگڏ ’بيانيه علم‘ جي ڪجهه بنيادي نڪتن کي مد نظر ضرور رکيو ويندو آهي، جيڪي ساخت يا هيئت جي لحاظ کان ڪنهن ڪهاڻي يا قصي جا لازمي جز آهن. جن ۾: بيان Narrative تمام اهم جز آهي. هي بنيادي متن (Text) آهي يعني ڪا ڪهاڻي/ قصو يا داستان ۽ ان جو متني سرشتو. ان کانسواءِ قصو/ ڪهاڻي/ داستان جو وجود به اڌورو آهي.

بيان جو ٻڌندڙ يعني اهو قصو/ داستان يا ڪهاڻي جيڪو بيان ڪندڙ ٻڌائي ٿو، اهو ڪنهن کي ٻڌائي ٿو؟ ان قصي جو ٻڌندڙ يا Target ڪير آهي؟ جنهن سان مخاطب ٿي ڪردار اهو قصو ٻڌائي ٿو.

انهن عنصرن جي ٻڌائيندڙ جي مقصد ۾ هي ٽي بنيادي عنصر موجود هوندا آهن، يعني ڪهاڻي ڪهڙي آهي؟ ان جو بيان ڪندڙ Narrator ڪير آهي؟ ۽ ڪنهن کي اها ڪهاڻي ٻڌائي پئي وڃي؟ يعني ان جا Narratee ڪير آهي/ آهن؟

”مجموعي طور تي ڪنهن به تجزيي ۾ نقاد/ تجزيي نگار ادبي ڇيد وقت هيٺين ڳالهيون جو خيال رکي ٿو:“[9]

1. اهي هڪ بيانيه قصي ۾ بيانيه انداز جي ساخت جو تجزيو ڪن ٿا ۽ اهو تجزيو سمورن بيانيه اندازن تي لاڳو ڪري نتيجا ڪين ٿا.
2. اهي پنهنجي تنقيدي نظر رڳو ”ڇا ٻڌايل آهي؟“ کان وڌي ڪري ٻڌائيندڙ يا راوي ’ڪير‘ ۽ ’ڪيئن‘ تي توجهه مرڪوز ڪن ٿا.
3. اهي مختصر بيانن/ڪهاڻين مان ڪجهه علامتون ڪڍندا آهن ۽ انهن کي وڌائي اضافو ڪري وڏن بيانيه اندازن تي لاڳو ڪن ٿا.
4. اهي روايتي تنقيدنگاريءَ جي ابتڙ عمل ڪن ٿا، جو اهي روايتي طور ڪردار ۽ موضوع کان هٽي ڪري عمل/ حرڪت ۽ ساخت تي توجهه مرڪوز ڪن ٿا.
5. اهي پنهنجي مطالعي جو لطف روايتي طور انفرادي هڪ قصي، داستان يا

ڪهاڻي بجاءِ مجموعي داستان گوئيءَ مان وٺن ٿا.

## نتيجو:

علم البيان/نئريٽالوجي جو فني طريقو تمام گهڻو استعمال هيٺ آهي، جنهن کي شعوري يا غير شعوري (جيئن شروعات ۾ اسين چئي آيا آهيون) لڳ ڀڳ سمورا ليکڪ ۽ پڙهندڙ ڪتب آڻين ٿا. ۽ هن فن يا تجزياتي نظريي ۾ تمام گهڻي قوت سان گڏوگڏ وڏي وسعت آهي. ڇاڪاڻ ته عالمي ادب ۾ هن ۾ تمام طاقتور ادبي نمونا Models موجود آهن. جيئن رولان بارٿ جا ڪوڊز، اي جي گريميس جو بيانيه ماڊل، جيرالڊ جينيٽ جو ماڊل، ولاديمير پروپ، ليوي اسٽراس وغيره جا ماڊل دنيا جي ادب ۾ تمام گهڻو مشهور آهن ۽ انهن کي لاڳو ڪري تمام حيرت ڪندڙ ادبي ساخت دريافت ڪيا وڃن ٿا. پر اسان وٽ سنڌي ادب ۾ اهڙا فني نمونا/ ماڊل نظر انداز ٿيل آهي، جن تي ڪم ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي. بيشڪ اهي طريقه فني ۽ وقت توڙي محنت جا گهرجائو آهن، پر اهي ادبي آبياريءَ لاءِ تمام گهڻو ضروري ۽ فائديمند آهن.

## حوالا:


1. Barry, P. (1990). Invitation to Critical Thinking by Peter Barry (1990, Paperback, Teacher's Edition of Textbook).
2. Cuddon. J.A (1991). The Dictionary of Literary Terms and Literary Theory. Great Britain: Penguin Books.
3. http://wikis.sun.uni-hamburg.de/1Ihn/index.php/Narratology
4. Introduction à la littérature fantastique (1970), translated by Richard Howard as The Fantastic: A Structural Approach to a Literary Genre in 1973.
5. Barry, P. (2002). Beginning theory: An introduction to literary and cultural theory. Manchestor & New York: Manchestor University Press.
6. Ibid.
7. Ibid.
8. Cuddon. J. A (1991). The Dictionary of Literary Terms and Literary Theory. Great Britain: Penguin Books.
9. Barry, P. (2002). Beginning theory: An introduction to literary and cultural theory. Manchestor & New York: Manchestor University Press.

ڊاڪٽر ساجده پروين

# جديد سنڌي شاعريءَ جو چمڪندڙ تارو: حسن درس
# Hassan Dars: A luminous star of modern Sindhi poetry

***Abstract:***

*The modern poet Hasan Dars was known as a versatile creator in his literary circle. He has introduced unique metaphors, similes, diction and style in his poetry. Basically he was a romantic poet but at the same time his expression of creative writing was progressive. Main topics of his poetry were liberalism, culture traditions and geography of Sindh, native people and their issues, different national and international Personalities. Besides this, women are the main theme of his poetry. He shows different aspects of women.*

*His poetry was published in different magazines. After his death the collection of his whole poetry published in book form, the title was "Hassan Dars-Jo-Risalo". This research shows that his poetry contains simplicity, purity and freshness. Hassan Dars was updated in his contemporary world. He was the poet of truth, he didn't believe in word juggling.*

جديد سنڌي شاعريءَ جي اُڀ جو چمڪندڙ تارو حسن درس، جنهن کي شيخ اياز 'نوجوان دلين جو پلوڙ شاعر' سڏيو هو، شيخ اياز جو چوڻ هو تہ:

"Hassan is a leading poet of future generation of Sindh"(1)

حسن درس سنڌ جي نوجوان نسل جي اڳواٽي ڪندڙ شاعر آهي. حسن درس، نہ فقط جديد ٿهيءَ جو نمائنده شاعر، بلڪ سٺو نثر نويس بہ هو. هن عبرت مئگزين ۾ ڪيترائي مضمون ۽ فيچر لکيا. ٽي.وي لاءِ دستاويزي فلمون ٺاهي، پنهنجي آواز ۾ رڪارڊ ڪيون. هن ڪيترائي ريڊيو پروگرام ڪيا. روزاني 'سوال' اخبار جو ايڊيٽر، 'خلق' اخبار جو جوائنٽ ايڊيٽر، سنڌ ٽي وي چينل جو پروگرام مئنيجر ۽ انڊس فائونڊيشن جو سربراهہ رهيو. حسن درس هڪ ئي وقت گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو.

نئين ٿهيءَ جي نوجوان شاعر جي حيثيت ۾ سندس سڃاڻپ سنڌ ۾ بهترين شاعر طور ڪئي ويندي آهي. هن شاعريءَ جي شروعات سورهن سالن جي عمر کان ڪئي. سڀ کان پهرين سندس شاعري 'آرسي' مئگزين ۾ 1986ع ۾ ڇپي. سندس

ڪجھ نظم 1992ع ڏاري نوجوان شاعرن جي چونڊ شعري مجموعي ’ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان‘ ۾ شايع ٿيا. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ پنهنجو شاعريءَ جو ڪتاب نہ ڇپرايو. مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس شاعري ڇپجندي رهي، مشاعرن ۾ ڪيس داد ملندو هو. سندس جنم 05 سيپٽمبر 1966ع مشائخ هوٽي ۾ ٿيو. سندس وفات هڪ روڊ حادثي ۾ 16 جون 2011ع تي ٿي. وفات کان پوءِ سندس همعصر دوست مسعود لوهار سندس شعري مجموعو ’حسن درس جو رسالو‘ جي نالي سان سهيڙي ڇپرايو. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ سندس نالي تي هڪ ڪارنر بہ 2015ع ۾ قائم ٿيو.

حسن درس منفرد شاعر هو. سندس شاعريءَ جا انيڪ رنگ ۽ پهلو آهن. هتي انهن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو. مقالي لاءِ اڪثر حوالا ’حسن درس جي رسالي‘ مان ورتل آهن.

**حسن درس جي شاعريءَ ۾ رومانويت ۽ جماليات:**

حسن درس رومانوي مزاج رکندڙ حُسن پرست ۽ جمالياتي حس رکندڙ شاعر هو. پيار، قرب ۽ پنهنجائپ سندس شخصيت جا خاص گڻ هئا. انهيءَ ڪري حسن درس جي شاعريءَ ۾ رومانويت ۽ جماليات جو عنصر سڀ کان وڌيڪ نمايان آهي. هو ڪائنات جي هر شيءِ ۾ حسناڪين جو جلوو پسي ٿو. پوءِ اهو حسن ۽ جمال، پيار ۽ ڇڪ فطرت ڏانهن هجي يا پنهنجي آئيڊيل محبوب ڏانهن، وطن ۽ ڌرتي ڌڻين لاءِ يا فطري جذبن جو اظهار هجي، پر سندس اظهار رومانٽڪ آهي. سليم جمالي لکي ٿو:

> ”حَسن جي هر هڪ سٽ منجھ حُسن ۽ عشق جي خوشبو سمايل آهي، حسن جي شاعري مونکي هڪ آواره سنگ تراش جيان لڳي ٿي. حسن وٽ عشق ۽ جماليات جو وسيع ڪئنواس آهي. حسن غضب جو حُسن پرست شاعر هو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ فطري جذبن جو سرعام اظهار ڪيو. ڇميءَ کان وٺي جنسي ميلاپ تائين ممنوع موضوعن تي پڻ هُن بي پرواھ ٿي لکيو.“[2]

حَسن درس فطرت جي من موهيندڙ رنگا رنگي جهول ۾ پناھ وٺي ٿو. هو فطرتي نظارن جي سونهن جو پوڄاري آهي، سندس شاعريءَ ۾ خوبصورت فطري نظارا باقاعده رقص ڪندي محسوس ٿين ٿا. ڪيس فطرت ۾ بي پناھ وجدان ۽ سڪون ملي ٿو.

اُڏاڻيون ڏور پئي آڙيون، سمو ڪنهن سار وانگر هو
لڙيو پئي لاڙ تان سورج، مهاڻي ڪنهن ٻار وانگر هو
(ص: 61)

يا سندس هي سٽون ڏسو:

باغ ۾ هن گُل سان ڪئي گفتگو
مک ماکيءَ جي مگر مصروف هئي،
پونئر پنهنجي مُنهن پي پٽڪيو،
ڏيڏرين پئي پاڻ ۾ سُس پُس ڪئي،
لِڳ جي موسم وٽن کي ويڙهيو
بادلن جا ديو ڪاوڙجي ويا
ماڪوڙيون تي ميڙ آيون نم ڏي
مينهن پوءِ گهاٽا پهاڙن تي پيا.
......
مشڪ جي خوشبو هرڻ جي دُن ۾
ڏاند گاڏيءَ تي چڙهي پئي زندگي.
(ص: 275)

حَسن درس جو فطرت نگاريءَ جي بيان ۽ منظر ڪشيءَ جو انداز بنهه نرالو آهي. فطرت جي عنصرن کي جهڙيءَ ريت هُن اڇوتي تخيل ۽ تصور ذريعي پيش ڪيو آهي، اهڙو ڏانءُ جديد شاعرن ۾ اسان کي ڪنهن ٻئي وٽ ورلي ملندو. سليم جمالي لکي ٿو:

”حَسن هڪ عظيم فطري شاعر هو.سندس شاعريءَ جي چوطرف فطرت جو خوبصورت نماءُ پکڙيل آهي.....حسن جي اک جي ڪئميرا فطرت جي اهڙي فوٽو گرافي ڪئي آهي جو، مهانگيون لينسز واريون ڪئميرائون بہ نہ ڪري سگهيون.“(3)

حَسن درس جي شاعريءَ ۾ عورت جا ڪيئي روپ آهن. هڪ عورت اها آهي، جيڪا سندس آئيڊيل آهي، جنهن کي بي پناهہ چاهي ٿو ان ڪانسواءِ پاڻ کي اڌورو پائي ٿو ڪيس هر جاءِ ڳوليندو رهي ٿو. جيڪا پري هوندي بہ ڪيس پنهنجي روح ۾ لهندي محسوس ٿئي ٿي.

تو بنان خالي پٽو مان،
پاڻ کي ڳوليان ڪٿي مان،
تو ۾ منهنجو ساهہ آهي،
تون ڪٿي آهين....؟
(ص: 141)

يا

مان پهاڙن تي پري،
تون وڻن کي ويجهڙي
پوءِ بہ تون ناهين پري!
مون اڳيان آهين تڙي
روح منهنجي ۾ رهين ٿي.

(ص: 205)

انهيءَ محبوب سان ملڻ لاءِ هر وقت سندس من ماندو ٿو رهي، هر گهڙي انهيءَ کي ڏسڻ ۽ گڏ گهارڻ جي تمنا ڪري ٿو.

چمارون گذاري، مِلان يار توسان
سيئي وقت واري، مِلان يار توسان.

(ص:95)

پبن تي اڀو ٿي ڏسان يار توکي،
مٿي تي متيرو ڏسان يار توکي.

(ص:94)

انهيءَ حُسن جي موهہ ۾ محبوب جي جسم جي سونهن کي بہ شاعريءَ ۾ سمايو اٿس.

تنهنجا لب سنڌوءَ جا ڪپ،
چمڻ ڏي تون پنهنجا چپ،
هاءِ حسن بہ هيڏي کهڙو
تنهنجي جواني، منهنجا جهپ.

(ص:75)

پنهنجي محبوب سان 'لڪ لڪوٽي' راند کيڏڻ جي خواهش بہ ڪيڏي نہ عجيب اٿس. پيار جي لڪ لڪوٽي جديد ۽ معصوم تصور آهي.

تولاءِ وڻ تان تُوت پٽيان ٿو،
جهوليءَ ۾ تون هيٺ جهپين ٿي
آئون توکي هٿ ڏيان ٿو،
ٽپ ڏيئي تون اڏ ٽپين ٿي.
ٻنپهرن جو ٻگهہ اچا بہ
گڏ دُٻي تي ويٺا آهن.
اچ تہ گڏجي چيڪلي پايون

چيڪلي پايون پير گسايون.

......

هاٽي لڪ لڪوتي ڪمڙي
پيار هٿان جو پڪڙيا آهيون.

(ص: 342 ۽ 343)

حَسن زندگيءَ سان پيار ڪندڙ شخص آهي، هو زندگيءَ جون سڀئي خوبصورتيون ۽ رنگينيون جيئڻ چاهي ٿو پر محبوب ڪانسواءِ ڪيس سموريون اڻپوريون ۽ ڦڪيون ٿيون ڀاسجن. تڏهن ته چوي ٿو:

زندگي پلي اهڙي،
ٽُڪ جي رلي جهڙي،
مان وڇايان تون نه ويهين،
ڇو نه پوءِ ويڙهي ڇڏيان.

هُن بابت رام اوڏ لکي ٿو:

”حسن جي شاعريءَ جو وڏي ۾ وڏو موضوع عورت آهي. هو عورت جي مظلوميت تي گهٽ رومانوي پاسي تي وڌيڪ لکي ٿو. عورت هن شاعر جي جذبن ۽ تصورن ۾ هر نئين روپ ۾ نسري نروار ٿئي ٿي. حسن جي شاعريءَ ۾ عورت جو گهڻ طرفو عڪس چٽيل آهي. سونهن پريو اهو اظهار رومانوي آهي ته، جنسي به آهي.“[4]

حسن درس پنهنجي نظم ’جڏهن تون وهنجندي آهين‘ ۾ عورتاڻي جسم جي جماليات جي عڪاسي به ڪئي آهي. عورت جي انگن جي منظر ڪشيءَ کي هُن فطرت جي نظارن سان ڀيٽيو آهي. جنس جي بيان ۾ سندس انداز شيخ اياز جيترو ئي آئڙندڙ آهي.

سموريون سختيون تن جون،
نرم هٿ سان لسائين ٿي.
لڳي ٿو تون پهاڙن کي
گلابن سان گسائين ٿي.

......

ڍڪين ٿي تون جڏهن ڪپڙا،
اچانڪ رات ٿيندي آ،

اهو ئي سج سيني مان
جڏهن الٽو اڀارين ٿي
لڳو اوڀر جي چاتيءَ کي،
تون اولهه مان اٿارين ٿي
جڏهن تون وهنجندي آهين
ته موسم جا مٺا ميوا
سمورا ڏوپندا آهن.
(ص 361 ۽ 362)

رومانويت جو بنيادي فڪر روايتن کان بغاوت ۽ فطرت پسندي تي مبني هوندو آهي، جنهن ۾ فرد سماجي قانونن ۽ قدرن جي پوئيواري جي بجاءِ انفرادي بغاوت ۾ پناهه وٺندو آهي. جان پال سارتر جي بقول ته:

”اهو عمل جيڪو روايتن جي خلاف آهي اهو رومانوي آهي.“[5]

جيئن ته رومانويت فطرت ۽ تخيل سان انسان جو رشتو جوڙي ٿي، پر معروضي حقيقت وري به اندر ۾ هڪ پيڙا کي جنم ڏئي ٿي، جنهنڪري بغاوت جو عنصر پيدا ٿيڻ فطري عمل آهي.

حسن درس به بنيادي طور هڪ رومانوي شاعر هو. سندس مزاج ۾ بي ترتيبي، رولاڪي موجود هئي. ڪنهن هڪ جڳهه تي ٽانيڪو ٿي ويهڻ ڪيس بلڪل به نه ايندو هو. جڻ سندس من اندر ڪا بي چيني ۽ اداسي چانيل هجي، جنهن کي شانت ڪرڻ ۽ پاڻ پرچائڻ لاءِ مختلف جاين تي دوستن سان ڀٽڪندو وتندو هو. حسن جي زندگيءَ ۾ بي ترتيبي هئي.

ڪاوش اخبار کي انٽرويو ڏيندي چيو هئائين:

”ارم سچو ڏينهن گهر ۾ شين کي پنهنجي جڳهه تي ڏاهڻ ۾ پوري هوندي آهي، مان ۽ روحل گڏجي ڦٽائيندا آهيون. جو شيون جيڪڏهن گهر ۾ ايتري ترتيب ۾ هونديون آهن، ته مونکي اتي زندگي جو احساس نه ٿيندو آهي.“[6]

انهيءَ انٽرويو ۾ اڳتي چوي ٿو:

”پنجون ڪلاس پاس ڪري ماءُ جي پيار واري چانو ڇڏي اوطاق وسايم، پوءِ هيون رولاڪيون، دوست ۽ مان، ته زندگي ۾ ترتيب ۾ آئي ئي ڪونه ڪڏهن.“[7]

انهيءَ ڪري اسان ڏسون ٿا ته، حسن درس جي شاعريءَ ۾ رولاڪين،

اڪيلائين ۽ درد جو ڏيمو ڏيمو الميو سندس رسالي ۾ پکڙيو پيو آهي.

هجومن ۾ هشامن، هيڪلائي ڪي جڏهن جنميو
ڏنو مون روح پنهنجي ڪي، انڌاري غار وانگي هو.
(ص: 61)

غزل جو هڪ ٻيو بند اٿس:

عمر جي آخرين مان ڏس، قلن وانگي ڇڻون ٿا پيا،
سڄڻ سگريٽ سستي جيئن، سڄو ماٺهو سڙي ٿو پيو.

وري ٻئي هنڌ چوي ٿو:

مون ساڻ منهنجو موسمون، گڏجيون پيون گهمن
رب جو قسم ته روح جون رولاڪ محبتون
(ص: 197)

يا

ائين بس ملياسين، جو وڇڙي وياسين
وڇڙي وجي پوءِ وڻن ۾ ڦُٽا سين
(ص: 200)

**مزاحمتي فڪر:**

حسن درس جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي وڏيري جي ڪردار جي جيڪا تصوير ڪشي ٿيل آهي، سا نه فقط ذهن کي جنجهوڙيندڙ آهي، پر حقيقت جي تلخ پٽي جي به خوب عڪاسي ڪندڙ آهي. سندس به مشهور نظم ’مون کي التيون ٽيون اچن‘ ۽ ’ڪانڌيرو‘ ٻئي جاندار نظم آهن.

مثال طور :

حڪومتي داٻي جي لانگ هينيان ليٽيل،
جنرلن جي جوتن کي چنبڙيل ۽ چهٽيل
ننڍي وڏي ملهه ۾ وڏي واڪ وڪيل،
پوڙهي وئيشيا وانگيان ڪاڏل پيتل،
ڏارين اڳيان ڏوڙ ۾، پائين ليٽڙيون،
پنهنجن مٿان پر رهين سدائين سيٽيل،
سنڌي وڏيرا توتي سوچيندي،
مون کي التيون ٽيون اچن.!
( ص: 270)

’ڪانڊيرو‘ نظم مان چونڊ سٽون ڏسو حسن درس وڏيرا شاهي جي کھڙي نہ چٽي تصوير ڪشي ڪندي، غريب هاري تي وڏيري جي ظلم ۽ ستم جي داستان کي درد انگيز انداز ۾ بيان ڪيو آهي.

ڪانڊيري نالي هو هاري،
ڪالھ مري ويو سيءَ تپ ۾،
ڪانڊيري جو ڏاندن جوڙو،
پر سُياري ۾ چورن ڪاهيو،
جنھن تي ڪُتي ڪيڏو باهيو،
ها پر رات بہ ڪاري آهي،
جنھن کان توبہ زاري آهي،
چورن جا تي پيرا ڊاهي.

(ص: 119)

حسن درس جي سجاٽپ سندس بہ مشهور نظم بڻيا. پھريون ’خانم گگوش‘ ۽ ٻيو ’ساري سنڌ پريڻءَ جو پاڇو‘، جن ڪيس سموري سنڌ ۾ ڀرپور شهرت ۽ مڃتا ڏياري.

خانم گگوش ايراني ڳائڻي ۽ اداڪاره هئي، جيڪا مخصوص ميڪ اپ، ڳائڻ جي انداز، ڪپڙن پائڻ جي انداز سبب تمام گهڻي مشهور ٿي. سندس فن تي 1979ع واري ايراني انقلاب دوران مذهبي اڳواڻ ۽ سياستدان آيت الله خمينيءَ پاران پابندي مڙهي وئي، بلڪ سيني عورت ڳائڻين ۽ فنڪارائن تي بندش وڌي وئي. حسن درس اهڙين پابندين خلاف هي نظم لکيو جيڪو پنھنجي فن ۽ خيال ۾ من موهيندڙ ۽ انوکو مثال آهي.

تاريخ جي سگريٽ کي،
تيليءَ چميو تہ،
وقت دکي پيو
۽ هڪ ڊگهي ڪش ۾،
درد جو سرمئي دونھون،
هوا ۾ اڏرندو ويو،
خميني تون هڪ ڦلي وانگر،
پنھنجي قبر جي ايش ٽري ۾،
بي معنيٰ تي چٽي پوندين،
گگوش جي اکين ۾،

هڪ ڪربلا چرڪ ڪائي جاڳي اٿي،
۽ خوابن جا حُسين،
پنهنجي قتل جي بي واجبيءَ تي،
هر يزيد
هر خمينيءَ جو ابدي موت اورانگهي،
من جي نَينُ موسمن جا
نوان عنوان بڻجي ويا!.

(ص: 291)

فني توڙي فڪري حوالي سان جتي هي نظم نهايت اڇوتو آهي، اتي ئي اسان کي هن ۾ ڀرپور تجريديت به ملي ٿي ۽ تاريخ جي سنگين باب جو احساس به پسجي ٿو. شيخ اياز حسن درس جي هن نظم بابت راءِ ڏيندي چيو هو ته:

”جي حسن درس جو اهو نظم سبط حسن پڙهي ها ته هو پنهنجي ڪتاب ’ايران انقلاب‘ ۾ ترميم آڻي ها... تاريخ ۾ ايتري دوربيني، سو به هڪ پاڪستاني مسلمان لاءِ جنهن جي اکين تي عمومن سائي عينڪ آهي، شاعريءَ ۾ ورلي ملي ٿي.“[8]

**وطن پرستيءَ جو اظهار:**

حسن جو مشهور نظم ’ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو‘ وطن پرستيءَ جي فڪر تحت اُڻيل آهي. محبت انسان جي من ۾ جڙهن وسعت ماڻيندي آهي ته اها مجازي مرحلن کي اورانگهي ڪل ڏانهن پنڌ پوندي آهي. انهيءَ عشق جي ئي منزل پنهنجي وطن ۽ ڌرتي جي حب آهي. حسن درس لاءِ به پنهنجي وطن جي مٽي، وڻ ٽڻ، ٻوٽا، پکي پکڻ، وستيون واهڻ، ڍنڍون ڍورا، سڀ املهه ۽ پاڪ پوتر آهن، جن جي هو پوڄا ڪري ٿو. ايتري قدر جو ڪيس سموري سنڌ ۾ ڌرتي پنهنجي پرينءَ جو پاڇو محسوس ٿئي ٿي. هن سنڌ جي ثقافت، ريتن رسمن، رهڻي ڪهڻي ۽ جاگرافي کي نئين سر جديد انداز ۾ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڳائي امر ڪري ڇڏيو آهي.

"From a desert inhabited by Thari folks to fisherman that live along the Indus delta, Dars's works provided his readers insight to the diversity of Sindhi culture."[9]

ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو،
جيڪو جر تي جاڳي ٿو.

......

هوڏانهن لاڙ لڪئي جو ليڪو،
سارين منجهه سهائي آهي،

......

سپ سجاول جون بازارون،
تنهنجي خوشبوءَ ۾ ڪلنديون،

......

مڪلي روز پوي ٿي مرڪي،
ڪنهنجي ڪاڻ ڪتاب جلايئون.؟

دور مهاڻو پنهنجي پٽ کي
اوچي ڪم تي گاريون ڏئي ٿو،
پاڻيءَ ۾ ڪو شپڪو ٿئي ٿو
آڙي نيٽ اڏامي پئي ٿي،

......

لڪي شاه صدر تي سانجهي،
ڏيئي مان هڪ ڏيک ڏسان ٿو

......

سَڪرُ سونَ سريڪو آهي،
روهڙي روح لتاڙي ايندين،
جي دريا تي پلجي ايندين،
پنهنجي خود کي پاڻ تڪيندين،
تنهنجي ذات ئي توسان ملندي،
تو مان روئي سامهون ڪلندي،
سچل عشق پيدا نہ ٿيوي،
سارين سنڌ پرين جو پاڇو،
جيڪو جر تي جاڳي ٿو.

(ص: 193 کان 195)

......

خود ڪشيءَ جي خيال وانگي
سنڌ ڪي مون سئو دفعا آ سوچيو
هر دفعو مون مات ڪاڏي تو هٿان،
هر دفعي هن عاشقيءَ
مون کي بچائي آ وڏو.
(ص 116 ۽ 117)

......

مست قلندر اوجون موجون،
ڏڪ ڏڪ ڏوڪ ڌمال وهي ٿو،
سيوهڻ سائين سچ جيان آ،
جڳ مڳ جاڳ جلال وهي ٿو،
شاهه ڀٽائيءَ جي ڀاٽي تان،
جهومر جوت جمال وهي ٿو.

......

ڪيڏا قرب ڪچهريون ڪندو،
پورن لاءِ تي پال وهي ٿو
تنهن سنڌو کي سڀ ساراهيون.
(ص 238)

......

سندس رسالي جي مهاڳ ۾ مسعود لوهار لکي ٿو:

”حسن درس جو هڪ ڳڻ سندس ’ڌٽي ڀنجڻ‘ يعنيٰ ’اونر شپ‘ هوندو هو. هو دوستن، شين ۽ سنڌ جي وستي، واهڻ، ڳوٺن ۽ شهرن جو ڄڻ ته مالڪ ۽ وارث هوندو هو. اهو مزاج سندس شاعريءَ ۾ به ملندو.“(10)

وطن پرستيءَ جي فڪر تي مبني ڪيترين ئي انمول تخليقون سندس رسالي ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن، جيئن ’سنڌ ساز مان نڪتي آ...!‘، سموري سنڌ سرندو، ’اج به منهنجي عاشقي ڄڻ آڳ آهي‘، گيت ڌٽيءَ جا گڏجي ڳايون وغيره.

**سرمائيداري نظام ۾ عورت:**

حسن درس جو نظم ’ڪيڏارڻ‘ به ڏيان طلب آهي، جنهن ۾ ’جديديت ڀڄاٽان‘

دور جي ان حسين ۾ نوجوان ناريءَ جي ڪٿا آهي، جيڪا سرمائيداري سوچ ۾ نتيجيت پرست رويو رکندڙ آهي، جنهن وٽ محبت جي بجاءِ دولت ۾ مفادن جي حاصلات اهم آهي، انهيءَ مقصد جي پورائي لاءِ هو پنهنجي جنس کي ڀرپور طريقي سان ڪيش ڪرائي ٿي.

چڪتاڻ وارا ڇال ڏئي،
تنهنجي پيار،
جو ٻيڙ رُومن جي زينت بنجي،
ڪلبن جي انڌي روشنيءَ ۾
نوٽن کي ٻاڏائي،
هاءِ! هاءِ!
مان ڇا چوان، تنهنجي پيار کي،
مان ڇا چوان، تنهنجي پيار کي.

(ص 241)

**شخصي شاعري:**

حسن درس جي تخليق جو ڪجھ حصو شخصي شاعريءَ تي مبني آهي. هن ملڪي توڙي بين الاقوامي اهم توڙي عام شخصيتن کي ٻن حوالن سان پنهنجي شاعريءَ ۾ ڳايو آهي. هڪ اهي شخصيتون، جن جي وفات تي تاثراتي شاعري ڪئي اٿس، ٻيو اهي، جن کان هو متاثر هو ۾ سندن زندگي جي ڪن خاص اهم واقعن تي هن پنهنجا ويچار ونڊيا آهن.

مثال طور سندس نظم 'جيون پنهنجو رستو موڙيو' مشائخ هوتي جي محمد شاھ جي مرتئي تي لکيل تاثراتي شاعري آهي. اهڙيءَ ريت 'مقتل کي نئون نياپو' محترم بينظير ڀٽو جي شهادت تي لکيل تاثراتي نظم آهي، 'ذوالفقار علي ڀٽو ۾ هيني ڪرونيي لاءِ هڪ نظم!' ڏکڻ آفريڪا جي ڪرڪيٽ ٽيم جي ڪپتان جي هوائي حادثي جي شڪار ٿيڻ تي لکيل نظم آهن. 'مقتل کي نئون نياپو' مان سندس سٽون توجھ طلب آهن:

قديم دنيا جديد ٿي ويئي،
اسان جي راڻي تہ هٿ لوڏي،
وڏين وقارين شهيد ٿي ويئي،
اها ئي پڙَ جي پڪار آهي،
تہ سر ڏيڻ جي رسم ادا ٿئي،

اهو ئي سرمد جو فلسفو آهي،
تہ فڪر پنهنجي تي ڪو فدا ٿئي،
هي سر ڪي گهورڻ ڏياچ وانگي،
سِين جي خواهش شديد ٿي وئي.
(ص: 192)

سندس نظم: حواري بومدين، استيفي گراف لاءِ، ملڪ ترنم نورجهان، ننگي سرمد جي حضور ۾، روحل چيزل اکڙيون آگم، مسلسل ماٺ ۾ ماٺڪ، احمد فراز لاءِ هڪ نظم...! اهي وٽندڙ تخليقون آهن، جن ۾ هو يا تہ ڪنهن شخصيت کان متاثر ٿو ڏسجي يا وري ڪنهن شخصيت جي زندگي جي ڪنهن اهم واقعي ڏانهن پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪائي.

جيئن 'احمد فراز لاءِ هڪ نظم ...!' ۾، حسن درس وقت جي حاڪمن پاران احمد فراز کان گهر خالي ڪرائڻ لاءِ سندس سامان کي رستي تي ڦٽو ڪرائڻ جي واقعي کي قلم بند ڪيو آهي.

احمد فراز تنهنجو سامان ٿو اڇلجي،
ميزون گلاس شيشا،
نظمن جون عورتن ۾،
نثري ڪتاب ا ڇليا،
توکي مليا هيا جي،
اعزاز ڪئين،
سي سڀ خطاب اڇليا!
(ص: 161)

......

اهڙيءَ ريت 'حواري بومدين' نظم ۾ هو بين الاقوامي شخصيتن، بومدين، ڊيگال، سارتر، ياسرعرفات، درويش ۽ قذافيءَ جا حوالا ڏيندي، تاريخ ساز شخصيتن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ سموري انساني تاريخ جون اکيون پنل ۽ ڇاتيون ڇنل آهن، ڇا انهيءَ جو ڪو حل آهي؟

باغ جا درخت سمورا،
ٽاري ٽاري بومدين،
ڪير آهي ڪالهہ جهڙو
ڪير آهي ڊيگال جهڙو

اڄ تہ پئرس جي گھٽين ۾
سارتر پيو ڪو نہ آ،
ڪير جو ساڪي ٿئي،
۽ زهر ۾ ماڪي ٿئي،
......
هن قذافيءَ جون اکيون آهن پنل،
سڀ تاريخ جي ڇاتي ڇنل،
ڇا انهيءَ جو توڙ آهي؟
او حــواري بــومــديــن
او حواري بومدين....!
(ص 287)

**فني جماليات:**

حسن درس جي شاعريءَ ۾ جدت آهي. سندس اسلوب ئي نرالو آهي. هن جو پنهنجو الڳ تلڳ ڏڪشن آهي، اهو ئي سنڌي ادب ۾ سندس سڃاڻپ بڻيو آهي.هن مختلف ادبي روايتن کي نئين سر تخليق ڪيو آهي. شاعريءَ جا عنوان هجن،فني جماليات هجي يا تخيلاتي ۽ فڪري اڏام، هن جو انداز ۽ ڇاپ بنهہ هن جي ذاتي ايجاد آهي.

"Hassan Dars is an innovative poet responsible for a new diction in Sindhi poetry by fusing traditional and modern styles."(11)

سندس اسلوب ۽ ڏڪشن بابت رام اوڏ لکي ٿو:

"حسن درس جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل ڏڪشن سادو ،سولو ۽ خوبصورت آهي. سندس شاعراڻي فن ۾نوان استعارا ۽ خوبصورت تشبيهون استعمال ٿيل آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جو اصل جوهر آهن. ٻولي ۽ هيئت ۾ غير روايتي روپ سندس شاعريءَ کي منفرد بڻائن ٿا."(12)

هو تخيل جي اڏام تي لفظن جي مهاڪاريگريءَ سان جڙاوت ڪندي، خيال کي اهڙي ريت پڙهندڙن آڏو پيش ڪري ٿو جو لفظَ چٽر بڻجي پون ٿا.

ويڙهي لفافي ۾ وري،

اڄ پان جو پن مو ڪلُيئي،
دل تي چٽر ناهي چڱي.
(ص 305)

......

مون چيو تہ تون ناهين،
تو جهڙي نظم ٺاهيان،
اوچتو تصور ۾،
تو چيو قلم کي رک،
مان اڇي ويئي آهيان.
(ص 21)

......

درد هڪ ڏينهن وري پيڙ ڏَئي ڪرندو مون تي،
تنهنجي محبوب مٿيءَ منجهہ مٿل هوندس مان!
شهر تنهنجي جي، سڀ گمنامي سودي ايندس،
تنهنجو ڇڄ ڪين ڏٺل، ڪين سٺل هوندس مان.
(ص:376)

حسن جي شاعريءَ جا عنوان، نہ فقط دلچسپ ۽ ڌيان ڇڪائيندڙ آهن، پر پڙهندڙ کي ڏانوڻ وجهڻ جو ڪم بہ ڪن ٿا. مثال طور: 'تنهنجا لب سنڌو جا ڪپ'، 'اڪ جي ماڪي نٿو لاهي سگهان'، 'هنيلا هرڻ پاڻيءَ مان پئن ٿا سڄ جا ڪرڻا'، 'وڻ هيٺان وينو آهيان'، 'دور گگن آ دام پکين جو'، 'ادب سان چوڪريون گهرجان!' وغيره.

حسن درس جي شاعراڻي خصوصيت اها بہ آهي تہ هن ڪيترين ئي مشهور ۽ مقبول ادبي روايتن کي وري نئين سر، نئين انداز ۾ قلم بند ڪيو آهي. جيئن سندس نظم "عاشق ناهي نڪمو غالب!"

هن نظم کي ڏسو:

عاشق ناهي نڪمو غالب!
عشق نڪمو ناهي ڪندو،
نمڪ حرام نڪما ڪيئي،
سرڪاري هت نوڪر،
جوتي جي هر نوڪ اڳيان،
هو نوڪر ٿيندا نوڪر آهن،

عشق نہ آيو تن جي واڙي،
واڙي چا نہ اوڙي پاڙي،
هڪڙا مهيني دار نڪما،
هڪڙا ڏوڪڙ ڪٽڻ ڏهاڙي،
سي سڀ غالب عاشق ناهن،
ها پر سڀ نڪما ناهن!
(ص: 311)

اهڙيءَ ريت حسن درس مختلف شاعرن جون سٽون تضمين طور وٺي، انهن کي پنهنجي انداز ، اسلوب، ڊڪشن ۽ ٻوليءَ جي جماليات جي نرالي انداز سان تخليق ڪيو آهي. مثال طور ’نار جي نيسر ۾ چانديءَ جو ڇلو!‘ ، ’گيت ڏٺيءَ جا گڏجي ڳايون‘، ’هي ڌرتي آ ڌڪاڻن جي‘ وغيره.

سندس سڀ کان نرالو نظم ’جوڳي بين بجاوي!‘ آهي. هندي، اردو ۽ سرائڪي ٻوليءَ جي لفظن جي گڏيل آميزش سان تخليق ڪيل هن نظم جوجمالياتي حسن ئي پنهنجو آهي. مختلف تصورن، تاريخي شخصيتن، ڪردارن، واقعن ۽ منظرن جي تاڃي پيٽي ۾ اڻيل، هن نظم جي شروعات ۽ وچ جيترو خوبصورت ۽ مضبوط آهي، پڇاڙي اوتري ئي ڇرڪائيندڙ آهي. حسن درس جي تخيلي قوت کي بي خوديءَ منجهان واهہ واهہ ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهجي.

آنکھ پرندن، نیند پروں پہ
جیون دور اڑاوے
......
دور سلگتی لکڑی صندل،
خوشبو چین چڑاوے،
کنویں پاس کھڑی اک ناری،
پاپاں پانی پائے
تو آوے نا آوے پریتم
جوگی بین بجاوے
جوگی بین بجاوے
دل کی کٹیا جاگ رہی ہے
اس کو کون سلاوے

درس فقیر تو جاگ رہا ہے
دنیا آوے جاوے!
تو آوے نا آوے تلسی
جوگی بین بجاوے

(ص: 333 ۽ 334)

حسن درس وٽ نيون تشبيهون، نوان استعارا، لفظن جي نئين جڙاوٽ، چونڊ ۽ ترتيب بهترين آهي. هو شاعريءَ ۾ سُر، لئي، ترنم ۽ ردم پيدا ڪرڻ خوب ڄاڻي ٿو. وٽس تجنيس حرفيءَ جو به لاجواب استعمال ملي ٿو. ان ڪانسواءِ هو ٻوليءَ جو به وينجهار آهي. ٺيٺ نج پيچ سنڌي لفظن جو استعمال ڇڻ ته لفظ سندس ٻڌا ٻانها هجن.

ان حوالي سان سندس شاعريءَ مان چند مثال:

’ڇليل بادام جهڙي ڇوڪريءَ کي ڇا چوان،‘

(ص 375)

ڀاڪر ڀاڪر منجهه ورائي،
منهنجي جوان جسم تي جانان،
ڄاڻيچي ڦولن جيان ڇڻي ٿي،
تنهنجي جواني جو سورج،
ٻپهريءَ جي ٽاڪ جهڙو آ،
مون کي تون ته پوءِ به وڻين ٿي.

(ص 379)

اي اياز شاعري ڪنهن اصيل
نانگ جي ڦوڪ وانگيان لڳي
يا ته انب تي لٽل
ڪنهن دکي ڪوئل جي
ڪوڪ وانگيان لڳي.

(ص 382)

سندس شاعريءَ ۾ تجنيس حرفي، ردم ۽ موسيقيت جو مثال به ڏسو:

ساري عمر ائين ڪٽي آهي،
ڇڻ ته ڪا ئي پري چٽي آ،
هيءَ به گذري ويندو سال،
مون کان نه پڇ منهنجو حال!

چانڊوڪيءَ ۾ چڪ وجهي پيو
هينئڙو بہ ڪنهن هرڻ جيان آ
چرڪي آخر ڏيندو چال،
مون ڪان پڇ نہ منهنجو حال!
(ص 47)

**نتيجو:** مجموعي طور حسن درس جديد شاعرن ۾ نهايت نمايان اهميت ۽ حيثيت رکي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ فني نواڻ ملي ٿي. سنڌي ادب ۾، هو ڪنهن ڪان متاثر ٿيڻ بجاءِ هُن پنهنجي الڳ سڃاڻپ پيدا ڪئي. جڏهن تہ فڪري حوالي سان سندس شاعريءَ ۾ مختلف زاويا ملن ٿا، پر رومانويت ۽ جماليات جو رنگ سندس تخليقن تي سڀ ڪان وڌيڪ حاوي نظر اچي ٿو. سندس شاعري سنڌ ڌرتيءَ، ان جي ثقافت، سنڌي قوم ۽ ان جي مزاج، سنڌ جي ماحول ۽ فطرتي عنصرن سان سلهاڙيل آهي.

**حوالا:**


1. Musadiq Sanwal, “yaar zinda, sohbat Baaqi”, ’In paper Magazine’ Daily ‘Dawn’ (26 June 2011).
2. سليم جمالي، مهاڳ: ’ساري سنڌ پرين جو پاچو‘، پارڪر پبليڪيشن آڏيگام، 2017ع، ص 22_23.
3. ساڳيوص 24.
4. رام اوڏ، ’حسن درس جي شاعريءَ هڪ اڀياس‘، ڪتاب ’ساري سنڌ پرين جو پاچو‘، پارڪر پبليڪيشن آڏيگام، 2017ع، ص 42_43.
5. *نسیم، شاہد، ’سارتر کے مضامین‘، کاروان ادب، ملتان صدر، پہلا ایڈیشن، 1991ع، ص63.*
6. انٽرويو(حسن درس) روزاني ڪاوش، پهرين اپريل 1998ع، ص 8.
7. ساڳيو.
8. شيخ اياز، مهاڳ: ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان، سنڌيڪا اڪيڊمي، 1998ع، ص 115.
9. www.tribune.com.pk
10. لوهار، مسعود، مهاڳ: حسن درس جو رسالو انڊس فائونڊيشن، حيدرآباد، 2011ع، ص 18.
11. www.tribune.com.pk
12. رام اوڏ، ’حسن درس جي شاعريءَ هڪ اڀياس‘، ’ساري سنڌ پرين جو پاچو‘، پارڪر پبليڪيشن آڏيگام، 2017ع، ص 45.

نياز مسرُور بَدوي (ناز سرور)

# جديد سنڌي ادب جو روشن تارو: ’ لالچند امرڏنو مل ‘

# Lalchand Amar Dino Mal: A radiant star of modern Sindhi literature

**_Abstract:_**

*Late Shiri Lalchand Amar Dino Mal was born 25 January in 1885 A. D in Hyderabad city of Sindh and died in India 18 April 1954. He was a legendary personification of Sindhi literature. He loved his homeland Sindh and the humanity, nature and humanity of his homeland. He was jubilant creative writer and he was very enthusiastic human and he initiated his literary career about 1905 A.D, when he was 20 years old young boy, this period is known as the Golden era of Lal Chand, he wrote many novels, short stories, dramas, Essays, and furthermore he wrote many research books. His research work is excellent, along with it he also wrote Biography of Hazart Muhammad (P.B.U.H) in 1911 (محمد رسول الله صہ) 1, Shah Abdul Latif Bhitta1 1914 (شاھاڻو شاھہ) and Sachal Sarmast (سچل سرمست) He also interpreted ideology of Islam and Sufism.*

*Lalchand Amar Dino Mal was great progressive trend setter writer, he wrote many short stories having many aspects of society and published and named as Hur Makhija, (حر مکي جا), Dukhan dadhi Zindgi (زندگي ڏکن ڏڏي), soon verniyoon diliyoon 1925, (سون ورنيون دليون), chooth jo chand 1905, (چوٿ جو چنڊ) and many others.*

*He was a person with special knowledge of language and wrote book named Sindhi Boli jo Nichur (سنڌي ٻوليءَ جو نچوڙ)*
*Lal Chand Amar Dino Mal wrote about 62 books. In this regard his work is sound, memorable, and his work will be written in golden words.*

سنڌي ادب جي تاريخ جي ويجهي ماضيءَ تي نظر وجهڻ سان پتو پئي ٿو تہ، سنڌي ادب ۾ جديد لاڙا، انگريزن جي دور يعني 1843ع کان پوءِ آيا آهن ۽ سنڌي الف-ب ٺهڻ کان پوءِ انگريزن، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ترقيءَ لاءِ جيڪي ڪوششون ورتيون، ان جي نتيجي ۾ ئي سنڌي ادب وڏيڪ اُسري سگهيو ۽ ان دور جي عالمن، اديبن جي کيپ ادب جي اُفق تي اڄ بہ روشن نظر اچي ٿي، انهن ۾ لالچند امر ڏني مل جو نالو نمايان آهي.

سنڌي ادب ڪي جيڪڏهن ترقي پسنديءَ جي تناظر ۾ ڏسبو تہ اسان کي اها بخوبي ڄاڻ ملندي تہ جڏهن مارڪسي روسي انقلاب اڃا پنهنجي مڪمل منطقي انجام تائين پهتو ئي نہ هو ۽ برصغير جي اندر ترقي پسنديءَ جو اصطلاح ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين جو پايو ئي نہ پيو هو تہ ان وقت بہ سنڌي ادب ۾ انسان دوستيءَ وارو لاڙو موجود هو. انهيءَ قديميت ۽ جديديت واري سنگم ۾ سنڌي ناول، ڊرامي ۽ ڪهاڻيءَ جي صنفن ۾ جيڪي جديد عوام دوست ۽ ترقي پسند لاڙا پيدا ٿيا، تن ۾ لال چند امر ڏني مل جڳتياڻيءَ جو بہ وڏو حصو شامل آهي.

لال چند امر ڏنو مل جڳتياڻي 25 جنوري 1885ع تي حيدرآباد، سنڌ ۾ ڄائو. هن ابتدائي سنڌي تعليم گهر ۾ خواندن ڪان حاصل ڪئي. مئٽرڪ جو امتحان 1903ع ۾ هيرانند اڪيڊميءَ مان پاس ڪرڻ ڪان پوءِ وڌيڪ تعليم پرائڻ لاءِ 1904ع ۾ ڪاليج ۾ داخل ٿيو. 1908ع ۾ ايس.ٽي.سي جي ڊگري ورتائين. 1918ع ۾ بي. اي جو امتحان پاس ڪرڻ بعد، سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ نائب معلم ٿيو. ان ڪان علاوه نيو هاءِ اسڪول ڪراچيءَ ۾ استاد ۽ بعد ۾ هيڊ ماستر بہ ٿي رهيو.

”سنڌ جو نامور عالم ۽ دانشور محمد ابراهيم جويو بہ سندس شاگردن مان هو.“ (سنڌيانا: 2011ع، ص 491)

هُو نہ فقط تعليمي ماهر بلڪ سماج جو نبض شناس قلمڪار هو. هن پنهنجي حساس دل جي آرسيءَ ۾ سماج کي جيئن پرکيو، تنهن کي بنا ڪنهن مصلحت ۽ ڊپ ڊاءَ جي اظهاريو. هن پنهنجي تخليقي ذهن کي ڪنهن هڪ صنف جو محتاج نہ ٿيڻ ڏنو پر هن سنڌي ادب جي هر صنف تي پنهنجي تخيل سان قلم کي ڪُڏايو ۽ ادب جي ڦلواڙيءَ ۾ اهڙا تہ ٻج ڇٽيا آهن، جن جي گلڪاريءَ ۽ هُڳاءَ سان ادب جو چمن مهڪاريو پيو آهي ۽ انهن گُلن جي سدا بهاري اڄ بہ قائم آهي. هن ادبي دنيا ۾ تڏهن پير پاتو جڏهن وِيهن ورهين جو نوخيز ڳڀرو جوان هو. سندس شعوري سگهہ ۽ نوجوانيءَ وارن جذبن، کيس الڳ ۽ نياري واٽ اختيار ڪرڻ تي اُڪسايو هو ۽ هن ان وقت هڪ اهڙو ناول لکيو جنهن کي تنقيد جا تير بہ سهڻا پيا. اُن ناول جو نالو آهي 'چوٿ جو چنڊ' جنهن ۾ هُو پنهنجي تخليقي واٽ لاءِ پاڻ ئي لکي ٿو تہ:

”منهنجي واٽ ئي پنهنجي آهي، لتاڙيل سڙڪ تان آءٌ هلان ئي ڪونہ ٿو.“ (جڳتياڻي، 1927ع، ص 8)

لالچند امر ڏني مل کي پهريون جديد سنڌي ڪهاڻيڪار لکيو وڃي ٿو.

1914ع ڌاري سندس ڇپيل ڪهاڻي ’حر مڪيءَ جا‘ جيڪا سنڌ ڪاليج مسيلني ۾ شايع ٿي، ان کي پهرين سنڌي اصلوڪي ڪهاڻي سڏيو ويجي ٿو.

**حُر (حر) مَڪي جا:** ان ۾ ڪو وڌاءُ نہ آهي تہ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو باني لال چند امر ڏنو مل جڳتياڻي آهي، جنهن ’حُر مڪي جا‘ لکي ڪري، ڌاڙيلن جي ظلمن ۽ انگريزن جي غاصباڻي ۽ ظالماڻي ڪردار کي وائکو ڪيو. ان ڪهاڻيءَ بابت شوڪت حسين شوري صاحب لکيو آهي تہ:

> ”لال چند امر ڏني مل جي ڪهاڻي ’حُر مڪيءَ جا‘ انگريز سامراج جي خلاف 1898ع ڌاري، جيڪا پهرين حُر تحريڪ هلي هئي، ان جي پسمنظر ۾ لکيل ڪهاڻي آهي، جنهن کي سنڌي مزاحمتي ادب جي پهرين ڪهاڻي پڻ چئي سگهجي ٿو.“ (شورو 2017ع، ص 17)

ڏاهي لال چند امر ڏني مل جڳتياڻي، ان ڪهاڻيءَ ۾ مَڪي ڍنڍ جي پسگردائي بڌائڻ سان گڏ ڪهاڻيءَ جي ڪردارن، انهن جي چورين چڪارين، ۽ عاشقيءَ معشوقيءَ جي داستانن کي بيان ڪيو آهي. هيءَ ڪهاڻي ارڙهن صفحن تي ٻڌل آهي. ڪهاڻيءَ جا ڪردار بچو خاصخيلي، پيرو وساڻ، تڳيو چانگ، عيسو ڏاهري ۽ خميسو وساڻ، عثمان ۽ سندس زال داديءَ، رضا محمد دفعدار ۽ ڪجهہ ٻيا بہ آهن. انهن ڪردارن سان بہ انصاف ڪيو اٿائين.

> ”عاشق معشوق پاڻ ۾ ڏاڍيءَ اڪير مان ڀاڪر پائي گڏيا، ڪو وقت تہ هڪ ٻئي جي جيءَ سان جڙيا پيا هئا ۽ ڳُچا بلڪل ڪين ٿي.“ (جڳتياڻي، ص 27)

انگريز سرڪار عيسُو ۽ بچوءَ کي ڦاهيءَ جي سزا ڏيئي سندن لاشن کي دفنائي، مٿن روڊ ٺهرائي، سندن نشان کي ئي مٽائي ڇڏيو آهي، پر لال چند امر ڏني مل سندن وِيرتا بيان ڪري سنڌي ادب جي تاريخ ۾ امر ڪري ڇڏيو آهي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ وڏيرن ۽ پوليس جي عملدارن جي هٿ رکڻ جا اشارا بہ ڏنا آهن، مجموعي طور تي ڏنو وڃي تہ سنڌ جي اهائي حالت آهي، جيڪا 1914ع ۾ هئي. اها هڪ سياسي، تاريخي، سماجي، جاگرافيائي پسمنظر پيش ڪندڙ هڪ رومانوي ڪهاڻي آهي. پر اها ڪهاڻي مان سمجهان ٿو تہ ڪنهن بہ ريت اها حقيقت ظاهر نہ ٿي ڪري تہ ڪو اها ’قومي مزاحمت‘ جي باري ۾ لکيل آهي. فقط هڪ جملي جي آڌار تي فيصلو نہ ٿو ڪري سگهجي. جملو ڪجهہ هن ريت آهي.

”پير صاحب جا ٻري آئي، تنهن قول ڪيو تہ آءٌ ڏاڙيلن جون ٻانهون پيش ڪندس.“ (جڳتياڻي، 1914ع، ص 14)

**ڏکن ڏڏي زندگي:** هيءَ پيار ڪهاڻي آهي، پر ان سان گڏوگڏ ان ۾ سماجي مسئلن جي بہ ٿوري اپٽار ٿيل آهي. ڪهاڻيءَ جا مڪالما ۽ منظر ڪشي تمام سني آهي ۽ آءٌ سمجهان ٿو تہ ڪهاڻيءَ ۾ اهڙي ڪا بہ پيچيدگي نہ آهي، ڪهاڻيءَ جو عنوان تہ درد سان پريل آهي، پر ان جي ابتدا ۽ انتها ۾ اهڙي ڪابہ شديد وارتا شامل نہ آهي. هن ڪهاڻيءَ جي مصنف طور آوتراءِ روپچند منچنديا جو نالو لکيل آهي. جنهن جي لاءِ منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو تہ:

”چا ڪيائين جو پنهنجو نالو ئي مٽائي ٺڪ وارو نالو آوتراءِ روپچند منچنديا اختيار ڪيائين. ڪشنيءَ جو ڪشٽ 1917ع، ڏکن ڏڏي زندگي 1925ع، لکيائين.“ (ملڪاڻي، 1993ع، ص 46)

هن ڪهاڻيءَ جي ٻولي نج ۽ سهڻي آهي.

”منهنجي دل ٺري ڳگ ٿي ويئي. دل جو ڪنول ٽڙي پيو. مون ڀانيو تہ رات رنجن جي اجها وهامي.“ (جڳتياڻي، سال 1925ع، ص 22)

**عملدار، ڪين رعيت آزار:** هيءُ ناٽڪ ڪهاڻي ٻن حصن ۾ شايع ٿي هئي، هن جو پهريون حصو سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جي ماهوار رسالي جي پنجين ڪڙيءَ ۾ شايع ٿيو هن ڪڙيءَ ۾ جملي 18 صفحا آهن ۽ سندس قيمت چار آنا رکي وئي هئي. ان ناٽڪ ڪهاڻيءَ جي ٻي ڪڙي، 20 صفحي کان، 37 صفحي تي ختم ٿي. هيءُ حصو رسالي جي ڇهين ڪڙيءَ ۾ شايع ٿيو. هن ڪڙي جي قيمت بہ ساڳي چار آنا رکي وئي هئي. هن ناٽڪ جي ڪهاڻي بہ سماج جي اوڻاين کي ظاهر ڪري رهي هئي، سرڪاري عملدار اڻجهه ۽ مسڪين ماڻهن سان جيڪي ڪلور ڪندا هئا، انهن کي ليکڪ طنزيہ انداز ۾ سهڻي نموني ناٽڪي صورت ڏني آهي.

لال چند نهايت چترائي سان ٻولي ڪتب آندي آهي، جنهن ۾ طنز سان گڏ مزاح جو عنصر بہ شامل آهي. ان سان گڏوگڏ ان دور جي بُراين جهڙوڪ: رشوت خوري، شراب نوشي، هيڻي تي مار وغيره کي پڻ پنهنجي قلم سان نروار ڪيو آهي.

”اسان وٽ جيڪي ٽپيدار رهندا هئا، سي ڪنهن ڏينهن تہ اوير پرو ايندا هئا تہ صبح جو ڪائيندا هئا ئي ڪين هئا، پر رات پوندي هئي تہ دوسي

دوسي پيٽ ۾ قلڪا اڇلائيندا ويندا هئا.“ (جهڳتياڻي، 1920ع، ص 3)

”اڪبارن (اخبارن) وارا وري ڪمڙا آهن! گورن عملدارن کي تہ پاڻ ڏکيو پيا ڏکين. البت ڪڏهن ڪڏهن ديسي هفيزرن (آفيسرن) تي اڇي متبا آهن“ (جهڳتياڻي، 1920ع، ص 25)

**سهڻي ۽ ميهار:** هي ڪتاب لال چند امر ڏني مل جهڳتياڻي ۽ ڏنگو ڪندن مل ٽڏاڻيءَ جي گڏيل ڪاوش آهي.

ان بابت لالچند پاڻ لکيو تہ:

”تورن ڏينهن کان پوءِ ڏنگو مون وٽ دستخط نسخو ڪٺي آيو. چي سائين، هي تہ پڙهي ڏسو. سهڻي ميهار لکيو هوائين.“ (جهڳتياڻي، 1939ع، ص 2)

ڏنگو ڪندن مل لکي ٿو تہ:

”شاهہ سائين جيڪڏهن سر سهڻي نہ لکي ها تہ هيءُ ناٽڪ بہ نہ لکجي ها ۽ ارپنا ڪئي آهي 'منڙي چتري تنهنجي نمت.“ (ٽڏاڻي، 1939ع، ص 2)

**اندرا ۽ چندرا:** هي ڪتاب لالچند امر ڏني مل ۽ لٽيدارام ليکراج (رهندڙ شڪارپور) جو لکيل آهي. جنهن جو پهريون ڇاپو 1915ع ۾ شايع ٿيو. ڪتاب بابت سنڌي ساهت سوسائٽي جو ڪارپرداز لکي ٿو تہ:

”ڪتاب جي رٿا نهايت وڻندڙ ۽ چهر واري هئي، پر اصل واري عبارت تي ذرا پورهيو ڪپندو هو.“ (جهڳتياڻي، 1915ع، ص 1)

هي ڪتاب ٻن ساهيڙين اندرا، چندرا ۽ هڪ پريميءَ رگهوناٿ جي پريم تي آڌاريل آهي، ڪهاڻيءَ جو مول متو قرباني آهي، جنهن کي نهايت قابليت سان نڀايو ويو آهي. ٻوليءَ جو گيان، سلوٽائي اُتم درجي تي ڏسجڻ ۾ اچي ٿي. ان دور جي ماحول ۽ اخلاقي معيار کي نظر ۾ رکي، محبت جي مقام کي فطري سادگيءَ، حيا ۽ حليمت سان پيش ڪيو آهي. لفظن جي ميناج جو جوهر ڪيڏو نہ واضح آهي.

”اندرا، تون هن ويل هتي ڇو آئي آهين؟ ڇو ننڊ نہ ٿي اچيئي ڪئن؟“

”اندرا: جن جي دل کي چوٽ لڳي، تن جا نيڻ ننڊون ڪئن ڪن؟ آءٌ تہ دل، من چت اوهان کي ارپي چڪي آهيان.“ (جهڳتياڻي، 1915ع، ص 2)

”رگهوناٿ، اندرا جو هھڙو اٽل پريم ڏسي ڏاڍو گدگد ٿيو ۽ سندس

اندر ۾ بہ پريم جون لهرون ڇوليون مارڻ لڳيون.“ (جڳتياڻي، 1915ع، ص 2)

اها ڪهاڻي چوڏهن مختصر حصن ۾ ورهايل آهي.

**ڇوٽ جو چنڊ:** هي ناول لالچند امر ڏني مل جي اها پهرين اصلوڪي ڪاوش آهي، جنهن ۾ هن مروج سماجي اصولن کان بغاوت ڪئي آهي. سندس اهو ناول پهريائين ’سرسوتي‘ مخزن ۾ 1905-1906ع ڌاري شايع ٿيو ۽ ان بعد 1921ع ڌاري ’سنڌي ساهت سوسائٽيءَ‘ جي ماهوار ڇپجندڙ ’آنڪ‘ (شماري) ۾ پڻ ڇپيو. انهيءَ ناول جو نئون ڇاپو 1947ع ۾ ’جئہ هند‘ ماهوار رسالي ۾ ’ڀارت جيون ساهتيہ منڊل‘ تلڪ روڊ، حيدرآباد، سنڌ وارن پڻ ڇپايو ۽ ان تي لکيل آهي، ’جئہ هند‘ جو آگسٽ، سپٽمبر ۽ آڪٽوبر جو رسالو. جنهن جي ارپنا ۾ پاڻ لکي ٿو تہ:

> ”ارپيان ٿو گهڻي سڪ ۽ پيار مان، هٿ ادب جا ٻڌي نولراءِ هيرانند اڪيڊمي ۽ ان جي لائقن پرين برپا ڪندڙن ۽ اوائل وارن جانفشان ڪارپردازن کي.“ (جڳتياڻي، 1947ع ص3)

لال چند امر ڏني مل جڳتياڻيءَ جي نظر سماج جي هر پهلوءَ تي هئي، هن انهيءَ اصلاحي، اخلاقي، انقلابي، سياسي ڏکئي دور ۾، اهڙي موضوع کي تخليقي صورت ڏني، جنهن کي ’شجر ممنوع‘ سمجهيو ويندو هو. راقم جي خيال موجب اهو شايد پهريون سنڌي ناول آهي، جيڪو پريمي ۽ پريمڪا بدران ٻن مرد پريمين جو قصو آهي، جنهن کي سماجي طور تي نهايت ئي ڪِرپ جوڳو ۽ غير اخلاقي سمجهيو ويندو آهي. ان سان گڏوگڏ هندو، مذهبي طور تي ’ڇوٽ جو چنڊ‘ ڏسڻ کي سٺي سَنوڻ طور نہ سمجهندا آهن، ان تي بہ راءِ زني ڪئي آهي. جيڪڏهن ٿورڙو غور ڪيو وڃي تہ انهيءَ ناول ۾ مذهبي روين کان بہ بغاوت نظر اچي ٿي. سندس ناول، اهڙن ئي روين تي آڌاريل آهي. پر ڪٿي بہ اهڙي ڳالهہ لکيل نہ آهي، جنهن کي پڙهي ڪري فحش نگاريءَ جو احساس ٿئي. منگهارام موجب ’ڇوٽ جي چنڊ‘ بابت پاڻ لکي ٿو تہ:

> ”تن ڏينهنِ جڏهن زال ذات اجا پردي مان نڪري مرد سان لهہ وچڙ ۾ نہ آئي هئي، تڏهن ويچارا نوجوان دلين جي اُپرندڙ محبت هم جنس دوستن سان ئي ونڊيندا هئا ۽ اهڙن ٻن نوجوان دوستن جي وچ ۾ بي طمع ۽ سليس سڪ جو ورنن هن ناول ۾ نفيس نموني ڪيل هو.“ (ملڪاڻي، 1993ع، ص 80_81)

ان مان اهو انومان ڪيڍي سگهجي ٿو تہ اسان جو سنڌي اديب گذريل سوا صديءَ کان ئي پنهنجي اصلاحي، اخلاقي فلسفي تي آڌاريل ڪهاڻين ۽ ناولن کان علاوه بہ اهڙين حقيقتن ۽ روين جي عڪاسي ڪري رهيو هو جيڪي انساني جبلتن

۾ شمار ٽينديون آهن، ۽ لال چند امر ڏنو مل جڳتياڻي انهن جي نفساني جذبن جون ريڪائون چِٽي رهيو هو.

آسانند مامتورا بہ سندس فڪر ڪان متاثر هو ۽ سندس ئي نوع ۾ لکيل ڪن موضوعن تي طبع آزمائي بہ ڪئي آهي.

ان ڪان علاوه 'چوٿ جي چنڊ' ۾ دل پذير محاورا، اصطلاح ۽ شعر بہ ڏنل آهن. ٻوليءَ جي چاشني چٽيءَ طرح نظر اچي ٿي.

> "پاڻ هڪ ڳلپٽ ڳيروءَ کي پاڪر ۾ وجهيو هوا ۾ پيو اُڏامي. سونهن ۽ سرهائيءَ ۾ گلاب ۽ چنبيلي ڪانئس شرمسار آهن. منهن هن جو چوڦلو ۽ ڳچي جهڙي هنس جي، پيشاني لسي نهايت موچاري، پرون پالا ڪارا، اکيون ٽنورن ڇڻون (جهڙيون) ۽ آب ڪٽورا - منجهانئن پريم پيو ڇٽي... پاڻيءَ تي وري ڏسبو تہ خود چندرما اچي براجمان ٿيو آهي، ۽ موج ۾ اچي، وار چوڙي جُهولي پيو. يا تہ ائين پيو پائنبو تہ چانديءَ جي چاپ آهي، جا پيئي پاڻيءَ جي سطح تي تري." (جڳتياڻي، 1947ع، ص: 7_8)

سڄي ناول ۾ اهڙي تہ منظر نگاري ٿيل آهي، جنهن کي پڙهڻ ڪان پوءِ ذهن، لفظن جي خوشبوءَ سان معطر ٿي وڃي ٿو. جيتوڻيڪ مٿيون ناول پنهنجي موضوع جي انوکيت سبب انتهائي توجهہ جي لائق هو ۽ هي سنڌي ادب جو نهايت ئي اهم ناول آهي. سندس لکڻين مان لفظن جي سونهن، جڙاءُ، انفراديت بخوبي نظر اچي رهي آهي. ناول جي ٻولي نهايت سُشيل، سلاست ۽ حُسناڪيءَ سان معمور آهي، منظر ڪشيءَ سان گڏ حساس ۽ جذبات جي رنگينيءَ سان پڻ سرشار آهي.

> "لالچند جي قلم ۾ اهڙي طاقت آهي، جو عام رواجي گهٽنا کي بہ هو پنهنجي اندر جي سوجهيءَ سان ڏسي، کيس انوکو رنگ عطا ڪري ٿو. هن جي ڪلڪ پارس سمان لوهہ کي بہ سون بڻايو ڇڏي." (سبزوئي' 2020ع' ص 262)

**ڪشنيءَ جو ڪشٽ:** هن جو ٻيو ناول، 1917ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ پڻ عام گهويلو زندگيءَ ۽ سماجي ڪردارن جي چڪتاڻ کي اظهاريو ويو آهي.

> "ڪشنيءَ جو ڪشٽ رواجي ڍنگ جو سماجڪ ناول آهي. منجهس آدرش پاترن ۽ بدڪار ڪردارن جو قدم قدم تي ٽڪر ڏيکاريل آهي." جيٺلي، سال 2008ع، ص 83)

هن ناول ۾ عورت تي آيل ڏکيائين سان گڏ عورت ذات جي مستقل مزاجي،

صبر، تحمل، بردباري ۽ وديا کي پنهنجي ناول جو موضوع بڻايو آهي.

"ڪشنيءَ کي پيٽ ۾ وديا پيل هئي، تنهن جو ڏڻ هوس. دل نہ لوڙهيائين، پر سمجهيائين تہ هن ڪان پوءِ ڪراچيءَ اسان جو رهيو نہ ٿئي. (جيٽلي، سال 2008ع، ص 84)

ان چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ قابل مصنف ناول جي موضوع کي نهايت سهڻي انداز ۾ قلم بند ڪيو آهي.

**سون ورنيون دليون:** لال چند جڳتياڻيءَ جو هي ٽيون ناول آهي. هو نہ فقط سنڌي ادب جو پاڙهڪ ۽ سرجڻهار هو بلڪ هن پرڏيهي ادب کي بہ سنڌيءَ ٻولي جو اهڙو تہ اوڍاڻو ڍڪايو آهي، جو اهو ڌيهي ادب پيو ڀاسجي. سندس ترجمو ڪيل ناول 'سون ورنيون دليون' (Hearts of Gold) (جيڪو ناول نگار آءِ ايڊهور جو لکيل هو) ۾ آسانيءَ سان محسوس ڪري سگهجي ٿي. جنهن ۾ هن نهايت ئي سليس ۽ شائستہ ٻولي ڪتب آندي آهي. هن کي ناول جو مرڪزي خيال شايد تمام گهڻو پسند آيو هو ڇاڪاڻ جو اهو ناول، انسانيت جي اعليٰ اخلاقن ۽ اخلاص جي ترجماني ڪندڙ آهي. جنهن ڪيس موهيو هو ۽ هن ناول جي ڪمزور پيشڪش جي باوجود ناول کي پنهنجي ٻوليءَ جي حُسن سان اهڙو تہ نکاريو جو اڄ بہ جڏهن پڙهجي ٿو تہ، ڄڻ اهي منظر اکين آڏو گردش پيا ڪن. ترجمي جو سبب ڄاڻائيندي پاڻ لکي ٿو تہ:

"هيءَ آکاڻي هڪ انگريزي ناول تان ورتل آهي. مون هن کي سنڌي ويس ان لاءِ ڍڪايو جو چيم پنهنجن ديس ڀائن کي ڏيکاريان، جو سون ورنيءَ دل وارا جِيو جتي ڪٿي ٿا ٿين." (جڳتياڻي، 1992ع، ص 4)

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1925ع ۾ ۽ ٻيو ڇاپو 1928ع ۾ 'نئين سنڌ لئبرري' طرفان شايع ٿيو هو. هن ڪتاب جا سنڌي ادبي بورڊ پاران چار ڇاپا ترتيبوار 1956ع، 1972ع، 1979ع ۽ 1992ع شايع ٿي چڪا آهن.

هن ڪتاب جي ٻوليءَ بابت محمد ابراهيم جويو لکي ٿو تہ:

"ڪتاب جي آکاڻي، گفتگو جو انداز، جذبات نگاري وغيره سڀ نهايت ڪامياب ۽ موهيندڙ آهن، وري لائق سنڌيڪار سندس ترجمي کي اهڙيءَ تہ سلوڻي سنڌيءَ ۾ پيش ڪيو آهي، جو ائين چوڻ ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو، تہ اصل کي بہ اجاگر ڪيو ويو آهي.. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙيءَ سليس، سلوڻيءَ ۽ موهيندڙ زبان ۾ تمام ٿورا ڪتاب پيش ٿيل آهن." (جويو 1992ع، ص 4)

لالچند امرڏني مل جي هن ترجمي ڪيل ناول جو ماحول جرمنيءَ جي

ڳوناٽي زندگيءَ تي آڌاريل آهي. اهي سڀ هاڪاري انساني جبلتون هن ناول منجهه موجود آهن, جيڪي انسان جي مطمئن نفس جو آئينو هونديون آهن. هن ناول ۾ پيار جي پاڪائي سان گڏ قربانيءَ اخلاق ۽ اخلاص جي ايثار به سهڻي نموني انداز ڏٺيل آهي. ٻولي نهايت سادي آهي, پر ان جي باوجود ان ۾ جيڪا رواني ۽ سواد آهي, اهو نهايت دل پذير آهي. هن مان ڪجهه ٽڪرا نموني طور ڏجن ٿا:

"ما, سڪ سواد به هڪ ٻئي سان ڪجي, ته سونهي پيو. هتي منهنجو هڏ هيٺو آءُ اوهان سان ڪيئن پهچان؟..."

"پر توڪان سوڪڙي پاڪڙي گهري ڪير ٿو؟ تون رڳو پاڻ ڪٽي مون ڪان وٺ." (جڳتياڻي, 1992ع, ص 134)...

"اوهان جي باغ جا ٿورا گل ڪپنم, اسان جا اجا ٽڙيائي ڪينهن."

"پاڻڙا! منهنجو باغ هجي, ته آءُ گل توڪي دل سان ڏيان: باغ پرائو آءُ گلن کي هٿ ڪيئن لايان؟" (جڳتياڻي, 1992ع, ص 140)

سڄو ناول سهڻن لفظن جي سرهاڻ سان سينگاريو پيو آهي.

**محمد رسول الله ﷺ:** سال 1911ع ڌاري لالچند امر ڏني مل جڳتياڻيءَ مذهبي مت ڀيد کان مٿاهون ٿي ڪري, حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن جي زندگيءَ مبارڪ تي 'محمد رسول الله ﷺ' جي عنوان سان تحقيقي ڪتاب لکيو. پنهنجي ابتدائي ڪلمات ۾ لکي ٿو ته:

"مسلمانن, خصوصاً نندي ٿهيءَ وارن جون اکيون پٽجن ۽ پنهنجي نبيءَ سڳوري جو احوال پڙهي ڏاها ٿين. منهنجو هندو ڌرم ئي مون کي سيکاري ٿو ته, هرڪو پير پيغمبر, نبي, ولي, ساڌ, سنت عزت جوڳو آهي." (سبزوئي, 2020ع, ص 67)

**شاهاڻو شاهه:** سال 1914ع ۾ لال چند امر ڏني مل جڳتياڻي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام جي نزاڪت ۽ حسن تي 'شاهاڻو شاهه' لکيو. شاهه جي اونهي اسرار کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيائين, پاڻ جيئن ته صوفياڻن خيالن جو مالڪ هو انهيءَ ڪري سندس سوچ جو محور ۽ مرڪز شاهه لطيف جي ڪلام ۾ جيڪا معنوي گهرائي هئي, تنهن تي پنهنجا ويچار ونديا آهن. شاهه جي جمالياتي انداز بيان کي هن ريت پيتا ڏني آهي.

"اهي ڪٽي ٿو پلٽون پلٽي, جو وس ڪري ٿو ڇڪي. بينظير بيانا ۽ عمدا استعارا ڏيئي هيڪانديون هڪ ڪريون ۽ رنگين روپڪ ٻڌي, وينو ٿو لاتيون لنوي, جو پڙهڻ سان ئي پتو پاٽي ٿيو وڃي ۽ هيڪاري

جي حقيقي معنيٰ اچي ته دل اتي اڏاميو وڃي.“(عرساڻي، 2009ع، ص 415)

ان ڪتاب بابت مهتاب اڪبر راشدي لکي ٿي ته:

”لطيفيات ۾ لالچند امر ڏنو مل پهريون اديب آهي، جنهن تنقيد جي عالمي اصولن کي سامهون رکي، شاهه سائينءَ جي ڪلام جي پرک ڪئي ۽ مقرر ڪيل اصولن سان ثابت ڪيو ته شاهه سائين انساني قدرن ۽ احساسن جو روشن مينار آهي. ڪاڪو لالچند سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ شاهه سائين جو سچو شيدائي هو. هن پنهنجي زندگي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ڪندي گذاري.“ (مهتاب، 1989ع، ص 4)

’شاهاڻو شاهه‘ ۾ هن شاهه لطيف جي شاعريءَ تي مختلف عنوانن سان مضمون لکي، شاهه جي ڪلام جي معنيٰ ۽ مفهوم کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس محنت نهايت داد طلب آهي. هن ودوان پنهنجي ظاهري ۽ من وديا تي توڪل رکي، شاهه جي اونهي عاشقاڻي اسرار جون نيون راهون ڳولڻ جون ڪاوشون ڪيون آهن. سندس مضمون ۾ جيڪو تاثير آهي، اهو ذهن جي وسعتن کي شاداب ڪري ٿو. هن ڪتاب ۾ شامل مضمونن جو وچور هيٺين ريت آهي:

1. شاهاڻو شاهه، 2. شاهه جي رسالي تي نڪته چينيءَ جي نظر، 3. شعر جي خوبين تي ڪنو ويچار، 4. هو بهو خوبين ۽ خاصيتن جي جاچ وغيره. شاهه سائينءَ جي شاعريءَ تي راءِ ڏيندي پاڻ لکي ٿو ته:

”سندس شعر ۾ اهڙو ڪو جادو آهي، جو پڙهندڙ جدا جدا اکرن جو ارٿ سمجهي نه سمجهي، ته به ڪيترن هنڌن جوهر سارين سٽن جو ته هرگز جهٽيو وٺي، ۽ شاعر جو خيال سندس هنيانوَ ۾ گهڙيو وڃي. نه ته به پڙهڻ ۽ ٻڌڻ مان ڪيس نهايت مزو ته پيو اچيئي.“ (مهتاب، 1989ع، ص5)

’شاهاڻو شاهه‘ ۾ لالچند امرڏني مل پنهنجي مضمون کي زور وٺائڻ لاءِ ۽ پنهنجي مفهوم کي واضح ڪرڻ لاءِ آخوند گل محمد ’گل‘ جا ڪجهه شعر به ڏنا آهن، جنهن مان سندس آخوند گل محمد ’گل‘ سان محبت، عقيدت ۽ شاعريءَ جي مطالعي جي خبر پوي ٿي.

**ماڻڪ موتي لعل:** لال چند امر ڏني مل جڳتياڻيءَ جو هيءُ ڪتاب ڪلاسيڪي شاعرن ۽ سندس دور جي شاعرن جي شاعري جي چونڊ آهي. ماڻڪ، موتي، لعل ۾ شاهه عبداللطيف، سچل سرمست، خليفو گل محمد ’گل‘، سامي، روحل فقير، خليفو محمد قاسم، مبين شاهه عنات، شاهه ڪريم، مرزا قليچ بيگ، خاڪي، غريب، وغيره جي چونڊ شاعري شامل آهي.

**سنڌي چمن:** هن ڪتاب ۾ سنڌ جي سر موڙ شاعرن شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سائين، صوفي دلپت، سامي ۽ روحل فقير جي بيتن جي معنيٰ ۽ سچهاڻي سهڻي نموني آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هي ڪتاب پنجاهه صفحن تي مشتمل آهي.

**سدا گلاب:** هي رابندر ناٿ ٽئگور جي ڪتاب جو ترجمو آهي، ۽ ڪجهه هن پنهنجي سِر نظم سرجيا آهن، جنهن جي وارتا پاڻ بيان ڪئي آهي. جنهن بابت پاڻ لکي ٿو ته:

> ”مون هي سدا گلاب، ٿورڙا بابو رويءَ جي ’باغبان‘ تان ونيءَ ۽ ٿورڙا ان جي اوٽ تي پنهنجا سرجي، گهڻي سِڪ ۽ پيار سان سنڌي ساهت جي چمن ۾ لڳايا.“ (الانا، 1999ع، ص 204)

سنڌي ادب ۾ لالچند امر مل ڏنو جڳتياڻي پهريون نثر نويس آهي، جنهن سنڌي ادب ۾ نظماڻي نثر جي ابتدا ڪئي آهي، سندس اها دعويٰ ڪجهه هن ريت آهي.

> ”آءٌ چاهان ٿو ته سنڌي ساهت جي چمن ۾ هي سدا گلاب نپٽ نوان آهن. پر سنڌين کي هڪ واري اها طرز اچي وڃي ته انهن جي سڳنڌ جو ساءُ ڪيئن ونجي ته پوءِ پڪ اٿم جو پاڻيهي پيا ڏک پريندا، ته هي سدا گلاب برابر جيءَ کي جيارينڌڙ ۽ پريم سان پُرُ آهن.“ (الانا، 1999ع، ص 204)

لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي پنهنجي انهيءَ ڪتاب کي دلڪش بڻائڻ لاءِ انهن کي مختلف عنوانن ۾ ورهائي پنهنجي شاعراڻي تخيل جي حسن ڪاريءَ سان، ادب جي ڦلواڙيءَ ۾ اهڙا ته گل پوکيا آهن، جن جي هڳاءَ سان سنڌي ادب جي مهڪار ۾ اضافو ٿيو آهي. لفظن جو اهڙو مَنڊُ جوڙيو آهي، جو ان جي سحر ۾ پڙهندڙ جڻ ته سراپجي وڃي ٿو. خيالن جي تسلسل ۾ ماڪيءَ جي لار جيان رواني آهي، جيڪا ڪٿي به ٽٽي نه ٿي، پريم جا پيالا اهڙا ته آهن، جن جو ڪيف آخري گهڙين تائين قائم رهي ٿو.

> ”ٻڌايانءِ، منهنجي دل جو پکيئڙو تنهنجي دام ۾ ڪيئن ڦاٿو؟ ڪم سوداگر جو آءٌ سک سانگي ساڻس رڳو گڏجي آيو هوس، پوءِ تنهنجي چپن جي چاش منجهان هڪڙو چندبو جو اتس پيو، انهيءَ جو سواد ڪانئس اجا نه ٿو وسري.“...
>
> ”ٻڌايانءِ، منهنجي دل جو پکيئڙو تنهنجي دام ۾ ڪيئن ڦاٿو؟ اهي سر جا وار چمڪيدار، لسا ۽ زيبدار، انهن کي جو تو چندبڪو ڏنو ته هڪڙي دل ڪانه هئي، جا اچي پٽ تي پيئي! (الانا، 1999ع، ص 206)

**ڦلن مٺ:** هيءُ مضمونن جو مجموعو ’ڦلن مٺ‘ نئين سنڌي لئبريءَ جو 46 نمبر

ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ هر قسم جا مضمون شامل آهن. جن ۾ فطرت جي منظرن کان ويندي ورزش تائين جا ويچار ونڊيا اٿائين. ڦلن مٺ ۾ بہ ڪافي مضمون جهڙوڪ: جان رسڪن ۽ ٻين جا ترجما ۽ سندن خيالن تي آڌاريل آهن. تقريباً 66 عنوانن تي مضمون شامل آهن. جن ۾ لفظن جا جواهر جرڪايا آهن. لکي ٿو:

”رنگن کي نقاش اکرن کي شاعر، اهو ڪنيو ٿا شرف ڏين. جو صدين تائين، لوڪن ۾ پيو سندن جسُ ڳائجي.“ (جڳتياڻي، 1927ع، ص 22)

ائين سندس ٻوليءَ جو رچاءُ اهڙو تہ من ٻائيندڙ آهي. جو ان جو مٺاج لونءَ لونءَ ۾ سرايت ڪندو ٿو وڃي.

لالچند امر ڏنو مل 'ڦلن مٺ' ۾ ئي 'گلن جي بهار' ۽ 'سدا گلاب' جي ڇپجڻ جي ڄاڻ ڏني آهي.

**پريم جوڀل:** هن ڪتاب جو اصل ليکڪ اِي ڊبليو ساوي آهي. جنهن جي سُڌِ لال چند امر ڏني مل پاڻ ڏني آهي، پر اصل ڪتاب جو نالو نہ ڏنو اٿائين. جڳتياڻيءَ اهو ناول ٻن حصن ۾ شايع ڪرايو. هن ناول ۾ مختصر عنوان ڏنا ويا آهن. هن ڪتاب جي ٻنهي ڀاڱن جي قيمت تي روپيا اٺ آنا آهي. هي ڪتاب ’ڪهاڻي ناول مالها پستڪ 18‘ جي سري هيٺ بمبئي مان 1953ع ۾ شايع ٿيو آهي.

هن ناول جو ماحول ۽ ڪردار يورپي آهن. پر لکاري جيڪا ٻولي استعمال ڪئي آهي. تنهن مان سنڌي ۽ هنديءَ جو ھڳاءُ پيو اچي. هن ناول جو پهريون حصو شايد 148 صفحن تي ۽ ٻيو حصو 149 کان 339 صفحن تائين پکڙيل آهي. هي ناول بہ محبت ۽ رقابت واري جذبي تي لکيل آهي ۽ مختلف عنوان ڏيئي انهن کي قلم بند ڪيو ويو آهي. هن ناول جا مکيہ ڪردار لورنا، هلاري، ڪولن،انگس،برائن، لارڊ بروڪ ۽ ٻيا بہ ڪيترائي ڪردار آهن. جيڪي پڙهڻ ناول جي گهرجن پٽاند موقعي مهل سان پنهنجو ڪردار نڀائيندي نظر اچن ٿا.

”هائو مون کي ڪا دلپسند پتني ملي ويئي تہ پوءِ مان جاٽان ٿو تہ اهڙي پريتماجو مان داس ٿي رهندس. سمجهان ٿو منهنجي للاٽ ۾ اهو لکيل آهي.“ (جڳتياڻي، سال 1953ع، ص 149)

”ڪولن ويچاري ڀانيو هو تہ مني ونڻ ڪا ستري ڳالهہ ڪانهي ڪا. تنهن کي جو سولو وجهہ ملي ويو سو هلاري جي چپن ۽ ڳلن کي چمين سان ٿڦي ڇڏيائين.“ (جڳتياڻي، سال 1953ع، ص 158)

**سچ تان صدقي:** هن ڪتاب جي سرورق تي انگريزيءَ ۾ هي لکيل آهي 'Adopted from Cardinal Wiseman's Fabiola or the Church of the Catacombs'، جنهن مان

اهو اندازو ٿئي ٿو ته سندس اهو ڪتاب اصلوڪو نه، پر ترجمو آهي. ڪتاب 275 صفحن تي ٻڌل آهي. ڪتاب ۾ ستيتاليهه عنوان آهن، جيڪي نهايت ئي لاپاڻتا آهن، ڪتاب جو پهريون قصو ماءُ پٽ جي ڳالهه ٻولهه تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جي اُٽت به ناول جهڙي آهي. جنهن جي نالي جي ڪري اهو تاثر ٿو پيدا ٿئي ته شايد اهو ڪتاب مذهبي فلاسفي کي ظاهر ڪري رهيو آهي، پر ان ۾ اهڙي ڪا به ڳالهه نه آهي، جنهن کي سَنَدَ طور پيش ڪجي. جهڙيءَ ريت ناول ۾ ڪجهه ڪردار پنهنجي سياءَ ۾ نيڪ ۽ بد هجن ٿا، ائين هن ڪتاب ۾ به آهن. رنج، راحت، خوشي، ڏک، منظر نگاري مڪالما وغيره. ڪٿي ڪٿي ديومالائي ڪردار به شامل ٿي ويا آهن.

”امان! نيٺ روح بازي ڪٿي ويو. مون کي ان مهل امالڪ پرڀو يسوع ياد پيو. چيم ڪيفاس جي گهر ۾ هيڏي ويرين ساٿس هاءِ ڪئي، چماٽن سان ڳل ئي ڳاڙها ڪري ڇڏيائونس ته به پاڻ کي جهجهيو ڪي وجهليو؟“ (جڳتياڻي، 1940ع، ص 7)

هن ڪتاب جي شروع ۾ ’پُل نامو‘ به ڏنل آهي، ۽ ڪن مها يوگين سنت پانڪريشس، سنت سيبا سشن، سنت آگنير، جون تصويرون به ڏنل آهن. ان ڪانسواءِ هيٺين عنوانن تي لکيو آهي.

خدائي جوهر، نئون پاءُ، غريب پرور، پرن، سپنو پريم جو پارکو سڪ کي سڪائڻ، ڪڏا تورو، بگهڙ ۽ لومڙ، ڌرم ورت ٻل، نرمل لڙڪ، ست سنگي، فصل ٻٽيرو، عجيب نيتي، ڪوڙا نڪر، پياس ئي ٻي، مٽي ڪان پوءِ، هراس ۾ هيسايل، هڪڙو اتم سنسڪار، اشتهار گم، آگي وٺ آزي، شهيد گنج، حياتيءَ ۽ موت تي وس، ڪل به، خار به، چاچو پاٿئيو هڪ ٻئي جا پورڪ، پلي پاڻ آئي سا نه پلي، جي وڙجن جا، اڳ ڪٿي، ثابت قدم، سچي سورمتا، عجب بدلو، سختي شهادت جي، پڌر، مطلب جي ڳالهه، ائن پهرن جو ذمو دل صاف ۽ ايمان پاڪ، شيءِ جن جي تن کي ملي، وهم وڏي شيءِ، پي پٽ جون صلاحون، ٻيا گهاٽ، سيل ستيا جو روح، ٻلدان، ٻلدان جو ڦل، حق موت، هلڻ هارا سپرين، سچو پڇتاءُ.

**هندستان جي تواريخ:** هي هندستان جي تواريخ تي لکيل ڪتاب آهي. هي ڪتاب ٻن ڀاڱن تي ٻڌل آهي. پهرئين حصي ۾ مغل ۽ مرهٽا ۽ ٻئي حصي ۾ پورچوگيز ڊچ، فرينچ ۽ انگريز شامل آهن. ٻنهي ڪتابن جي ضخامت 449 صفحا آهي. هن ڪتاب ۾ تاريخي طور تي هندستان مٿان جن قومن ڪاهون ڪيون هيون، تن جي عروج ۽ زوال جي ڪهاڻي قلم بند ڪئي آهي، منڍ ۾ هُو لکي ٿو ته:

”تواريخ جي سوالن جا جواب مئٽرڪ جا اميدوار آئنده سنڌي ۾ ڏيئي

سگھندا. ان لاءِ ھھڙي درسي ڪتاب جي گھڻي گھرج ھئي. اميد تہ ڇھين ۽ ستين درجي وارن کي ھي ڪتاب چڱو ڪارائتو ٿيندو."
(جڳتياڻي، 1925ع، ص 5)

جڏھن ڪتاب کي پڙھجي ٿو تہ نھايت حيرت ٿئي ٿي، ۽ اسان کي اڄ ۽ ماضيءَ جي تعليمي لياقت ۽ معيار جي خبر پوي ٿي. ھن ڪتاب ۾ اسلام جي آمد کان اڳ جي دور کان وٺي ھندستان جي تاريخ بيان ڪئي وئي آھي ۽ ان جي شروعات ويدن کان ڪئي وئي آھي ۽ انگريزن تي اچي دنگ ڪيو آھي. ھن ڪتاب جي قيمت ھڪ روپيو بہ آنا آھي ۽ ٻئي ڀاڱي جي ھڪ روپيو ڏھ آنا آھي.

**مسافريءَ جو مزو ۽ سير رنگ:** ھي اصل ۾ ھڪ ئي ڪتاب آھي، جنھن کي ڪن محققن بہ جدا جدا ڪتاب ڄاڻايو آھي. ھن ڪتاب جو پھريون ڇاپو مارچ 1915ع ۾ شايع ٿيو جنھن جي قيمت فقط بہ آنا ھئي. ھي ڪتاب 24 صفحن تي مشتمل آھي. لالچند امر ڏني مل جيڪي علائقا گھميا آھن، ھن ڪتاب ۾ تن جو ذڪر ڪيو آھي. جھڙوڪ: بئنگلور ويندي، نيلگري ڏانھن ويندي، ڪونور، اوٽا ڪمنڊ، اڊيار وغيره.

**ھندو نارين سان وٿل:** لال چند امر ڏني مل جڳتياڻيءَ جو ھي ڪتاب 1910ع ۾ شايع ٿيو جنھن لاءِ منگھا رام ملڪاڻيءَ لکيو آھي تہ اھو ڪتاب ترجمو آھي، پر ھن بہ اصل مصنف جو نالو نہ ڄاڻايو آھي ۽ نہ وري انھيءَ حقيقت بابت لال چند امر ڏنو مل جڳتياڻي ئي ڪجھ لکيو آھي.

ھن ڪتاب ۾ ھندو نارين سان جيڪي وٿل ٿين ٿا تہ تن جي ستن قسمن جو وچور بيان ڪيو ويو آھي.

"ڪن جزوي گھرن ۾ سندن مانُ مھت آھي، نہ تہ ٿي ويئي موچڙو پيو ٺڪاوَ ڪري، جتي ڏاج ڏيوڻ يا ڀي ڏيتي ليتي جي ماجرا آھي، اتي تہ شل ڏيءَ ڄمي ئي نہ." (جڳتياڻي، سال 1910ع، ص 3)

**ماتمين کي دلداري:** ھي ڪتاب ليڊ بيٽر جي ڪتاب 'ٿو دوز ھو مورن' جو سنڌي ترجمو آھي، پر ان ڪتاب جي خاص ڳالھ اھا تہ مصنف ان ڪتاب کي وڏيڪ مٽيادار ۽ مقصد کي واضح ڪرڻ لاءِ ۽ وحدت الوجود جي نظريي کي سنھنجو سمجھائڻ لاءِ شاھ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست، آخوند گل محمد 'گل' جا بيت پڻ ڏنا آھن. موت ۽ حيات تي بحث ڪيو آھي.

"موت ڪو سندس جيوت جي پڄاڻي ڪانھي، جيئن اسان وسھيو وينا آھيون." (جڳتياڻي، سال 1922ع، ص 15)

"۽ ھي موت سندس جيوت جي ازلي يعني اننت سيڙھيءَ جو رڳو ھڪ

ڏاڪو آهي.“ (جڳتياڻي، سال 1922ع، ص 15)

ان قلمي پورهيي کان علاوه لالچند جون ٻيون بہ ڪيترين ڪاوشون آهن. هن شاعرن جي ڪلام کي گڏ ڪيو آهي. سفرناما پڻ لکيائين. سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪندي ’سنڌي ٻوليءَ جو نچوڙ‘ جي نالي سان پڻ ڪتاب لکيو. جيل جي صعوبتن ۽ مصيبتن ۽ تجربن کي ’جيل ڊائري‘ جي عنوان سان قلم بند ڪيائين. مذهبي حوالي سان بہ ڪيترين ئي تصنيفون شايع ٿيل اٿس. تاريخ سان بہ شغف رکندو هو ۽ ’هندستان جي تاريخ‘ جي سري هيٺ پنهنجو پورهيو پيش ڪيائين.

لال چند امر ڏني مل جڳتياڻيءَ جو ادبي ڪم تمام گھڻو آهي ۽ جنهن جو مڪمل اڀياس/جائزو وٺڻ هڪ مقالي اندر ممڪن نہ آهي، جو هن وقت تائين سندس تخليقون (قلمي پورهيو) ڪنهن بہ مربوط شڪل ۾ سنڌ واسين تائين نہ پهچي نہ سگھيون آهن. سندس قلمي پورهئي جو وچور هن ريت آهي.

1. چوٿ جو چنڊ (ناول) 1905ع ٽيون ڇاپو 1947ع.
2. ڀارت ڇاوا (ناٽڪ) 1905ع هن ئي عنوان سان ملندڙ مضمون ’هند ڇاوا اٿ اٿي جاڳ ‘ ’قلن مٽ‘ ۾ شامل آهي.
3. سيٺ ڪي ويڻ (ناٽڪ) 1906ع.
4. هندو نارين سان وٺل (ترجمو : مضمون) 1910ع.
5. لک ڏيڍ کي لت (ناٽڪ) 1910ع.
6. محمد رسول الله صہ (حضور پاڪ صہ جي زندگيءَ تي آڏاريل ڪتاب) 1911ع.
7. نقد ڏرم (ناٽڪ) 1911ع.
8. رام بادشاهہ 1914ع.
9. شاهاڻو شاهہ (شاهہ لطيف بابت مختلف مضمون) 1914ع.
10. هر (حر) مکيءَ جا (ڪهاڻي) جنوري 1914ع (رپورتاز جيٺلي 2008ع، ص 164)، ٻيو ڇاپو.
11. مسافريءَ جو مزو ۽ سير جو رنگ (سفرنامو) مارچ 1915ع.
12. اندرا ۽ چندرا (ٽيندا رام ليکراج شڪارپوري سان گڏ) نومبر 1915ع.
13. سونهارو سچل 1914ع (جيٺلي، سال 2008ع ص 165).
14. ڪشنيءَ جو ڪشٽ 1917ع.
15. بيرنگي باغ جو گل ( خليفي گل محمد ’گل‘ شاعري تي تنقيد بہ ڀاڱا) 1920ع.
16. لڇاوتي، شريمتي گھوشال جي ڪهاڻي جو ترجمو 1920ع (سنڌي نثر جي تاريخ منگھارام ملڪاڻي ص 47).

17. سوديس (ناٽڪ) 1912ع.
18. سنڌي چمن. (سنڌي پنجن ڪلاسيڪي شاعرن جي شاعريءَ جو ارٿ ۽ سمجهاڻي).
19. سر ڪيڏارو (لطيفيات) ايپاس 1910ع (جيٽلي، سال 2008ع ص 164).
20. سون ورنيون دليون (ترجمو) 1925ع.
21. عمر ماروي (ناٽڪ) 1925ع.
22. سهڻي ميهار (ناٽڪ) 1925ع ڍنگو ڪندن مل ٽنڌاڻي سان گڏ.
23. سسئي پنهون (ناٽڪ) 1925ع.
24. ڦلن مٺ (مضمونن جو مجموعو) 1927ع.
25. دکي انسان (ناول) 1930ع.
26. سچ تان صدقي ( ترجمو ناول) ڇاپو ٻيو 1940ع.
27. بسنتي ديوي (ناٽڪ) 1946ع.
28. سسئي رل مئي. (ناٽڪ) 1946ع.
29. سبحان جي سڪ (ناٽڪ) 1946ع.
30. جئہ هند (ناول) 1947ع.
31. گانڌي (ناٽڪ) 1947ع.
32. وچن (ناٽڪ) 1947ع.
33. پريم جو ٻل (ترجمو ٻہ ڀاڱا) 1953ع.
34. ماڻڪ موتي لعل (ڪلاسيڪي شاعرن جي شاعريءَ جي چونڊ).
35. پنيور ( مضمون، تاريخ، ماڳ) هي مضمون ڪتاب 'ڦلن مٺ' ۾ شامل آهي، جنهن کي ڪن مضمون نگارن ٻہ ڪتاب ڪري ڄاڻايو آهي.
36. برونو (مشهور سائنسدان برونو جي حياتي تي لکيل ڪتاب جو ترجمو).
37. عملدار ڪين رعيت آزار؟ (ناٽڪ) 1920ع (جيٽلي سال 2008 ص 164).
38. ڏکن ڏڌي زندگي. (ڪهاڻي) 1925ع (جيٽلي سال 2008ع ص 163).
39. شاعرانہ گل (شاعري).
40. هِي، هُو ڇا ( ترجمو: مضمون).
41. هندستان جي تاريخ (ٻہ ڀاڱا).
42. ميران سوانح (ناٽڪ) 1954ع (جيٽلي 2008ع ص 164).
43. سنڌي ٻوليءَ جو نچوڙ.
44. جيل جي ڊائري.

45. ساميءَ جا سلوڪ.
46. ننڍڙا ناٽڪ.
47. ڪيرت رس (مذهبيات).
48. ماتمين ڪي دلداري 1922ع ( ترجمو) ليڪڪ ليڊ بِيٽر جي ڪتاب جو ترجمو.
49. شاهه جا ڪي سُرَ.
50. لڳ ننڍو جيءُ گهڻو (ترجمو) 1954ع (جيٺلي سال 2008ع ص 57).
51. ’سر ڪيڏاروءِ ’سنهن ڪيڏارو‘ (لطيفيات).
52. پرمانند.
53. سدا گلاب (ٽئگور جي ڪتاب باغبان جي نثري نظمن جو نثري ترجمو).
54. نئو ورني جو خون (ڪهاڻي) 1923ع.
55. ننڍڙي نئنا (ڪهاڻي) 1946ع مهراڻ.
56. تلوڪ ٽيمي (خاڪو).
57. مون به سنگتي ۾ ڪي ته هو (ڪهاڻي).
58. دلورا دشت 1919ع.
59. بلوو 1921ع.
60. سر سارنگ 1910ع (جيٺلي سال 2008ع ص 164).
61. سريمن ڪلياڻ 1924ع (جيٺلي سال 2008ع ص 165).
62. جيون ماٿر ياسر ڏهر 1956ع (جيٺلي سال 2008ع ص 165).

انهيءَ فهرست کان علاوه به سندس تحريرون ٽڙيل پکڙيل موجود آهن.

پير علي محمد راشديءَ لالچند بابت لکيو هو ته:

”لال چند امر ڏنو مل عملي دنيا جو ماڻهو هو. تحرير وٽندڙ تقرير گرجدار ۽ عقيدا متوازن هيس. علم ۾ اونهائي ۽ تخيل ۾ ضرورت سارو تندي هيس. سندس ساري عمر جي علمي ۽ ادبي سرگردانيءَ جو محور اهو جذبو هو. اٽڪل سٺ کن ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکي ويو ته، اهو خزانو نه کُٽي نه لال چند وسري.“ (بلوچ، 2014ع، ص 32)

لال چند امر ڏنو مل فقط ساهتڪار نه هو پر سندس من اندر هڪ ڪلاڪار به جيوت هو. هن قلم جي شهسواريءَ کي ناڪافي سمجهندي، فنون لطيفه جي دنيا ۾ به طبع آزمائي ڪئي ۽ 1905ع ڌاري ننڍڙا ننڍڙا قومي، سياسي، سماجي ۽ عاشقيءَ جي موضوعن تي آڏاريل ناٽڪ اسٽيج تي پيش ڪري داد حاصل ڪندو رهيو ۽ ڏکي انسان جي درمان لاءِ محبت جا پَها رکندو رهيو. ان سان گڏ هيٺن، ڪمزورن ۽

بيڪسن کي همت ڏيارڻ لاءِ ۽ منجهن قومي شعور سجاڳ ڪرڻ لاءِ عملي ڪردار ادا ڪيو ۽ کين پنهنجي سگهاري هئڻ جو احساس ڏياريو. سندس قائم ڪيل ناٽڪ منڊليءَ بابت مختيار ملاح جي ڪتاب ’سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ‘ ۾ هن طرح لکيل آهي.

”1905ع ۾ لالچند ’بندي ماترم ناٽڪ منڊلي‘ حيدرآباد ۾ قائم ڪئي.“
( ملاح، 2012ع، ص 153)

جڏهن ته حيدرآباد ۾ پراڻي ۾ پراڻي ناٽڪ منڊلي ’حيدرآباد پليڊرس ڪلب‘ هئي، حيدرآباد اميچوئر ڊرامئٽڪ سوسائٽي“ اٽڪل 1912ع ۾ برپا ٿي. جڏهن ته منگهارام ملڪاڻي پڻ ’بندي ماترم ناٽڪ منڊليءَ‘ جو ذڪر ڪو نه ڪيو آهي.

هي لالچند امر ڏني مل جي زندگيءَ جو اهو دور آهي، جڏهن سندس عمر جا نوجوان پريمڪا جي حسين نقش و نگارن جي تصورن ۾ زندگيءَ جا ڏينهن گذارڻ پسند ڪندا آهن، پر لالچند امر ڏني مل پنهنجي شعور کي زلفن جي غلاميءَ کان بچائي رکيو ۽ قومي درد ۾ ڏرتيءَ ماتا سان محبت جي جيڪا سُتي پيتل هئي، تنهن کيس وجودي قرار واري نرگسيت کان آزاد رکي، ڪانئس قومي سجاڳيءَ جو ڪم ورتو.

لال چند امر ڏنو مل پنهنجي ناٽڪن بابت هن ريت اظهاري ٿو.

”اسان کي رڳو انسانيت جا معمولي حق به نصيب نه ٿيا آهن. قومي تعصب ڏار، رنگ و روپ جو ڀيد وار، اسان جي نه ڪو ٿو ٻڌي، نه ڪو سٽي! وري انڌير ڪهڙا! مني جيجل جو هي حال ڏسي اسان مان ڪو واتون حرف ڪڍي ٿو ته مٿس راج ڏاني وهي جي تهمت ڏري ٿي وڃي.“
( ملاح، 2012ع، ص 154)

لال چند امر ڏني مل جڳتياڻي ڪجھ وقت صحافيءَ طور به خدمتون سرانجام ڏنيون. 1929ع ۾ گوپالداس ليکراج جي اخبار ’پرڪاش‘ ۾ ڄيٺمل پرسرام سان گڏجي اهم خدمتون سرانجام ڏنائين.

هن پنهنجي ڪاوشن کي منظر تي آڻڻ لاءِ ڏاڍو جاکوڙيو. ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي لکي ٿو، جنهن جو ذڪر مختيار احمد ملاح جي ڪتاب ۾ هن ريت ته:

”1914ع ۾ لالچند امر ڏنو مل جي ’سنڌي ساهت سوسائٽي‘ طرفان ماهوار رسالن جي شروع ٿيڻ سان سنڌي آکاڻيءَ جي اوسر ۾ تيزي آئي.“ (ملاح، 2015ع، ص 123)

لال چند امر ڏني مل جي زندگيءَ ۾ سال 1914ع وڏي اهميت رکي ٿو. انهيءَ سال هن سنڌ ادب کي شاهڪار ڏنا، جن ۾ ’شاهاڻو شاهه‘ ۽ ڪهاڻي ’حُر مَڪِيءَ جا‘

شامل آهن. هيءَ اها ڪهاڻي آهي، جنهن سنڌي ڪهاڻيءَ کي اها چِلا بخشي آهي، جيڪا سدائين امر رهندي ۽ ادب جي پيشانيءَ تي بِندي بڻجي چمڪندي رهندي.

سندس ڪهاڻين جا موضوع سياسي، سماجي هجڻ باوجود، هن ظرافت جي دامن کي بہ پڪڙي رکيو ۽ ڪيترائي ظريفانہ ناٽڪ لکيائين يا وري پنهنجي ناٽڪن، ڪهاڻين ۾ ظرافت جا واهڙ وهايائين.

پڙهائي واري دور کان وٺي سياست ۾ عملي حصو ورتائين ۽ سياسي طور تي لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي، ڪانگريس سان لاڳاپيل هو. سنڌ هاري ڪميٽيءَ ۾ بہ شامل رهيو. سياسي سفر جي ان سلسلي ۾ جيل ياترا بہ ڪيس نصيب ٿي. لال چند امر ڏني مل جو سائين جي. ايم سيد سان بہ تعلق جڙيل هو جنهن جو ذڪر سائين جي.ايم سيد پنهنجي ڪتاب 'جنب گذاريم جن سين' ۾ هن ريت ڪيو آهي.

> "جڏهن 1940ع ۾ سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ قائم ڪيو ويو تہ ان ۾ هن اسسٽنٽ سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيو. سنڌي لغت جي تيار ڪرڻ لاءِ جا ڪميٽي مقرر ڪئي ويئي هئي، ان جو اسسٽنٽ سيڪريٽري ٿي رهيو." (سيد، 2004ع ص 368)

لال چند امر ڏني مل جڳتياڻي بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ:

> "ورهاڱي کان اڳ 'مهراڻ' رسالي سان سندس گهرا ناتا هئا، ۽ شروع کان آخر تائين 'مهراڻ' جو مئنيجنگ ايڊيٽر ٿي رهيو." (الانا، 1999ع، ص 234)

لال چند امر ڏنو مل جڳتياڻي برصغير جي ورهاڱي جي ڪري سال 1948ع ۾ ڀارت لڏي ويو. هن جا سنڌ ۾ خوشحاليءَ وارا ڏينهن بدلجي هند ۾ مفلسيءَ ۾ گذريا، پر ان جي ٻڙڪ ۾ ٻاڦ بہ نہ ڪڍيائين. سندس ڪسمپرسي جو ذڪر سائين جي.ايم سيد 'جنب گذاريم جن سين' ۾ ڪيو آهي.

> "زندگيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ هن گهڻي تنگدستي ڏٺي، پر وات مان ڪڏهن بہ ٻاڦ نہ ڪڍيائين. صبر جا ڀنڊار هئس." (سيد، 2004ع، ص 368)

لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي هندستان ۾ رهندي بہ سنڌ جي محبت جا گيت ڳائيندو رهيو ۽ پنهنجي محبت جو وچن نيٺ نڀائيندو رهيو، جو وصيت ڪيائين تہ 'منهنجيون هاڏيون سنڌوءَ جي پوتر جل جي حوالي ڪجو'. پاڻ 18 اپريل 1954ع تي ديهانت ڪيائين ۽ سندس هاڏيون 12 ڊسمبر 1955ع تي سنڌ موڪليون ويون، جيڪي 18 اپريل 1956ع تي حسين آباد (گدو بندر حيدرآباد) وٽ سنڌو نديءَ جي وهندڙ ويرن/لهرن جي حوالي ڪيون ويون.

**نتيجو:**

لال چند امر ڏني مل سنڌي ادب جي آسمان تي سج سمان روشن ٿي، پنهنجي قلم جا ڪرتا پکيڙيا. سنڌي ادب ۾ ناول ۽ ڪهاڻي، جيڪا اڳ ديوين، ديوتائن، بادشاهن، شهزادن، شهزادين، وزيرن، اميرن جي مافوق الفطرت ڪردارن جي داستان گوئيءَ ۾ مصروف ٿنا هئي، تنهن کي ان ديومالائي ڄار مان ڪڍي ڪري، معياري صورت ڏيئي، جديد بنائڻ ۾، لال چند امر ڏني جڳتياڻيءَ جي ڪردار کي نه ٿو وساري سگهجي. جنهن پنهنجي ڪهاڻين کي ترقي پسند لاڙو ڏيندي، ماروئڙن ۽ سانگيئڙن، مظلومن ۽ بيڪسن جو همدرد بڻجي، پنهنجي اندر جي اڌمن جي ساٿ سان امر آواز بڻجي، سنڌي ادب جي داستان گوئيءَ جي سمنڊ ۾ پنهنجي ذات جا موتي وکيرڻ لڳو. هُن ترجمي ۽ مضمون نگاريءَ سان به سنڌي ادب ۾ واڌارو ڪيو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سندس پورهئي کي گڏ ڪري هڪ ڀيرو ٻيهر ڇپايو وڃي، ته جيئن اُسرندڙ پيڙهي لال چند امر ڏني مل جڳتياڻيءَ جي فن ۽ فڪر کان واقف ٿي سگهي.

**حوالا:**


1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ’سنڌي نثر جي تاريخ‘، ڇاپو ٽيون، 1999ع، ڇپائيندڙ، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد.
2. بلوچ، عبدالستار، پرفيسر، ’سنڌ جون سون ورنيون دليون‘ سال 2014ع، ڇپائيندڙ، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ.
3. ٽنڊاڻي، ڊنگوڪندن مل، ’سهڻي ميهار‘، 15 جنوري 1939ع، صفحو 2.
4. جڳتياڻي، لالچند امر ڏنو مل، ’ڦلن مٺ‘،سيپٽمبر 1927ع، مهاڳ 21.
5. جڳتياڻي، لالچند امر ڏنو مل، ’چوٽ جو چنڊ‘، 1947ع، ڀارت جيون ساهتيه منڊل، تلڪ روڊ حيدرآباد، سنڌ، صفحو 7_8.
6. جڳتياڻي، لالچند امر ڏنو مل، ’سچ تان صدقي‘، 1940ع، نئين سنڌ لئبرري.
7. جڳتياڻي، لالچند امر ڏنو مل، ’اندرا ۽ چندرا‘، سال 1915ع، ڪتان جو منڊ.
8. جڳتياڻي، لالچند امر ڏنو مل، ’هندستان جي تواريخ‘،ڀاڱو پهريون، سال 1925ع.
9. جڳتياڻي، لالچند امر ڏنو مل، حصو پهريون، صفحو 3.
10. جڳتياڻي، لالچند امر ڏنو مل، ’هر حر مکي جا‘، ڇاپو ٻيو 1914ع، صفحو 17.
11. جڳتياڻي، لالچند امر ڏنو مل، ’سهڻي ميهار‘ ٻه اکر، 15 جنوري 1939ع.
12. راشدي، مهتاب اڪبر، ’شاهاڻو شاهه‘ ڇاپو ٻيو 1989ع، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي

مرڪز پٽ شاهه، حيدرآباد.

13. سبزوئي، حميد ڊاڪٽر، ’هريون‘، ڇاپو...، سال 2020ع، سوانحي سنڌي ادب جو مطالعو، سنڌيڪا پبليڪيشن، صفحو 262.

14. سيد، جي.ايم، ’جنب گذاريم جن سين‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2004ع.

15. ملاح، مختيار احمد، ’سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ‘، 2012ع، ثقافت کاتو سنڌ.

16. ملڪاڻي، منگهارام، ’سنڌي نثر جي تاريخ‘، اپريل 1993ع، روشني پبليڪيشن، صفحو 80.

17. ميمڻ، فهميده حسين ڊاڪٽر، ’انسائيڪلو پيڊيا آف سنڌيانا‘، جلد ٽيون، سال 2011ع، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدر آباد، سنڌ، صفحو نمبر 491.

عبداللطيف دائيداڻو

# سنڌي ڪلاسيڪل ’وائي‘ ۽ ميون شاهه عنات رضوي

## Sindhi classical waai and miyon Shah Inaat Rizwi

***Abstract:***

*Waai is a beautiful form of Sindhi classical poetry. Its meaning is voice, Sur, lement, or conversation etc. The temperament of waai came into being from this land and emerged from local forms of the land. Soomra period is known as the earlier period of Sindhi literature. Geech (folk song), Gahoon (Poetry reading before any folklore) and Ginan (Devotional hymns or poems recited by Shia Ismaili Muslims) were sung in this period. Kafi, Waai, Moulud and Madah (Offering words of homage) were developed in the same period. In the Sama period these forms got more richness. Waai also continued its journey but no one owned it.Eventually the journey reached in Mughal Kingdom. Mubeen Shah Inayat Rizvi owned the waai he arranged his poetic work orderly as Sur and in the end he placed waai. However he became the founder of waai.*

لفظ ’وائي‘، لاڙي لهجي جو هڪ نج سنڌي لفظ آهي، جيڪو مختلف محاورن، اصطلاحن ۽ ڪچهرين وغيره ۾ ۽ عام ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ٿيندو رهي ٿو. جيئن ’وائي وارڻ‘، ’وائي بند ٿيڻ‘، ’وايون ٻتال ٿيڻ‘، ’وايون ولڙيون ٿيڻ‘ وغيره اهڙي طرح سنڌ جي عظيم شاعر شاهه لطيف رح جي ڪلام ۾ به استعمال ٿيل آهي جيئن:

’راجا رتولن ۾، ورنائي وائي‘ (سورٺ)

’وڏيل ٿي وايون ڪري، ڪنل ڪوڪاري‘ (معذوري)

’پڙاڏو سوئي سڏ، ور وائي جو جي لهين‘ (ڪلياڻ)

’اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون‘ (سامونڊي)

مٿي بيان ڪيل مڙني محاورن ۽ پٽائيءَ جي انهن سٽن تي غور ڪبو ته لغت جي اعتبار کان سڀني جي معنيٰ ٿيندي: ’آواز‘، ’سُر‘، ’پِڪو‘، ’ڪُوڪُ‘، ’دانهن‘، ’گفتگو‘، ’زبان‘ ۽ ’ڳالهه ٻولهه‘ وغيره.

پروفيسر محرم خان لکي ٿو ته:

”وائي ڏکڻ سنڌ يعني لاڙ جو هڪ مقامي نج سنڌي محاورو آهي ۽ لغت جي اعتبار کان معنيٰ اٿس: ’آواز‘ ۽ ’سُر‘، ’پڪو‘، ’بيان‘،

’گفتگو‘، ’زبان‘ ۽ ’ڳالهہ ٻولهہ‘ وغيره.“[1]

وائيءَ جي معنيٰ کان پوءِ ڏسڻ گهرجي تہ هن جو مادو يا ڌاتو ڪهڙو آهي؟ غلام محمد گراميءَ موجب:

”منهنجي راءِ آهي تہ وائيءَ جو تعلق ’واءُ ۽ وائي‘ سان نہ پر ’واءِ واءِ ڪرڻ‘ هڪ محاورو آهي، يعني دانهون ڪرڻ، پٽڻ ۽ روئڻ. لطيف جي درگاهہ تي ٿيندڙ راڳ ۾ بہ رڳو ’واءِ واءِ‘ آهي. ان ۾ لفظ ۽ حرف جڙڻ تہ آهن ئي ڪين.“[2]

مخدوم طالب الموليٰ وائيءَ تي بحث ڪندي ان نتيجي تي پهتو آهي تہ وائي ’واءُ‘، ’وارتا‘، ’ورت‘ مان نہ پر ’واڻي‘ جي بدليل صورت آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’ٻول‘ يا سخن پاڻ گروناڪ جي ٻاڻين لاءِ بہ وايون لفظ استعمال ڪندي لکي ٿو تہ:

”وائيءَ کي ڏسجي ٿو تہ ان جو گهاڙيٽو ٻاڻين وارو ئي آهي. فرق فقط هيترو آهي تہ وائي جو ٿل بہ اڌ ٿئي ٿو يعني پهرئين اڌ ۾ قافيو ۽ ٻيو اڌ بنا قافيي جي هوندو آهي ۽ وائي ۾ ٻن مصراعن جي بدران وڌيڪ مصراعون ٿينديون آهن. شاهہ يا ان کان اڳ وارن شاعرن جو گهاڙيٽو بہ ٻاڻي جهڙو آهي.“

ڪنز قدوري قافيہ، ڪي ڪين پڙهيوم
سوپاڙو ئي ٻيو جيان پرين لڌوم
’قاضي قاضن‘(قادن)[3]

مخدوم صاحب جي انهيءَ بيان کان پوءِ سڌو سنئون ذهن ۾ اچي ٿو تہ وائي دوهي يا سورٺي سٽن کي هيٺ مٿي اڳيان پويان ڪرڻ سان وجود ۾ آئي، پر واڻيءَ مان وائي ڪيئن ٿي، ان لاءِ مخدوم صاحب شڪ ظاهر ڪري ٿو تہ:

”شاهہ صاحب جي محفل ۾ دهليءَ جا بہ وڏا موسيقيءَ جا استاد ’اٿل ۽ چنچل‘ هوندا هئا. جيڪي دهليءَ کان آيل هئا. جن شاهہ صاحب جي ڪلام کي موسيقيءَ مطابق ترتيب ڏنو هو تہ ڪلام کي واڻيءَ جو نالو ڏنو هجي جيڪو سنڌي ۾ ساڳي معنيٰ ادا ڪندڙ لفظ بدلجي وائي ٿي پيو هجي... شاهہ سائينءَ جي ڪلام کي اٽل ۽ چنچل ترتيب ڏنو هو تن واڻي لکيو هجي جيڪو ڦري وائيءَ تي پيو هجي.“[4]

مخدوم صاحب جي راءِ تي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو ته بيت ۽ وائي ٻئي ساڳي ڇند جي وزن مطابق آهن پاڻ لکي ٿو ته:

" بيت اها صنف آهي جيڪا ڇند ۾ آهي ۽ وائي به ساڳئي وزن ۾ آهي، وائيءَ بابت ساميءَ جي هيءَ سٽ به بيان ڪائي ٿي:

’ويدن جي وائي، سا سنڌي ۾ سمجهايم‘." [5]

مٿي بيان ڪيل نظرين ۽ راين جي روشنيءَ ۾ ثابت ٿئي ٿو ته ’وائي‘ هڪ نج سنڌي لفظ آهي، جيڪو آواز جي معنيٰ ۾ ادا ٿئي ٿو. اهو آواز ’واءِ واءِ‘ هجي يا ’هاءِ هاءِ‘ رڙيون هجن يا ڪوڪون پر سنڌيءَ ۾ اهڙي هر قسم جي آواز کي وائي چئبو آهي.

معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ سان معنيٰ اٿس ’ڳالهه ٻولهه، گفتگو يا گفتار‘ شاعريءَ ۾ موسيقيءَ جي لحاظ سان هڪ سُريلي صنف طور مشهور ۽ عام آهي.

**وائيءَ جو جنم:**

مخدوم طالب المولیٰ جو خيال آهي ته ’وائي‘ سنڌي بيتن جي سنڌي قصيدي مثال ابوالحسن جي سنڌيءَ مان پيدا ٿي آهي، ڇو ته وائي ۽ انهن جو گهاڙيٽو ساڳيو آهي پاڻ لکي ٿو ته:

"وائي، بيت، مداح يا سنڌي قصيدن، مثلاً ابوالحسن جي سنڌيءَ مان نهي آهي، ڇو ته انهن ٽنهي صنفن جو گهاڙيٽو ساڳيو آهي. جيڪڏهن اهو بيت، جنهن جي پهرين سٽ اڌو اڌ ٿئي ٿي ۽ باقي منجهس ٻن سٽن کان گهٽيون سٽون آهن. ان جي پڇاڙيءَ واري سٽ جو پويون اڌ پهرين ۽ پوئين اڌ پوءِ ڪٽي ڪجي ته وائيءَ واري شڪل ٿي پوندس." [6]

مخدوم صاحب جي هن بيان ۾ واضح ٿئي ٿو ته وائيءَ جو بنياد يا اصل شڪل بيت واري آهي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي به اهڙي راءِ جي حمايت ڪندي، پنهنجي تصنيف ’سنڌي ادب جي تاريخ‘ جلد پهرئين ۾ اهڙو بحث ڪندي انهيءَ ڳالهه جي حمايت ڪندي نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر صاحب وائيءَ جو بنياد بيت کي مڃي ٿو:

"بيت لاءِ دوها ۽ سورٺا ڇند بنيادي ڇند آهن. وائي فقط آخري سٽ جي ڪري گهڻو ڪري دوهي ۽ ٿڏويري دوهي مان اسريل نظر اچي ٿي." [7]

مٿي ڏنل مخدوم طالب المولیٰ جي بيان ۽ ان کان پوءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي بيان کان پوءِ اها راءِ وائي جو ڏاتو يا مادو بيت خاص طرح دوها ۽ سورٺا

چند مان اسريل نظر اچي ٿو پر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وائي جي ابتدا بابت پنهنجا ويچار لوڪ ادب جي سلسلي 'ڳيچ' جي مقدمي ۾ ونديا آهن. اهي ڪي قدر مختلف نظر اچن ٿا. جنهن موجب تہ وائي اصل ۾ ڳيچ مان اسريل نظر اچي ٿي، چاڪاڻ تہ ڳيچ جو ڳائڻ سان تعلق آهي پاڻ لکي ٿو تہ:

"ڳيچ جي هن سادي سٽاءَ وارو بنيادي خاڪو سنڌي وائيءَ جي اسرڻ لاءِ هڪ اهم سرچشمو بڻيو آهي."(8)

سنڌي ادب، جنهن جي شروعات سومرن جي دؤر کان ٿي، ان وقت جي ادب کي اسان جي ادبي تذڪرن ۽ تاريخن بابت واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ ڳاهون، ڳيچ ۽ ڳنان وغيره هن دؤر ۾ ڳايا ويا. هيءُ دور جيئن تہ سنڌي ادب يا شاعريءَ جو بنيادي دؤر هو سنڌي شاعريءَ جون بنيادي صنفون جيئن ڪافي، وائي، مداحون، مولود وغيره هن ئي دؤر ۾ اُسريا، پوءِ سما دؤر ۾ انهن صنفن ۾ اجا پختگي آئي. اهو سفر هلندو رهيو سنڌ جي هيءَ سريلي صنف هڪ آزاد پکيءَ وانگر آزاد فضائن ۾ پنهنجون اڏامون جاري رکيون هونديون، پر ڪيس ڪو پنهنجي ڪرڻ وارو نہ مليو ۽ جي مليو تہ اهو اجا تائين خاموشيءَ جي پردي ۾ ويڙهيل آهي، جنهن جو نالو نشان نہ آهي. اهو سفر شاهہ لطف الله قادريءَ تائين هليو پر ڪو بہ وائيءَ جو نالو نشان ظاهر نہ آهي. آخر ڪار مغل شهنشاهيت جي آخري دؤر ۾ هڪ اهم شاعر 'ميون شاهہ عنات رضوي' ساماڻو جنهن ان اڏامندڙ پکي يعني وائيءَ کي پنهنجي گرفت ۾ آندو ۽ پهريون وائيءَ جو شاعر يا باني ٿيو.

پروفيسر محرم خان لکي ٿو تہ:

"ميون شاهہ عنات رضوي پهريون ئي شاعر آهي جنهن انهيءَ اڏامندڙ عوامي گيت کي هيرائي پالي پنهنجو ڪيو ۽ انهن کي پنهنجي لاثاني سفر ۾ جڳهہ ڏني، ميين شاهہ عنات کان اڳي ڪنهن بہ شاعر جي شاعريءَ ۾ وائي دستياب نہ ٿي آهي."(9)

مٿي بيان ڪيل سڄي بحث کان پوءِ اها راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي تہ سنڌي شاعريءَ جي مقبول ۽ عوامي صنف وائيءَ جو خمير هن ڌرتيءَ ۽ ڌرتي جي ديسي صنفن مان وجود ۾ آيو آهي. پوءِ اهو ڳيچ هجي يا ڳاهہ بيت هجي يا مداح ۽ قصيدو هجي يا ابوالحسن جي سنڌي بي اها ڳالهہ تہ، وائي جيڪڏهن ميين شاهہ عنات رضويءَ کان پهرين جنم وٺي چڪي بہ هئي، تہ بہ ان جي امڪان ڪانسواءِ ثبوت

طور ڪا بہ وائي ۽ ان جو مؤجد جو نالو نٿو ملي. ان ڪري جيڪڏهن ميين شاهہ عنات کي ان جو مؤجد قرار نہ بہ ڏجي، تہ بہ اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ ميون شاهہ عنات، سنڌي وائيءَ جو دريافت ڪندڙ ۽ مؤجد ثاني ضرور آهي، جنهن وائيءَ کي باقاعدي صنف جو درجو ڏئي، ان تي طبع آزمائي ڪئي ۽ پوءِ جي شاعريءَ لاءِ هڪ سُونهي ۽ استاد جو ڪردار ادا ڪندي، وائيءَ کي سندن هٿن تائين پهچايو آهي.

**ميين شاهہ عنات جي وائي:**

ميين شاهہ عنات جي سوانح بابت تفصيلي ذڪر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي تصنيف ’ميون شاهہ عنات جو ڪلام‘ جي مقدمي ۾ ملي ٿو جيڪو 1963ع ۾ ڇپيو. هن مختصر مقالي جو بنيادي ماخذ بہ سندن تحقيق آهي.

ميون شاهہ عنات، نصرپور جي رضوي سيدن مان شاهہ نصير الدين جي گهر ۾ جائو ميين صاحب جا وڏا بنيادي طرح سان غوث بهاءُالدين ذڪريا ملتانيءَ جا مريد هئا، تنهنڪري ان خاندان ۾ سماعُ جون محفلون ٿينديون هونديون، جن جو اثر ميين صاحب تي پيو هوندو. ٻيو تہ ميون شاهہ صاحب ننڍي وهيءَ کان وني آزاد طبع، خود خيال ۽ رسمي پابندين جي خلاف هوندو هو سندن خاندان ۾ هيءَ روايت مشهور آهي تہ:

”ميون شاهہ عنات اڃا ڏهن ٻارنهن سالن جي عمر جو مس هو تہ سندن والد شاهہ نصيرالدين وفات ڪئي، تنهنڪري هن جي سنڀال سندس وڏي ڀاءُ ميان احمد شاهہ جي ذمي ٿي، پر ميون شاهہ عنات ننڍي هوندي کان ئي رسمي پابندين کان آزاد ۽ قدري خود خيال هوندو هو. ڪيس راڳ رهاڻ جو فطري ذوق هوندو هو ۽ هو آزاديءَ سان عام ڪچهرين ۾ اٿڻ ويهڻ لڳو. احمد شاهہ کي اها ڳالهہ نہ وڻي ۽ شروع ۾ کين منع ڪيائين پر آخر ٻيوس ٿي پنهنجو پاڻ پليائين.“(10)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڏنل هن روايت ۾ ظاهر آهي تہ ميين شاهہ عنات کي هڪ تہ موروثي طرح سان خاندان مان سماع ۽ راڳ ورثي ۾ مليا هئا، ڇاڪاڻ تہ سهروردي طريقي ۾ سماع جائز آهي، تنهنڪري ميين صاحب جي ڪلام ۾ ’سُر ڌناسري‘ ملتان جي بزرگن بهاءُالدين ملتانيءَ ۽ سندس خاندان تي ڳايل آهي، جيئن:

”اڳئين جو عنات چئي آهي ايڏاهين پنڌ“

يا

”غوثان ختم بهاءُالدين، نبيان ختم رسول ﷺ“(11)

ميين صاحب جي زندگيءَ جو ٻيو پهلو رسمي پابندين جي خلاف آزاد

زندگيءَ ۾ آزادي سان عام ڪچهرين ۾ وڃڻ هو. محفلن ۾ ويهڻ کان وڏو پاءُ ڪيس منع ڪندو رهيو ۽ پابنديون لڳائيندو رهيو پر ميون صاحب سندس ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري مگڻهارن ۽ ڳائڻن جي محفلن ۾ ويندو رهيو. مقصد تہ ميين صاحب جيڪو ڪجهہ حاصل ڪرڻ چاهيو ٿي ان مان ڀرپور حظ حاصل ڪيائين. رسمي پابندين جي خلاف بغاوت ٿي هئي جنهن سنڌي شاعريءَ جي جهول ۾ وائي جهڙي سريلي صنف وڌي. پنهنجي ڪلام کي سُروار يا سرود جي شڪل ۾ آڻي لکيائين ۽ هر سُر جي آخر ۾ وائي ڏيئي پنهنجو رسالو مڪمل ڪيائين. سندس پيشرو شاعرن قاضي قاڌن يا شاهہ ڪريم جي شاعريءَ کان پيغام پهچائڻ جو ڪم ورتو يعني شاعري فقط ذريعو هئي پر ميين صاحب جو مقصد شاعري ڪرڻ هو ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ:

”.... قاضي قاضن توڙي شاهہ ڪريم اصولي طور صوفي ۽ درويش هئا، جن سلوڪ ۽ طريقت جي نڪتن کي بيان ڪرڻ خاطر بيت چيا. سندن واسطي شاعري مقصد نہ پر ذريعو هئي. ميون شاهہ عنات پنهنجي طبعي ذوق سبيبان شاعر ٿي ساماڻو ۽ شاعريءَ مان پورو هز حاصل ڪيائين. ميين شاهہ عنات هڪ صوفي درويش جي حيثيت سان شاعري نہ ڪئي، بلڪ شاعريءَ جي ذات سندس واسطي درويشيءَ جو باعث بڻي.“(12)

ميين عنات کي شاعريءَ جي ڏات مليل هئي، جيڪا پوءِ سندس بزرگي جو سبب بڻي. ان ڪانسواءِ سندس ننڍي وهيءَ کان موسيقيءَ سان چاهہ ڪيس موسيقيءَ جو ماهر بنائي ڇڏيو. پاڻ تندوري جي تارن سان پنهنجي دل وندرائيندو رهيو ۽ موسيقار بنجي ويو. آخرڪار سندس باغيانہ طبيعت سنڌي شاعريءَ ۾ انقلاب آندو جو پاڻ پنهنجي شاعريءَ کي سوڌي سنواري سُر يا سرود وار رکيائين جيڪا هڪ نئين روايت هئي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ:

”ميون شاهہ عنات پهريون شاعر آهي جنهن جي ڪلام ۾ سنڌي وائي هيئيت توڙي مضمون ۽ معنيءَ جي لحاظ سان اوج تي نظر اچي ٿي. ’وائي‘ جا موجد سنڌي صوفي شاعر هئا ۽ وائي آڳاٽي دور کان وٺي رائج هئي، پر شاهہ عنات کان اڳ چيل وايون غالباً محفوظ نہ رهيون آهن....... شاهہ عنات جون سڄيون ساريون ٻائيتاليهہ وايون ملن ٿيون...... معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ سان ميين صاحب جون وايون تيرنهن جدا جدا مضمونن تي مشتمل آهن. جن مان 3 خالص مولود، 14 مداحيہ، 2 دعائيہ، 1 نصيحت، 3 سرمارئي، 1 سر ليلان، 2 سر مومل راڻو 6 سر سسئي، 1 سر

سورٺ، 1 سر سارنگ، سرڪاموڏ (گندري)، 2 هنجهن بابت ۽ 5 غنائي آهن."[13]

ميين صاحب جي ڪلام تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته سندن ڪلام مختلف مضمونن ۾ سر وار رکيل آهن.

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي لکي ٿو ته:

”توڙي جو وائي سنڌي شاعريءَ جي قديم صنف آهي، جيڪا اڳ ۾ به چئي ويندي هئي، پر ميون عنات پهريون شاعر آهي، جنهن وٽ پهريون ڀيرو وائي هڪ ’صنف‘ طور ملي ٿي. هن مختلف داستانن ۾ وايون ڏيئي وائيءَ جي صنف ۽ ان جي حيثيت کي مڃرايو. اها ڳالهه غلط آهي ته شاهه لطيف وائيءَ جو مؤجد آهي..... حقيقت ۾ شاهه عنات يقيناً وائي جو مؤجد آهي. اهو فقط پراڻي واڻي ۽ ميين عنات جي وائي کي پڙهڻ کان پوءِ محسوس ڪري سگهجي ٿو ته ميين عنات ان لحاظ سان ڪيڏو وڏو ڪمال ڪيو آهي."[14]

**وائيءَ جا گهاڙيٽا ۽ ميين شاهه عنات جي وائيءَ ۾ انفراديت:**

سنڌي ادب ۾ وائي ۽ ڪافيءَ جي گهاڙيٽن تي ڪو خاطر خواه ڪم نه ٿيو آهي، سواءِ ڪجهه چند مضمونن جي جن ۾ ڪجهه هن متعلق مواد موجود آهي. وائيءَ جي گهاڙيٽن بيان ڪرڻ کان پهرين ڪو اصول قائم ٿئي، ان کان پوءِ ميين عنات جي وائيءَ جي گهاڙيٽن کي بيان ڪجي، انهيءَ لاءِ گل نصرپوري جو مضمون ’وائيءَ ۽ ڪافيءَ جا گهاڙيٽا‘ سامهون آهي. ان ۾ گل نصرپوري، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جي حوالي سان لکي ٿو ته:

”وائي ۽ ڪافيءَ جو بنياد به ڇند متعلق آهي، جيئن: دوها ۽ سورٺا ٺهيل آهن، اهڙي طرح وائي به ڇند تي آهي...وائيءَ جو پهريون گهاڙيٽو اهو آهي، جنهن ۾ ٿلهه خواه بندن جي پڇاڙيءَ ۾ قافيو اچي ٿو، اهڙي گهاڙيٽي واري وائيءَ کي ’دوها وائي‘ چئجي ٿو."[15]

جڏهن ته وائيءَ جي گهاڙيٽن لاءِ ٻيو اصول هُن اهو ڄاڻايو آهي ته:

”وائيءَ جو ٻيو گهاڙيٽو اهو آهي، جنهن ۾ ’ٿلهه‘ جي وچ ۾ بندن جي پڇاڙيءَ ۾ قافيو ٿئي ٿو. اهڙن گهاڙيٽن واري وائيءَ کي ’سورٺا وائي‘ سڏبو."[16]

موسيقيءَ جي استادن قافين يا پدن جي ڦيرڦار سان ڪجهه ٻيا بہ قسم بيان ڪيا آهن. جيئن: ٻہ پدي، ڏيڍي، ٽيڍي يا ٽي پدي وائي.

هتي اسان ميين شاهہ عنات جون وايون ڏسنداسين تہ نؤ (9) وايون اهڙيون آهن، جن جي ٿلهہ جي آخر ۾ قافيو آيل آهي مثال:

ٿلهہ دوس قريشي! عرب ديسي! تو کي رب سنڀالي ميان سائين

1. اول نور نبي جو تاري ۾ رکيائين (ڪلياڻ فصل ٻيو)

تو کي مڱان، تون آهين، ٻيو درڪون سجاڻان.

انڌا ڪري اڳ ۾ ڪونائين ڪاڻا.......

چانکي چرهو چکيو ڪي جو ڪاڪ تڙاءُ

ڪرهو سرهو ڏيهہ ۾، تنهن کي ڏپ نہ ڏاءُ......

(مومل راڻو وائي نمبر 2)

ميين عنات جون 33 وايون اهڙيون بہ آهن، جن ۾ ٿلهہ جي وچ ۾ قافيو اچي ٿو مثال:

منهنجي سيد سار لهندو، مون کي آهي اميد الله ۾

سجدي پئي سپرين، زاري زور ڪندو

(ڪلياڻ فصل پهريون)

ڪاجا ڳالهہ ڪيائون، يا الا! مون من تنهين موهيو.

حال حقيقت، منهن معرفت، ڏسي ڏات ڏنائون.

مٿي بيان ڪيل مثالن ۾ وائيءَ جي مقرر ڪيل اصولن تي ميين شاهہ عنات جون وايون پوريون آهن. تنهنڪري راقم جي راءِ ۾ ميين شاهہ عنات، وائيءَ جو قافيو آخر ۾ ۽ ڪٿي وچ ۾ بہ آندو آهي، ڪٿي اندرين قافين بہ سندس وائيءَ جي موسيقيت ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. ان کانسواءِ ميين صاحب جي وائيءَ ۾ قافيي سان گڏ رديف جو بہ سهڻو مثال ملي ٿو: مثال:

”تي من موهيو ڄام، جو سونهن سيڻ ۾ وتري گندري

سمي سونهاڻي، محبت هاڻي مهائي مها سوندري گندري“

ماهرن وائيءَ جي گهاڙيٽن لاءِ بنيادي طرح سان بہ اصول قائم ڪيا آهن: (1) اهڙيون وايون جن جي ٿل ۾ قافيو آخر ۾ ايندو آهي، (2) اهڙيون وايون جن جي وچ ۾ قافيو اچي ٿو.

ميمڻ عبدالمجيد لکي ٿو تہ:

"قافيو ٽل جي آخر ۾ اچي ۽ سڀ مصرعون ٽل سان هم قافيه ٿين."[17]

ميين شاهه عنات جي سرپرياٽ فصل ٻيو مان هڪ وائي مثال طور پيش آهي:

ٽل- توکي مڱان، تون آهين، ٻئو در ڪونه سڃاڻا

1. انڌا ڪري اڳ ۾، ڪوڻائين ڪاڻا

2. الاهي! عنات چئي، نوازي نماڻا.

هن وائيءَ تي غور ڪبو ته ٽل جي آخر ۾ قافيو آهي، جيڪو هر بند يا مصرع سان هم قافيه آهي. اهڙيءَ طرح ٻئي اصول تي نظر وجهبي ته ٽل ٻه اڌ يا ٻن پدن ۾ نظر اچي ٿو ان جي وچ ۾ قافيو اچي ٿو ۽ ٻيو پد وراڻي لاءِ استعمال ٿئي ٿو. هر مصرع کانپوءِ اها وراڻي استعمال ٿيندي آهي. ميين شاهه عنات جي هن وائيءَ تي غور ڪبو ته هن اصول تي پوري نهڪي بيهي ٿي.

ٽل: منهنجي سيد سار لهندو الله،

مون کي آهي اميد الله ۾

بند: سجدي پئي سپرين، زاري زور ڪندو

مون کي آهي اميد الله ۾.

ميين شاهه عنات جي واين تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هُن واين ۾ مٿي بيان ڪيل ٻن اصولن کانسواءِ وائيءَ جي ٽل يا مصرع ۾ قافين جا ٻٽا ٻٽا جوڙ لڳايا آهن.

ٽل: اڄ گهر، اڄ گهر، ايندا سپرين، ويني ڪانگ اڏايان،

ايهين پانئيان

بند: چرندي مالهه، پروڙيم ڪالهه، سرتين ڳالهه سڻايان،

ايهين پانئيان

**نتيجو:**

سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي سُريلي ۽ عوامي مقبول صنف وائيءَ جو مادو ڳاهه هجي، ڳيچ هجي يا ابوالحسن جي سنڌي، پر سندس خميرُ سنڌ ڌرتيءَ سان جُڙيل آهي. جيئن ته سنڌي ادب جي شروعات سومرن جي دؤر کان ٿي، تنهنڪري ايئن چئي سگهجي ٿو ته وائي به سومرن جي دؤر کان شروع ٿي هوندي، پر ڪيس ڪنهن پنهنجو نه ڪيو. آخرڪار مغل شهنشاهيت جي آخري دؤر ۾ ميين شاهه عنات رضويءَ پنهنجي رسالي جي هر سُر جي آخر ۾'وائي' کي جاءِ ڏني ۽ پاڻ وائيءَ جو مؤجد بڻيو. هن کان اڳ ڪنهن به شاعر جي شاعريءَ ۾ وائي نظر نه آئي آهي. ميين شاهه عنات جي وائي منفرد حيثيت رکي ٿي.

## حوالا:


1. جويو ابراهيم, (مرتب) ’سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعري‘, سنڌي ادبي بورڊ, ص 240.
2. الانا, غلام علي, سهڙيندڙ: زبيده شيخ, ’ادبي اوسر‘, سنڌي زبان پبليڪيشن, حيدرآباد, ص 38.
3. مخدوم, طالب المولیٰ, ’ڪافي‘, بزم طالب المولیٰ, هالا, 1962ع ص 52.
4. مخدوم, طالب المولیٰ, ’ڪافي‘, بزم طالب المولیٰ, هالا, 1962ع, ص 52_53.
5. جوڻيجو عبدالجبار, ڊاڪٽر, ’سنڌي ادب جي تاريخ‘, جلد پهريون, سنڌي لئنگئيج اٿارٽي, حيدرآباد, 2004ع, ص 331.
6. مخدوم, طالب المولیٰ, ’ڪافي‘, بزم طالب المولیٰ, ص ؟؟, هالا, 1962ع.
7. جوڻيجو عبدالجبار, ڊاڪٽر, ’سنڌي ادب جي تاريخ‘, جلد پهريون, سنڌي لئنگئيج اٿارٽي, حيدرآباد, 2004ع, ص 232.
8. بلوچ, نبي بخش خان, ڊاڪٽر, ’مقدمو ڳيچ‘, سنڌي ادبي بورڊ, 1963ع, ص 14.
9. جويو ابراهيم, (مرتب) ’سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعريءَ جو آڳاٽو دؤر‘, سنڌي ادبي بورڊ, 2007ع, ص 241.
10. بلوچ, نبي بخش خان, ڊاڪٽر, ’ميين شاهہ عنات جو ڪلام‘, سنڌي ادبي بورڊ, 1963ع, ص 91.
11. ساڳيو ص 90.
12. ساڳيو ص 66.
13. ساڳيو ص 62.
14. سميجو اسحاق, ڊاڪٽر, ’مرتب: ميون عنات رضوي هڪ اڀياس‘, 2019ع, ص 202_203.
15. نصرپوري, گل, ’وائي ۽ ڪافيءَ جا گهاڙيٽا‘, نئين زندگي, نومبر 1964ع, ص 22.
16. ساڳيو ص 22.
17. ميمڻ, عبدالمجيد, ڊاڪٽر, ’جوتيون جواهرن جون‘, عجائب اسٽور, سکر, 1971ع, ص 12.

سميع سجاد ميراڻي

# فقير قادر بخش بيدل جي سنڌي شاعري: هڪ اڀياس

**A study Sindhi poetry of Faqeer Qadir Bux Bedil**

***Abstract:***

*After the Shah jo Risalo and Sachal Sarmast jo Risalo the Risalo of Bedil Sain is well recognized in history of Sindhi Sufi poetry. Bedil Faqeer himself is learned and well_known poet of historical city Rohri. Bedil Faqeer has got spirituality from his father's inheritance. But he was only best poet of his family. His father Muhammad Mohsin was perfectly prayerful person. He spent most of his time in the devotion of Allah. Those were his father's good deeds that Bedil Faqeer became not only the best poet but also greatest scholar of his time. He has written almost 34 books in his 59 years life. From his 34 written books only three books are in Sindhi, Urdu and Siraeki languages. Bedil Faqeer's other books are written in Arabic and Person languages. In Sindh after best poets shah Abdul Latif and Sachal Sarmast the poetry of Bedil Faqeer became famous throughout Sindh. In his poetry he has pointed out the message of Quran Pak, Hadith sharif and love of humanity.*

*He has composed most of his poetry oneness of Almighty Allah.This research paper is a brief discussion on his poetry's different aspects.*

شاهہ عبداللطيف جي رسالي ۽ سچل سرمست جي رسالي کان بعد فقير قادر بخش بيدل جو رسالو سنڌ جي صوفياڻي فڪر جو هڪ اهم ماخذ آهي. بيدل فقير جي سوانح حيات بابت گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي، پر بيدل فقير جي زندگيءَ جا ڪيترا ئي پهلو رهيل آهن، جن تي تحقيق جي ضرورت آهي. بيدل فقير هڪ وڏو عالم، عارف ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. جنهن فارسي، عربي سنڌي، سرائڪي ۽ اردو زبان ۾ 36 ڪتاب لکيا آهن. جن مان 24 شايع ٿيل آهن ۽ 12 اڻ ڇپيل آهن. بيدل فقير، حضور ڪريم صہ کان وٺي صحابہ اڪرام رضہ ۽ امامن سڀني رضہ تائين ۽ ٻين ڪيترن ئي بزرگن جي ولادت ۽ وصال جون تاريخون فارسي ’قطع تاريخ‘ ۾ لکي محفوظ ڪيون آهن، پر بيدل فقير پنهنجي خاندان جي شجري يا پنهنجي حياتيءَ ۽ تعليم تربيت بابت ڪا بہ تحرير ڪو نہ ڇڏي آهي. جنهن جو سبب اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ هُو پاڻ وحدت الوجودي فڪر جو هو ۽ ذات پات جي معاملن ۾ اُلجهڻ هُن لاءِ شايد ايترو ضروري نہ هو. تڏهن تہ پاڻ لکيو اٿائين:

”ذات ڇپاوت لوڪ ڏلاوت، لالن ڪِيَڙو لبيس.“[1]

بيدل فقير جو فرزند فقير محمد محسن ’بيڪس‘، بيدل فقير جو پهريون سوانح نگار آهي، جنهن پنهنجي والد بيدل فقير جي وصال تي هن شعر ۾ سندس تاريخ ۽ عمر محفوظ ڪئي آهي.

”هن تماشي گاهه ۾ اُٿِهَت سَندي آواز هو
مرضيءَ موجب پانهنجي سو سير صفاتي ساز هو

سال ٻارنهن سو اٺيانوي ۾ سوز گداز هو
سورهين ذوالقعد جي، هاديءَ سندو پرواز هو“[2]

فقير قادر بخش ’بيدل‘ جو تعلق سنڌ جي تاريخي شهر روهڙيءَ سان آهي. سندس خاندان فقيري حال ۽ خيال وارو هو جنهن کي روحاني فيض اڳ ۾ ئي مليل هو. پر بيدل فقير پنهنجي گهراڻي ۾ پهريون صوفي شاعر ٿي نروار ٿيو. هن جي عمر جا 29 سال مِيرن جي صاحبيءَ ۾ گذريا ۽ 30 سال انگريزن جي حڪومت جا ٻه هُن ڏٺا. بيدل فقير اعليٰ علمي لياقتن ۽ روحاني علم جي ڪري پنهنجو الڳ مقام ماڻيو. محققن يا سوانح نگارن بيدل فقير جي خاندان جو احوال سندس والد فقير محمد محسن کان شروع ڪيو آهي. سوانح نگارن بيدل فقير جي ذات پاتولي يا خواجہ ڄاڻائي آهي. اڳتي هلي سوانح نگارن سندس خانداني ڪرت پاتولي ۽ ذات قريشي لکي آهي. بيدل فقير جو والد صاحب فقيري خيال وارو درويش هو جنهن جو اڪثر وقت رياضت ۽ عبادت ۾ گذرندو هو .جنهن جو اثر بيدل فقير تي ٿيو. بيدل فقير نہ صرف شاعر هو پر هو هڪ وڏو مفڪر ۽ برک عالم پڻ هو. سنڌ جي صوفي شاعر سچل سرمست جي وصال وقت بيدل فقير جي عمر 14 سال هئي. سچل سرمست جي وصال وقت هن هيءُ ڪلام چيو:

”عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو
مست سالڪ من سچو عارف اتي اظهار هو

برهه جي برسات ۾ تنهن وير تي وسڪار هو
وجد وحدت جو سدا خاصوتنهين خمار هو

ظاهر و باطن تهين وٽ درد جو ڏڏڪار هو
مرد سو منصور وانگر عشق جو اوتار هو

منجهہ سخن تنهن جي الوهيت سندو آثار هو
جنگ جذبي جوش مستيءَ ۾ مثل عطار هو

پنهنجي رائي پرين نوي ورهيہ نروار هو
وصل جي پوءِ موج ماڻي ذوق جو ذخار هو

طور ٻارهن سو ٻائيتاليه جو طيار هو
چوڏهين رمضان هادي پون هسوار هو

قربدارن جي ڪٽڪ ۾ مرد منصبدار هو
در تهين داتا جي بيدل پرت جو پينار هو“[3]

بيدل فقير جي لکيل ڪتابن جو تعداد اڃان تائين حتمي انگ ۾ ناهي اچي سگهيو.

پير حسام الدين راشديءَ موجب ”بيدل فقير جا 26 ڪتاب لکيل آهن.“[4] پروفيسر شمس صابر ڪلوڙ موجب ”بيدل فقير جا 30 ڪتاب لکيل آهن.“[5] جڏهن تہ بيدل يادگار ڪميٽي جي سيڪريٽري اختر درگاهيءَ موجب ”بيدل فقير جا 30 ڪتاب لکيل آهن.“[6]

اڳتي هلي اختر درگاهيءَ پنهنجي ترتيب ڏنل ’بيدل سائينءَ جو رسالو‘ ۾ وڏيڪ تحقيق ڪري ”بيدل فقير جي ڪتابن جو تعداد 34 ڄاڻايو آهي.“[7]

پر بيدل فقير جي 150هين عرس جي موقعي تي شايع ٿيل بيدل نمبر 19 ۾ ڪتابن جو تعداد 36 لکيو ويو آهي. مطلب تہ اڃان ڪتابن جي سلسلي ۾ تحقيق ڪنهن حتمي انگ تي ناهي بيٺي تہ بيدل فقير جا ڪتاب گهڻا آهن. بيدل فقير جا لکيل ڪتاب سندس ماڻ ۽ مرتبي جو آئينو آهن, 59 سالن جي عرصي ۾ هن جيڪي 36 ڪتاب لکيا انهن مان سواءِ ٽن ڪتابن جي باقي سڀ عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ آهن. بيدل فقير جا ڪتاب قرآن مجيد, علم حديث ,مجازي ڪلام,تاريخ ۽ تصوف بابت نقطن کي چٽيءَ طرح بيان ڪن ٿا. سندس ڪلام, ’بيدل سائينءَ جو رسالو‘ ۾ سنڌي بيت, (وحدت نامو) فرائض صوفيا (متفرقہ بيت) سنڌي سرائڪي ڪافيون(سرود نامو) مرثيو منقبت, سرائڪي ڏوهيڙا ۽ سي حرفيون شامل آهن.

بيدل فقير جو ڪلام وحدت الوجودي فڪر, حسن, ۽ عشق جي موضوع تي شاعريءَ جي فن سان ڀرپور آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جي

شاعريءَ کان پوءِ بيدل فقير جي شاعري پنهنجي پوري سگهه سان سامهون آئي، جنهن صوفي فڪر جي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪيو. بيدل فقير کي ابتدائي طور متعارف ڪرائڻ وارن ۾ قاضي غلام مهدي، نارائڻ ڏي گرناڻي، فقير هدايت علي ’تارڪ‘ نجفي، پير حسام الدين راشدي، پيرومل آڏواڻي، ڪلياڻ آڏواڻي ۽ عبدالحسين شاهه موسويءَ جا نالا سرفهرست آهن.

سيدعبدالحسين شاهه موسوي ديوان بيدل ترتيب ڏيئي، سنڌي ادبي بورڊ حوالي ڪيو هو. ديوان بيدل جو پهريون ڇاپو 1954ع ۾ شايع ٿيو هو. جنهن ۾ بيدل فقير جو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام شامل آهي. هن ڪتاب جا هن وقت تائين چار ڇاپا ڇپجي چڪا آهن. ’ديوانِ بيدل‘، بيدل فقير جي سنڌي ۽ سرائڪي شاعريءَ جو اهم ڪتاب آهي. ديوان بيدل ۾ عبدالحسين موسويءَ جو لکيو عالماڻو مقدمو ڪتاب جي اهميت بيان ڪري ٿو. جڏهن ته ڊاڪٽر نوازعلي ’شوق‘ جو لکيل مختصر جائزو پڻ بيدل فقير جي فڪر ۽ فن کي نمايان ڪري بيهاري ٿو. گهڻن محققن بيدل فقير جي ڪلام کي ساڳي صورت ۾ توڙي ترجمو ڪري اشاعت هيٺ آندو آهي.

**بيدل فقير جا ڇپيل ڪتاب:**

| **ڪتاب جو نالو** | **موءلف / مترجم** | **ڇپائيءَ جو سال** |
|---|---|---|
| 1. ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري | گدومل هرجاڻي | 1940ع |
| 2. وحدت نامه | گدومل هرجاڻي | 1943ع |
| 3. بيدل جو سنڌي ڪلام | بولچند راجپال | 1950 ع |
| 4. ديوانِ بيدل | عبدالحسين شاهه موسوي | 1954ع |
| 5. پنج گنج | سبحان بخش قريشي | 1976ع |
| 6. پنج گنج (اردو ترجمو) | ڊاڪٽر نوازعلي شوق | 2000ع |
| 7. انتخابِ سرائڪي ڪلام | محمد اسلم رسالپوري | 1978ع |
| 8. ڪلامِ بيدل | گل محمد انصاري | 1989ع |
| 9. بيدل جو اردو ڪلام | اختر درگاهي | 1997ع |
| 10. مثنوي دلڪشا (سنڌي ترجمو) | ڊي ڪي منشاراماڻي | 1997ع |
| 11. پنج گنج (اردو ترجمو) | نوازعلي شوق | 2000ع |
| 12. بيدل فقير | ڊاڪٽر گلزار سومرو | 2001ع |
| 13. فوائد معنوي | غلام علي مسرور | 2001ع |
| 14. ديوانِ بيدل (اردو) | اختر درگاهي | 2003ع |
| 15. مثنوي دلڪشا | نوازعلي شوق | 2005ع |
| 16. ديوان سلوڪ الطالبين | ڊاڪٽر خضر نوشاهي | 2006ع |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 17. | ديوان منهاج الحقيقت | ڊاڪٽرخضر نوشاهي | 2006ع |
| 18. | ديوان مصباح الطريقت | ڊاڪٽرخضر نوشاهي | 2011ع |
| 19. | تاريخي قطعات | مرزا فتح علي بيگ | 2008ع |
| 20. | روض عشق | مرزا فتح علي بيگ | 2009ع |
| 21. | وحدت نامہ | آزاد قاضي | 2009ع |
| 22. | فوائدي معنوي | فقير منل مسرور | 2011ع |
| 23. | بيدل سائينءَ جو رسالو | اختردگاهي | 2011ع |
| 24. | قرت العينين في مناقب السبطين | نوشاد جعفري | 2011ع |
| 25. | عبدالقادر بيدل (احول وآثار) | عبدالغفار سومرو | 2012ع |
| 26. | منهاج الحقيقت (سنڌي) | عبدالوحيد انيڙ | 2013ع |
| 27. | غزليات بيدل فارسي | روزينہ انجم نقوي | 2016ع |

ويجهي ماضيءَ ۾ بيدل فقير جي سوانح ۽ سندس ڪلام تي ڪافي مقالا مضمون لکيا ويا آهن. ڊاڪٽر بدر ڏاماراهي پڻ ’بيدل فقير جي ڪلام جي لغت‘ تيار ڪري روشني پبليڪيشن پاران شايع ڪرائي آهي. هر سال ٿيندڙ عرس جي موقعي تي بيدل فقير يادگار ڪميٽيءَ طرفان’بيدل نمبر‘ شايع ٿيندو رهي ٿو هن وقت تائين ان ڪتابي سلسلي جا 20 ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. ’بيدل نمبر‘ ۾ هر سال عرس جي موقعي تي پڙهجندڙ مقالا ۽ منظوم پيڙا شامل هوندا آهن.

بيدل فقير جي سنڌي شاعريءَ جا رنگ جيترا گهرا آهن اوترا ئي روشن ۽ شفاف آهن.

**وحدت نامو:**

بيدل فقير جو ’وحدت نامو‘ سندس اهم شعري تصنيف آهي. جيڪا بيتن تي مشتمل آهي ’وحدت نامي‘ جا سڀ بيتَ دوها سورٺا ڇند جي گهاڙيٽي ۾ لکيل آهن جنهن جو پهريون بيت هيءَ آهي.

هستي کي هم اوست ۾، ڪيو گم جنين
ڏٺو ترت تنين، اکين شعاع شهود جو (8)

مٿيون بيت توڙي ’وحدت نامہ‘ جا ٻيا بيت دوها سوٺا ڇند تي لکيل آهن، اهڙي قسم جو پهريون بيت شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جو بہ لکيل آهي.

پاٽياريءَ سر ڀڙو، جر تي پکي جيئن
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾ (9)

بيدل فقير جي وحدت نامي ۾ هڪ اهم ڳالهہ اها بہ آهي جو پنجن بيتن کان پوءِ وراٽي تبديل ڪئي اٿائين. وحدت نامي جو اصل مقصد توحيد آهي ۽ ڪثرت کي وحدت ۾ گم ڪرڻ آهي. هن بيت جي مفهوم تي غور ڪرڻ سان اها ڳالهہ ظاهر

ٿئي ٿي تہ جڏهن ماڻهو ڪلمو پڙهڻ شروع ڪري ٿو تہ اڳ ۾ انڪار ڪري ٿو ۽ پوءِ اقرار ڪري ٿو يعني ڪفر ۽ ايمان گڏجي پون ٿا ۽ پوءِ مولا جو مظهر ٿئي ٿو ائين مسلمانن ۽ هندن جو مثال آهي، پوءِ ائين ئي سچائي پڌري ٿي پوي ٿي. جيئن سج جي روشنيءَ تي ستارا گم ٿي ويندا آهن. بلڪل سندس هن بيت جيان:

حقيقت ۾ هڪ ٿيو ڪفر ۽ ايمان
مظهر مولا پاڪ جي، هندو مسلمان
تارا ڪيا تالان، سورج سندي سوجهري (10)

بيدل فقير پنهنجي شاعريءَ ۾ قرآن پاڪ جون آيتون ،رسول الله صہ جون حديثون ۽ عربي ٻوليءَ جا قول گهڻي ڀاڱي استعمال ڪيا آهن. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ بيدل فقير تمام گهڻو علم رکندڙ ماڻهو هو ۽ ٻين ٻولين جي بہ ڪيس گهڻي ڄاڻ هئي.

**فرائض صوفيہ:**

وحدت نامي کان پوءِ 'فرائضِ صوفيہ' واري شاعريءَ جي حصي ۾ بہ بيدل فقير انهيءَ ئي ساڳئي فڪر کي اڳتي وڌايو آهي، هو چوي ٿو تہ جيڪڏهن ڪلمو پڙهيو اٿئي تہ ان تي عمل بہ ڪر، ائين صرف لفظن جو اچارڻ صحيح ناهي. ڪلمو پڙهي ڪلمي جي اصل مفهوم تي غور ۽ فڪر ڪري ۽ 'لا' وارو ڪلمي جو جز پنهنجي دل تي لکي ڇڏ. ان کان پوءِ وحدت واري اصل حقيقت کي هٿ ڪر، جيڪا اصل منزل آهي. بيدل فقير جو هي بيت بہ دوها سورٺا ڇند تي لکيل آهي.

ڪوڻائين تو ڪلمہ گو ڪلمو پڙهڻ سک
فڪر جي ڦرهيءَ اتي، لا جو اکر لک
معني واري مک، حرفن مؤن هٿ آڻ تون (11)

فڪري ۽ فني حوالي سان بيدل فقير جا 'فرائض صوفيہ' واري حصي ۾ لکيل بيت سندس خيالن جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا. وحدت الوجودي فڪر بابت بيدل فقير چوي ٿو تہ 'الاالله' جي دعوا ڪندڙ يا شاهدي ڏيندڙ تون شڪ کي ويجهو بہ نہ وڃ تو کي گهرجي تہ تون 'اناالحق' چئي صحيح ايمان کي ماڻ.

الاالله اثبات ڪر، شارڳ ڇڏي شڪ
آکي اناالحق، مسلماني ماڻِ تون (12)

**ابيات سنڌي/ متفرق بيت:**

وحدت نامي ۽ فرائض صوفيہ وارن حصن کان پوءِ بيدل فقير جي 'ابيات سنڌي' واري حصي جي شاعريءَ ۾ 27 بيت سنڌي ۽ 8 متفرق بيت اچن ٿا. جنهن ۾ بيدل فقير لوڪ ڪهاڻيون يا قصا تمثيل ۾ ٻڌائڻ بجاءِ 'همہ اوست' واري صوفي فڪر کي مرڪز

ٻڌائي ڀڏايا آهن. مثال طور هي بيت:

موڪل ٿي مارئي کي، هلي پنهنجي ديس
وصل سندو ويس، پهريائين پريت ڪون (13)

يا بيدل فقير جو هي بيت جنهن ۾ هو پنهنجي حقيقي محبوب کي پنهنجي ساهه کان به ويجهو ٿو سمجهي ۽ هڪڙي گهڙي به ان کان پري نه ٿي سري سگهيس.

ساهئون ويجهو سپرين، پرين ناهه پري
جنهن ريءَ ڪين سري، ساعت هڪڙي ساهه کي (14)

ڄام تماچي ۽ نوريءَ جي ڪردارن جي تمثيل ۾ بيدل فقير چوي ٿو ته سمي جي ساڻ نوريءَ کي سراپا نور ڪري ڇڏيو ۽ سمي سان پريت جي ريت نوريءَ کي ڏکن کان تمام پري ڪري ڇڏيو. نوريءَ کي تماچيءَ وٽ وڃي ئي عزت ۽ مان مليو. بيدل فقير ان لوڪ ڪهاڻيءَ ۾ اهو ٿو سمجهائي ته پنهنجو ساڻ خالقِ حقيقي سان ڳنڍڻ سان انسان جي اندر نور جي پالوٽ ٿئي ٿي ۽ ڏک ڪانئس پري هليا وڃن ٿا ۽ محبوب وٽ ان گنهگار کي به مانُ ملي ٿو.

سرهي سنگ سمي جي، ڪيو نوريءَ کي نور
نسبت نماڻيءَ کي، ڏکن کون ڪيو ڏور
هلي منجهه حضور، مهاڻيءَ مانُ لڌو (15)

بيدل فقير جا ڪجهه نوان بيت به 2015ع واري 'بيدل سائينءَ جو رسالو' ۾ شامل ڪيا ويا آهن. جن ۾ به بيدل فقير اها ڳالهه ورجائي آهي ته منزل کي سڃاڻي ان طرف سفر جاري رکيو وڃي، ننڊ ۽ آرام ڪرڻ سامين سکيو ئي ناهي توڙي جو تڪليفون اچن پوءِ به منزل جي ملڻ تائين سفر جاري رکي محبوب تائين پهچن ٿا.

سامي ڪين سمهن، پنڌ پڙو پورب جا
آديسي آڏيءَ کي، رون او روڪن
واڍوڙيا ووڙن، سدا واٽ وصال جي (16)

**بيدل جون سنڌي ڪافيون:**

بيدل فقير جي سنڌي ڪافين جو تعداد سندس رسالي ۾ 87 آهي، جيڪي مجاز توڙي حقيقت جي فلسفي ۽ فڪر سان ڀرپور آهن، جيئن سندس هيءَ ڪافي آهي، جنهن ۾ هو چوي ٿو ته محبوب پاڻ اچي اسان ۾ سمايو آهي هو. مختلف روپ ڌاري اچي ٿو ۽ سوين صفاتي نالن سان نروار ٿئي ٿو برهه جا سڀ بار نه صرف ڪٽي ٿو پر انهن کي اکين سان چمين ٿو. هو بزرگيءَ ۾ به غرور محسوس ڪري ٿو تڏهن ته ان کان ڀڄي رنديءَ جا رنگ ٿو رچائي، جنهن سان ڪيس سڪون ملي ٿو:

ڪري سينگار صورت جو اچي سڀ ۾ سمايا سي
صفت ۾ پانهنجي رائي سوين نالا سڏاياسي

شيرين فرهاد جو نالو ڪري عالم ۾ آياسي
بهاني بيڪ مجنون ۽جي نڪي ليليٰ لڪاياسي

ڏڪي جامون جلالت جو هزارين هل هلاياسي
موسيٰ فرعون مون مورت عجب چالا چلاياسي

ڪڏهن ٿي قم باذني جا حڪم حقي هلاياسي
ڪڏهن عشقئون انالحق جا وري ڪي گيت ڳاياسي

بره جا بار بدناميون چمي چشمن تي چاياسي
بزرگي ۽ ڪي ڇڏي بيدل رنديءَ جا رنگ رچاياسي (17)

بيدل فقير جي ڪافين ۾ اهم ڳالهه محبوب جو هر جاءِ پسڻ آهي، هو جڏهن صورت جي سردار کي پنهنجي اڳڻ تي پسي ٿو ته سندس آجيان هنن خوبصورت لفظن سان ڪري ٿو:

صورت جو سردار، پلي ڪري آيو
واعدا پنهنجا سيئي پاڙيائين، سهٽي يار سچار
اڱڻ اسان جي پير گهمايا، مهر منجهون منٺار (18)

مطلب ته بيدل فقير وٽ پنهنجي محبوب سان ملڻ جهڙي ڪا بي خوشي ڪانه هئي، هو عشق ۽ مشڪ جي لڪائڻ جو به قائل نه هو ڇو ته هو چوي ٿو ته نه ئي عشق لڪي سگهي ٿو نه ئي عاشق جنهن جي دل ۾ پيار هجي اهو لڪڻ ممڪن ناهي.

عشق سندو آثار، نه ڪي ڳجهو رهندو
بره سندو بيمار، نه ڪو لڪو رهندو (19)

**مرثيو:**

بيدل فقير پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪربلا جي شهيدن کي به ياد ڪيو آهي ۽ هڪ مرثيو چيو آهي،

جن حق جي خاطر پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪيو پر باطل جي بعيت نه ڪئي. بيدل فقير ان سچي وارتا کي بيان ڪيو آهي:

ڪربلا ۾ شاھ جڏھن مھمان ٿيو
درد غم جو ات وڏو گمسان ٿيو

ڪربلا ۾ آيو جڏھن ابن رسول
جانشين مولا جگر گوشئہ بتول
ورھ جي واديءَ ۾ ڪيو نرمل نزول
سوز سورن جو سپيو سامان ٿيو (20)

**منقبت:** بيدل فقير ھڪ 'منقبت' بہ چئي آھي، جنھن ۾ ھن قلندر شھباز مروندي ڪي ياد ڪيو آھي، جنھن ۾ ھن قلندر شھباز ڪي پنھنجو رھبر ٿي اچڻ جي ڳالھ صبا سان ڪئي آھي ۽ قلندر شھباز جو نسب بيان ڪيو آھي:

اي صبا وڃ لڳ خدا جي ھڪ گھڙي
طرف روضي شاھ سيوستان وري
صد تحيت صدق مونُ پڙ تي پڙي
چئج ڏس احوال گر بخشش گري

يا قلندر وير واھر ٿي وري
مير مروندي رسي ڪر رھبري

تون نبيءَ جي باغ جو آن نونھال
تون علي زاده ضيائي ذوالجلال
تون حسن جو لاڏلو شھباز لال
تون حسيني بادشاھ بدرالڪمال (21)

**نتيجو:**

بيدل فقير ھڪ عالم ۽ عارف ھجڻ سان گڏ اھڙو صوفي ھو جنھن ھر اُن عمل سان مزاحمت ڪئي، جنھن ۾ ڪيس اوڻائي نظر آئي. ھو عالم ۽ عارف ھجڻ سان گڏ بھترين شاعر بہ ھو. سندس ڪلام خدا جي مخلوق لاءِ ھڪ بھترين سبق آھي. بيدل جي شاعري سنڌي، سرائيڪي، عربي ۽ فارسيءَ ۾ بہ آھي. سندس سنڌي ڪلام ۾ بہ صوفياڻو فڪر ۽ نصيحت آموز نُڪتا سمايل آھن.

## حوالا:


1. درگاهي، اختر، مرتب، ’بيدل سائينءَ جو رسالو‘، ص 43، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت، سنڌ، ڪراچي، سال 2015ع.
ساڳيو حوالو ص 44.
2. ساڳيو حوالو ص 75.
3. درگاهي، اختر، مرتب، ’بيدل نمبر پهريون‘، ص 39، بيدل يادگار ڪميٽي، روهڙي، سال 2002ع.
4. ساڳيو حوالو ص 69.
5. درگاهي، اختر، ’بيدل بيڪس، سڪايل‘، ص 29، بيدل يادگار ڪميٽي، روهڙي، سال 2005ع.
6. درگاهي، اختر، مرتب، ’بيدل سائينءَ جو رسالو‘، ص 86، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت، سنڌ، ڪراچي، سال 2015ع.
7. موسوي عبدالحسين شاهه، مقدمو ۽ ضميما، شوق، نوازعلي، ڊاڪٽر، تصيح، ديوانِ بيدل، ڇاپو ڇوٿون، ص، 115، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سال 2012ع
8. جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، ’سنڌي ادب جي مختصر تاريخ‘، ص79، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، سال2000ع.
9. درگاهي، اختر، مرتب، ’بيدل سائينءَ جو رسالو‘، ص 177، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، سنڌ سال 2015ع.
10. موسوي عبدالحسين شاهه، مقدمو ۽ ضميما، شوق نوازعلي، ڊاڪٽر، ديوانِ بيدل، ڇاپو ڇوٿون، ص، 133، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سال 2012ع
11. درگاهي، اختر، مرتب، ’بيدل سائينءَ جو رسالو‘، ص 177، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت، ڪراچي، سنڌ سال 2015ع.
12. ساڳيو حوالو ص 200.
13. ساڳيو حوالو ص 203.
14. ساڳيو حوالو ص 204.
15. ساڳيو حوالو ص 205.
16. ساڳيو حوالو ص 208.
17. ساڳيو حوالو ص 231.
18. ساڳيو حوالو ص 253.
19. ساڳيو حوالو ص 253.
20. ساڳيو حوالو ص 258.
21. ساڳيو حوالو ص 258.

# SINDHI BOLI

HEC recognized Research Journal

Editor:
**Dr. Muhammad Ali Manjhi**

**SINDHI LANGUAGE AUTHORITY**
HYDERABAD, SINDH

**SINDHI BOLI [Research Journal]**

| | |
|---|---|
| Editor: | Dr. Muhammad Ali Manjhi |
| Joint: Editor: | Shabnum Gul |
| Sub Editor: | Shoukat Chachar |
| Volume: | 14th - Issue: 2nd (December 2021) |
| Composing: | Rahim Pasha Khowaja |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Published by: | Sindhi Language Authority,<br>National Highway, Hyderabad Sindh, 71000 |
| Price: | Rs.300/- |
| E- mail: | sindhiboli@sindhila.edu.pk |
| Online link: | www.journal.sindhila.org |
| Printed by: | M/S Pakeeza printers, Hyderabad |

**ISSN-L: 2519-9765 Print Version**

**ISSN: 2521-4608 online Version**

**www.journal.sindhila.org**

## Policy & Guidelines for Authors.

- The Research Paper must be written on the topics of Linguistics, Sindhi Language and Literature.
- In composing (MB Bhitai Sattar) Font size 13 be used.
- The Abstract in English of the Research Paper must be included.
- The references should be in MLA or APA style.

## Editorial /Advisory Board (National

**Dr. Nawaz Ali Shoq**
Ex-Chairman
Sindhi Language Authority

**Prof. Dr. Fahmida Hussain**
Ex-Chairperson
Sindhi Language Authority

**Dr. Kaleemullah Lashari**
Research Scholar
Karachi

**Prof. Dr. Anwar Figar Hakro**
Dean Faculty of Arts:
Sindh University, Jamshoro

**Prof. Dr. Ishaq Samejo**
chairman
Sindhi Depart:
Sindh University, Jamshoro

**Prof. Dr. Adal Soomro**
Ex-chairman, Sindhi depart:
SALU, Khairpur Mirs

**Dr. Hakim Ali Buriro**
Asstt: Prof.
Depart: of Pakistani Languages
Allama Iqbal Open University, Islamabad

**Dr. Manzoor Ali Veesrio**
Asstt: Prof.
NIPS, Quaid-e-Azam University, Islamabad

## Editorial /Advisory Board (International)

**Dr. Jetho lalwani**
Scholar/ Ex: Director
National Council for Promotion of
Sindhi Language (India)

**Prof. Dr. Baldev Matlani**
Ex-Chairman, Sindhi Department, Mumbai
University (India)

**Dr. Roshan Golani**
Chairman, Board of Studies  Gujrat
University Ahmedabad, (India)

**Dr. Kamla Goklani**
President (Women Wing)
Akhal Bharat
Sindhi Boli & Sahat Sabha (India)

**Dr. Haaso dadlani**
Head of Sindhi Department,
Samrat Pirthivi Raj Chauhan Govt. P.G
College Ajmer Sharif (India)

**Dr. Suresh Bablani**
Research scholar
Panchsheel Nagar,
Ajmer (India)

**Dr. Sandhya C.Kundnani**
Head of Sindhi Depart:
Chandi Bai College,
Ulhas nagar (India)